تازو سندس نوجوان پٽ جو هاسپيٽل ۾ علاج هلندي مرتيو ٿيو. هلڻو سيني کي آهي پر پر پڪل ميوو ڪرندو آهي ، هي تہ اڃان نوجوان هو. سڄو شهر دک ۾ ٻڏي ويو. ڪمار لاءِ اهو وڏو جهٽڪو هو. هڪڙو پٽ اهو بہ پيءُ کي ڇڏي رمندو رهيو. چوندا آهن تہ اهو پيءُ لاءِ وڏي ۾ وڏو دکدائڪ ڏينهن هوندو آهي جڏهن پٽ جي مڙه کي ڪندو ڏيڻو پوندو آهي. خبر پوندي ئي شهر اچي پلٽيو. ڪمار صاحب اصل جهول نہ پيو ڏئي. سر سان حشام ماڻهن جا شانتي نگر شمشان يومىءَ ۾ گڏ ٿيا. هر ڪنهن جي منهن مان اعزا پرسي پئي بڪي. شهر ۾ ڪينترا بئنر لڳي ويا تہ صاحب اسان توهان سان آهيون. قدرت جو ڀاڻو آ - منو ڪري پوڳڻو آهي. پٽي ۽ لوناوالا مان شاهي بورڊ مقرر جڳهين تي لڳي ويا. سڀ سنڌن دکہ ۾ شريڪ هئا.

پڳڙين تي بہ هزارين پبلڪ - شهر جي هر ڏنڌي ڌاڙي وارا حاضر هئا. هزارين هٿن سرڳيءَ لاءِ پرارٿنا ڪئي تہ سندس آتما کي شانتي ملي ۽ سندن فئملي - ماتا پتا کي دک سهڻ جي شڪتي ڏئي.

اڄ سوڌو هو شانت چت سان پبلڪ جي سيوا ۾ لڳل آهي. اوم شانتي.

چيٽي چنڊ اُتسوُ هر سال سرڪل چيٽي چنڊ اُتسوَ تي پنهنجو ساليانو رسالو 'سنڌو' عربي سنڌيءَ ۾ ظاهر ڪندي آهي. هن سال ڊجيٽلائيز جي ڪري سيني ليکڪن - شاعرن - ساهتڪارن - سڪول - ڪاليج وغيرہ کي اٽڪل 700 سنڌو جون ڳڏ ڪيل ڪاپيون موڪليون ويون آهن. پل اهو وکر جدا جدا شهر ۾ سوگهو هجي.

## چيٽي چنڊ

گهڻو وقت اڳ ٽي.وي تي هڪ اشتهار ايندو هو. آڌا بوکہ، آڌا پياس (آڌ بکہ، آڌ اُڃ) (مئنگولا). سرڪل جي سنڌو بہ اسان لاءِ ائين آهي. اشتهار وٺي سڄي سال لاءِ پئسا ڳڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ڪيترا مددي هٿ بہ پهچي ويندا آهن. هڪ دمدار مئگزن ''سنڌو'' جو سنڌي ساهتيہ - ڪلچر - ملٽي ڪلر ۾ ڦوٽا - سرڪل ۾ هلندڙ ڪارج جا ڦوٽا - ڪيل جلسا، هاڻ هر مهيني ٻهراڻو، جيڪو سرڪل جي وومين ونگہ جنهن ۾ سڀ ليڊيز ڀاڱہ وٺنديون آهن. سندن اڳوان پروفيسر مونا روپاڻي، آهي. مسٽر هريش روپاڻي بہ اُن ۾ ڪين ساٿ ڏيندو آهي. سندن اهو ٻهراڻو سوامي شانتي پرڪاش جي بزرگن وارو آشرم ۾ پورو ٿيندو آهي. بزرگن جي وندر لاءِ پاڻ ۾ ئي پروگرام ڏينديون آهن. اُن مان سرڪل جي ڌرمي ماحول جي جاڻ پوندي آهي. شري سندر ڊنگواڻي ۽ رام جئسنگهاڻي جهوليلال جا خاص پوڄاري آهن. ٻهراڻي جو سمورو خرچ پريزيڊنٽ شري جڳديش ڪانجهن (ڊبئي وارو) ڪندو آهي. پاڻ بہ موقعي سارو ٻهراڻي تي حاضري ڀريندو آهي. جهوليلال جي مٿس مهر ٿيندي.

سرڪل کي پنهنجي شاندار شاهي بلڊنگہ آهي. ان کي جوڙائڻ ۾ سروَ شري مُکہ سيڪريٽري سندر جو سهڻو يوڳدان آهي. الائي ڪيترا اوجاڳا ڪيئي سامهون بيهي ڪم ڪرايو آهي.. وقت جي ڪاميٽي جو ڪيس پورو ساٿ آهي. هونءَ بہ ڪاميٽي جو سندر ۾ پرپور وشواس آهي. هاڻ تہ ڪيس مسٽر هريش روپاڻي جهڙو اثردار همراه ملي ويو آهي. بہ تہ بارهان عوام پبلڪ جو بہ سرڪل ۾ وشواس آهي. ان ۾ هلندڙ ڪارج ضرور ڌيان ڇڪائين ٿا. گهرجائو ودوائن کي راشن بہ ڏنو ويندو آهي. ان جي انتظام ۾ بہ ڪيترا ميمبر ڀاڱہ وٺندا آهن. خاص ڪري پرڪاش جهوراڻي حاضري ڀريندو آهي. روبرو ڏسي سگهجي ٿو. اهو ڏسندي هوُ بہ چپ چاپ ۾ دان ڏئي ويندا آهن.

هر ڏڻ وار تي ميمبر پاڻ ۾ ڳڏجي ميلو مچائيندا آهن. پر سيني جو اڳوان سندر ۽ فقط سندر ڊنگواڻي. سائين ڪيس وڏي حياتي ڏئي، بد نظر کان بچائيندو رهي. مٿس مهر جو مينهن وسندو رهي. ٻاهر هاڻ ائين ٻڌبو آهي تہ سندر واري سرڪل - جئہ جهوليلال.

**نند ڇڳاڻي**

24 مارچ، 2025

**اُلهاسنگر**

◆◆

# جُتي

سنڌيڪار - نند ڇڳاڻي ✍ ليکڪا: جيا جادواڻي

ساه ڇڏڻ کان پوءِ ئي هن کي وينٽليٽر کان هيٺ لاٿو ويو. اُن وقت وڏي اَسُر جا ٽي ٿيا هئا. ٻن ڏينهن کان هوءَ بيهوش هئي. ڊاڪٽرن جي ڳالهائڻ مان صاف ظاهر هو تہ هوءَ ڪجهہ وقت جي مهمان آهي. سڀ اِنتظار ۾ هئا.

هاڻ سڀ سماپت ٿي چڪو هو. سڀ وڃي چڪا هئا. فقط هن جا ٽي پٽ سامهون سنسان رستي تي هئا. هن وقت گهر ڪٽائي وڃڻ سان سيني جي ننڊ ۾ خلل پوندو. هڪ ڇڙو هاسپيٽل جو بل ادا ڪرڻ ويو تہ باقي ٻن ڄڻن پنهنجا کيسا سنڀاليا. هنن کي بہ تہ حصو ڏيڻو پوندو.

[دل ۽ ڏُن وٽان اڻسهنديڙ پيڙا ... هاڻ ختم -) .... هاڻ نرجيو .... سرير مان نڪري ڇڻ ٻاهر چوڌر گهمي رهي آهيان. مٿان ئي مٿان پئي گهمي. ها! ڇا ٿي ويو... هتي بہ مان آهيان... سرير هتي بہ مان آهيان. بنان ساه سرير... ڇا - پلا ، .... نہ نہ مان پنهنجي سرير ۾ وڃان... پر ڪٿان وڃان... سڀ دروازا بند... سڀ تہ ڏسان پئي. هاسپيٽل بستري تي.. ڊاڪٽر ... هو بہ پٽ .... اڇي چادر پئي لهرائي.... سمجهي ويس تہ هي ڪال پڳوان جو دوت ونڻ آيو آهي... سيڙي وينو آهي.... پر هاڻ مان ويندس.]

صبح جو ڇهين بجہ هن کي هاسپيٽل مان گهر کٽي آيا. گهر ۾ پراڻيءَ کي ٿڌي برفاني باڪس ۾ رکيو ويو. نڪ ۾ ڪپهہ جو پوپو وڌو ويو. وات ايترو کليو رهيو جو ڏند بہ صاف ڏسجي رهيا هئا. وارن کي گڏي چوٽو- مُٺو ڪري ٻڌي ڪري ڇڻ مٿو وڏو پئي ڏسڻ ۾ آيو. چهري تي گهنج صاف ٿي بيٺا هئا. هاسپيٽل وارن باديءَ کي پيڪوڙي اڇي چادر ۾ اِئين ٻڌو جيئن کڻڻ ۾ سهوليت ٿئي.

[هڪ ڀيرو وري پنهنجي مرتڪ سرير کي ڏنم. ٻڌي- لاچار - ويچاري ايترو ڏيان سان مون پاڻ کي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو. هن سان سوُر جو رشتو رهيو. سالن کان انڪري تڪليف پئي ڏني. ڇا هاڻ هن جو ڪم خلاص ٿي ويو؟هاڻ خبر پيئي تہ هو سيني پيڙائن- روئڻ-ڌوئڻ، بڪہ - اُڃ- جاڳہ- بيمارين کان ڇٽي ڏور پهچي وئي. ڇا! اُهو ئيموٽ آهي؟ هاڻ بي فڪر سکون ۾ آهي. سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ هاڻ اڳتي ڇا؟ هڪ دفعو وري بہ پنهنجي ديهہ ۾ واپس ورڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڪجهہ مفاصلي تي هوا ۾ لٽڪندي رهيس.]

چوڌاري ڪيتريون زالون وينيون آهن. ڪي تہ ٻڌي، تہ ڪن کي سڏايو ويو.

”قسمت سني هئس. فقط ڪجهہ ڏينهن ئي هاسپيٽل ۾ گذاريائين. نہ تہ ڪير ٿو شيوا ڪري. نونهر تہ هاڻ گڏ رهن ئي ڪونہ. ان ڊپ کان گهر ئي ڇڏي وڃن.“ ڪنهن ڊيک ڇڏيو.

”ڏيئر توڙي پٽ ڪير ڪنهن سان گڏ ڪونہ آهي. سيني کي اڪيلو جيئڻو مرڻو آهي.“ ڪنهن ٻئي چيو.

”ڏيئرن وٽ بہ نياپو ويو هوندو؟.....“

”ها، شام تائين پهچي ويندين. تڏهن تہ سنسڪار جو ٽائيم بہ شام جو ڪيو اٿس...“

”ڏياري اڄڻ واري آهي. ڏسوا هن اُن لاءِ نئون وڳو به سبايو آهي. پر اُن کان اڳ رمندي رهي.“

”ادي هاڻ ڪهڙي هولي - ڪهڙي ڏياري؟....“

سامهون ميز ۾ وينل زالن پاڻ ۾ پئي ڳالهايو.... ”اڃان ته صبح جا اٺ مس ٿيا آهن. گهر جي ڪم ۾ به ته مشغوليون آهن.“

”تو وٽ فون ڪيڏي مهل آيو؟“

”فون ته رات جو وڳو.... پر ڪنهن کنيو ڪونه.... صبح جو خبر پئجي وئي.“

”سنو ٿيو، پنهنجي هلندي هلي وئي... بڍاپو ڏاڍو خراب آ.“ ڪيترن سالن کان ته اسان ڪيس رئندي رڙندي ڏٺو. گهر ۾ ته ڪير ڳالهائيندو ئي ڪونه هئس ۽ هن کي پڃيءَ جي عادت. ان ڪري گهڻو ڪري ڪنهن نه ڪنهن مٽ مائٽ وٽ هلي ويندي . ”جنهن گهر کي ناهڻ لاءِ سڄي حياتي ٿي ڏجي. هڪ ڏينهن اُتان نڪرڻ لاءِ به لڳڻو ٿو پوي.“

”ها - پنهنجي پيٽ جائي ڌيئرن وٽ به ٻه ٻه مهنا رهي آئي. ڇئي پئي واپس ورندي دل ڪونه پئي ٿئي. پر ڌيئرن وٽ به گهڻو رهبو؟“

”ڇا، هو سندس سنڀال لهنديون هيون؟“

”ضرور لهنديون هونديون تڏهن ته سندس اچ وڃ جاري رهي.“

”ها! ڌيئر خيال رکن ٿيون.“

[پنهنجي ئي سرير جي چوڌاري ڦرندي ڏسي ٻڌي رهي آهيان. پر بلڪل چٽو ڪونهي. ڪڏهن نظارو ڌنڌلو ٿيو پوي. ۽ پاڻ کي تلاءِ ۾ ترندو پئي محسوس ڪيان. لڳي به ٿو ڪير اُن طرف ڇڪي رهيو آهي. پر مان واپس وريو پئي اچان... مونکي ڪاڏي به نه وڃڻو آهي.... پنهنجي سرير ۾ واپس گهڙي ئي ڪوشش ڪيم. يا وينل عورتن سان ڪجهه چوڻ جي پر ڪجهه به نه ھٽ آيو. اتي ئي پئي چوڌاري گهمان.]

روئڻ جو پڙڪو به ڪونهي. گهر ۾ جڻ راحت ٿي وئي آهي. هڪ ننڍڙي رنڌڻي ۾ ته به ٻاهر بندوبست ۾ پوريون آهن. صوفا کي هڪ طرف ڌڪيلي جڳهه ناهي وئي آهي. وچ تي چادرون ۽ ڏريون وڇايون ويون.

ٻاهر جتيون - چمپل وڌندا پيا وڃن. گهرن جي ڪمن کان واندي ٿي زالون ايندڙيون پيون وڃن. ڪنهن جي هٿ ۾ وڏو چانهه جو ٿرماس ۽ گلاس، ڪنهن کي پوهن جا هاٿ پاٿ ته ڪنهن کي سئنڊوچ. جيستائين پراڻي گهر ۾ آهي ته چلهه ڪونه ٻرندي. پاڙيسرين وٽان ڪجهه نه ڪجهه پيو ايندو .

جنهن کي چانهه جي طلب ٿي اُٿي رنڌڻي ۾ وڃي ڪجهه ڪائي چانهه پي پيون اچن. ٻاهر مردن وٽ چانهه - ناشتي جو دؤر چالو آهي. دنيا ڀر جي سياست تي گرماگرم بحث پيو هلي. جدا جدا سياسي پارٽين جو جڻ پوسٽ مارٽم آهي. ڪن کي دڪان کولڻ لاءِ وڃڻو به آهي پر اهڙو گرماگرم بحث کي ڪير ڇڏي؟؟

ٿئي پٽ هڻ پٽ ۾ پورا. هڪ موبائيل تي نياپا پيو ڏئي . ٻيو آيل ڪرسين ۽ ماندي منهه کي لڳائڻ ۾ پورو. ٽيون ڪرياڪرم جي سامان جي لسٽ ۾ پورو. سڀ اوچتو ته ڪونه هو. پوءِ به اچانڪ ئي ڇٽبو. ڪيترا ڪم اڌ ۾ ڇڏيا پيا. هلندڙ زندگيءَ جا ڪم ٻيا - موت وٽ جدا آهن. توبهه .

اهو به ٺيڪ ٿيو جو هاڻ بيمار جي بلن کان ڇُٽي پياسين. ۽ هن ڪجهه ڪم آيل مٽن مائٽن کي سونپي ڇڏيا.

حجم پنهنجي اُستري وغيره سان اچي ويو. گهر جي سامهون مردن جا وار لاهڻ لڳو. هڪ شفاف چادر تي هن وار لاهڻ شروع ڪيا. جنهن کي وار نه ڏيٺا هئا اُنهن جي فقط چڳه وڌي وئي.

زالن جو چانهه ناشتي جو ڏڍُ پورو ٿيو. مرتڪ سرير جي آس پاس ويهجي ويون. موبائيل تي پاٺ:

‘हउ मेला मलु कहबु न धोवै
हरी का नामु कोटि पाप खोवै
ऐसा नामु जपहु मन रंगि
नानक पाईऐ साध कै संगि.’

[مون کان سواءِ ڪير ڪونه پيو ٻڌي. ڪنهن کي ڇئي نٿو سگهجي. زالون جڏهن ستسنگ ۾ هال ۾ هڪڙو ته ٻاهر ٻيو ستسنگ پيو هلندو آهي. ٻاهر وارو اندر واري ستسنگ کي ڪاٽي ڇڏيندو آهي. پر پوءِ به چندي وانگر ڪي ڦينگون ضرور پڇڻديون آهن.]

هڪ ڄڻيءَ گوڏا سڌا ڪري سور جي دانهن ڪئي. ٻڌاپي ۾ هن سور جو چا ڪجي. ڇڏي ئي نٿو.

”اڙي تون ڊاڪٽر دڪشت کي ڇو نه ٿو ڏيکارين؟“

”ڪنهن ڪنهن کي ڏيکاريان سڀ ڊاڪٽر هڪ جهڙا آهن.“ سور ۾ ڪڙهائيندي هن چيو.

”ادي هڪ بيماري هجي ته علاج ڪيان. هت ته بيمارين مٿان ٻيون وينيون آهن.“

سري پري ٻيون زالون به ان بحث ۾ شامل ٿي ويون ۽ هاڻ شهر جي سيني ڊاڪٽرن جي وڍ ڪٽ شروع ٿي وئي.

زالن وٽ گوڏن جو سور، چيلهه جو سور، ننڊ نه اچڻ، ڪمزوري- ٻڌاپي ۾ اهڙيون هزارين بيمارين جون ڪٿائون آهن. جن کي هو تاس جي پتن وانگر ڊاپينديون آهن. ڏيکاري مسڪراهٽ به ڏيکاريندڀون. شادي غمي جي موقعي تي گڏجاڻي ۾ ٻاهر ڪڍي هنياءُ ٺاريندڀون آهن.

ڪجهه وقت کان پوءِ وڏي ڌيءَ هال ۾ قدم رکيو. ماءُ اڳيان هلڪي سُر ۾ روئڻ جو اواز نونهر به اچي شامل ٿيون. وڏيون سڏيون انهن کي پرچائڻ لڳيون. هاڻ سيني کي هلڻو آهي. ٻڌاپي ۾ پاڻ تڪليفون وڌيڪ آهن. ڏيٽس به ڪنڌ ڌوڻي هامي پري.

توهان سچ ٿا چئو. اسان به اهو به چاهيو ته ڪيس هن دک - پيڙا کان ڇوٽڪارو ملي. هت سندس من نه پئي لڳو ته مون وٽ آئي. ڇئي هاڻ واپس ڪونه ويندس. گهر ڪاٺ ٿو اچي. ”پنهنجو گهر ڪاٺ اچي ته وڃڻ ٺيڪ آهي.“ ڪنهن چيو.

[ڌيءَ جي پنيان زور ڏيندي - هاڻ مان هت آهيان. ڪاڏي ڪونه ويندس. هاڻ سور ڪونه آهي. مان ٺيڪ آهيان. جتي هيترا سال ڪاٽيا اٿم، اُن کي ڪيئن ڇڏي سگهندس. تون ٻڌين ٿي نه؟ توکي ٿي سڏ ڪيا... ڪير ٻڌي ڪٿي ٿو. هاڻ مونکي ڪيئن ٻڌندا... پريان بيٺل جم دوت کان پڇيائين؟

[هاڻ هي توکي ڪيئن ٻڌندا؟ توکي هاڻ مان ٻڌندس. آواز ڪونه آيو... بيچئن ٿي ڌيءَ چوڌاري ڦيرو ڏنائين.]

”هاڻ ته ڪاٺ ۾ به دل ڪونه ورندي هئس. ڪاڏو نه ڪاڏي جهڙو گهيجي ويندي هئي.“

”اسان ته کيس ور ور چيو ته پنهنجين ڌوهٽين پوٽين سان ڳالهه ڪر.... پر هاڻ ته هوءِ ٻارن کان به پريرو رهندي هئي.“

ايتري ۾ ننڊو پاڻس آيو. پيڻ سان گڏيو ۽ پوءِ صلاح مصلحت لاءِ کيس پاسيرو وٺي ويو.

ٻاهر مردن ۾ اهو بحث پئي هليو ته پڳڙيون ڪٿي رکجن؟ نيٺ ”سنڌو پون“ تي سڀ سهمت ٿيا. اها ڳالهه به بحث هيٺ آئي ته ڪن کي روبرو چئجي، کهڙن کي نياپو ڪجي. مهمانن لاءِ گهڻا ڪمرا ڪپندا. روٽي گهڻن ماڻهن جي ڪرائجي. ڪاڏي ۾ ڇا ڇا ٿيندو؟ ڪهڙن پنهنجي ماءُ جي ديهانت تي روٽي ڪئي، ڪنهن فقط چانهه - ناشتو ڪيو وغيرهه.

ڇئين بجه بي ڏيءُ به پهچي وئي. ٻئي پينر هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي رنيون. پيرسن زالون کيس چپ ڪرائڻ ۾ . رئڻ وارن لاءِ جڻ اهو وڏو آڌت مليو.

مردن مان آواز آيو ٽائيم ٿيو آهي. پراڻيءَ کي سنان جي تياري ڪيو. مهاراج به پهچي ويو آهي. ٻڌندي ئي ٻيڙيون تڙي پڪڙجي ويون. ڪن چادر سڌي پڪڙي جيئن پراڻيءَ کي سنان ڪرائي سگهجي. پراڻيءَ کي برف کان ٻاهر ڪڍيو ويو. سڄي ڪمري ۾ دوائن ۽ مرتڪ سرير جي ٻانس پکڙجي وئي.

جن تي سنان جو ڪم رکيل هو. انهن ڪپڙا لاٿا. بدن تي هلڪو ميٽ جو تهه - پاڻي ۽ پوءِ سڪل ڪپڙي سان اُگهيو ويو. نوان ڪپڙا پائڻ ۾ تڪليف ٿي ته ڪرتي کي ڪٽي ويڪرو ڪيو ويو. اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهي مردن کي سڏ ڪيو ويو. جن پراڻيءَ کي ٻاهر کاٽيءَ تي ليٽايو. مٿان چادرون، گل، هار چاڙهيا ويا. مهراج سلوڪ پئي اچاريا. مرتڪ سرير جو منهن پڇاڙي واري درشن لاءِ کوليو ويو. ڪن ناريل - مصري پيرن کان پئي رکي. مٿو ٽيڪيو . پوءِ پيڪوڙي زور سان پراڻيءَ جو سرير کاٽيءَ سان ٻڌجي ويو.

[ترسو مان اڃان ٻاهر آهيان. مٿان ڪٿو. ڪوشش ڪيان ٿي جيئن سرير ۾ داخل ٿيان. خالي گهر ۾ گهمي ڇا ڪبو. ڪال جو سڏ ٿي چڪو.]

رام رام سنگه هئه جو آواز. ڪنڌي ڏيڻ وارا ڪوڙ گڏ ٿي ويا.زنده ته ڪير به سنڀالڻ لاءِ تيار ڪونه هو. بي جان مردي کي ڪنڌي ڏيڻ لاءِ پيڙ ! ڇو جو ڪين پڪ هئي ته جلد واندا ٿي ويندا.

ٽئين ڏينهن تي پڳڙين واري رسم تي ماڻهون اچڻ شروع ٿيا. ٽائيم 12/30 بجه - اُن کان پوءِ مانجهاندو. مرد هال جي هيٺئين حصي ۾. زالون مٿئين پاسي. هيٺ غاليچا وڇايل هئا ۽ پٽ ڀرسي پاسي بزرگن لاءِ ڪرسيون . 12 بجه ٽائين هال ڀرجي ويو.

وچ تي - ميز- اُن تي مرتڪ جو فوٽو ۽ تازن گلن ۾ پنڪڙيون. ماڻهون ايندي گلن سان مرتڪ کي پرڻام ڪن. ان جي پنيان گهر جون زالون سفيد- اڇي چيڪي وڳي ۾ لائين سان ويٺل . هال ۾ ڌيمي سُر ۾ ڀڳونتي جي آواز ۾ سکمني جي ٽيپ هلي رهي هئي. مشڪل ئي ڪوئي ٻڌندو هجي.وچ وچ ۾ بندوبست رکڻ واريون زالون چڪر لڳائي شانت ڪرائي ٿي ويون. ٻه منٽ چپ- وري اهائي ڪڙ ڪڙ.

ٽائيم تي مهاراج اُٿيو. چئني ڪانڊين کي هڪ لائين ۾ ويهاري - پڻنچڻ کان آگيا وٺي ڪين پڳه ٻڌائي وئي. مهاراج لوٽي سان سيني کي چنڊو هنيو. پوءِ ليڊيز ۽ سڄي سنگت کي چنڊو لڳو. ڀڳونتي ناواٽيءَ کي چپ ڪرايو ويو.

رهيا. پنڊ دان ۽ پوڄا سماپت ٿي . لوٽي مان چندا ھٽي سڄي گهر کي ڇُٽ ڪيو ويو. خالي لوٽو اڇھاٽيل ھوَن ڪنڊ ڪان پاسيرو رکيو ويو.]

پنڊت مهاراج پٽ کي آهستيءَ سان چيو، ڏسجو پنڊ ڪانو ضرور کائين. جي نٿا کائن ته سمجهو پراڻي اڃان وڃڻ نٿو چاهي. پٽ ڪنڌ لوڏيو.

ڏڪڻا جو لفافو ڏيندي پٽن نونهرن پيري پئي مهاراج کان آسيس ورتي. آشيرواد ڏيندي مهاراج ترڇي نظر هال ۾ رکيل سامان تي وڌي. چانور، اٽي جون ٻوٽيون، داليون، ڪنڊ، چانهه پتي، گُڙ، چٽڪو سامان، لوٽو، بالٽي، اسٽيل جو مٽڪو، سرف، صابڻ، ڪپڙا وغيره گهر جي اها ڪنڊ سامان سان پيريل هئي. پنڊت لاءِ سڄي سال جو سامان ۽ ٻيون ضرج آهر شيون.

”توهانجي روٽي پايان“ کائيندو نه پوءِ ٻيا شروع ڪندا. اڄ صبح جو ناشتو به ڪونه ٿيو. سيني کي بکه لڳي هوندي.

”مونکي هڪ ٻن هنڌ اڃان پاٺ پوڄا لاءِ وڃڻو آهي. هيئن ڪر ٽفن باڪس ۾ وجهو پوءِ اهو سامان سان گڏ موڪلي ڇڏجو. مسڪراهٽ هن جي واڇن مان وهڻ لڳي. ۽ سامهون منائيءَ جيپليٽ مان لڏون کڻي منهن ۾ وڌو. “

ٽيئي پائر پنڊتجيءَ جو سامان ڪار جي ڊِڪيءَ ۾ ٺاهي رکڻ ۾ مشغول ٿي ويا. ڊِڪي ڀرجي وئي ته اندر ڪار جي پنين سيٽ تي ٺاهي رکيو. نونهن ٽفن بند ڪرڻ لڳي. هاڻ جي هڪ چڱو نٿو کائي ته سڄي گهر لاءِ ٽفن نهندو. مهراج رڄني گندا جو پائوڇ کولي منهن ۾ هڙپ ڪري ڇڏيو.

سڄو سامان ڀرجي ويو. پنڊتجيءَ ڏٺو ته دان ۾ مليل ستارن ۽ بخمل واري جُتي کسڪي ڪري پئي هئي. پنڊت اندر ۾ مشڪيو. واه ڪيتري نه سندر جُتي آهي. گهر واري به خوش ٿي ويندي. هن پٽ کي چيو ته هي ڪري پئي آهي. ڪنڌ ڌوڻيندي هن جُتي کنئي ۽ شردا سان هڪ بهترين ٿيلهي ۾ وجهڻ لڳو ته هن جي نظر پريان پراڻيءَ جي ڦاٽل ميري ۽ اڌڙيل جُتي تي پئي، جنهن جي آڱوٺي واري پٽي به صاف ٽٽل هئي. ڪڙيون به ڳنل هنيون. ٻي ڪن هن جي بدن مان سياٽو - سيسرات نڪري ويو. جهٽڪو کائي کنيل جتي ڪار ۾ رکڻ لاءِ ويو.

نونهرن سامت جو ساهه کنيو ۽ جلد روٽيءَ جي بندوبست ۾ لڳي ويون.

[مان هڪ نظر پنهنجي پٽ پنيان وڌي آهي. نظر سان پنهنجي طرف ڏٺو جيڪو هٿ جوڙي جٽن سان موڪلائي ڪري ٻاهر وڃي رهيو هو. سڀ ته ٻاهر روانو ٿي ويو. گبهراهٽ ۾ مان هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙائي ٽڪڙو وڃي پنهنجي پراڻي چمپل ڏانهن وڌيس. پريان جم دوت مسڪراهٽ ۾ بينو هو.

”هلون“ ٻنان ٻڌائڻ جي ڪاڏي... هن چيو.

مان ٻڌو اٿبڌو ڪري پنهنجي پراڻي جُتي پيرن ۾ پائڻ لاءِ زور آزمائي ڪرڻ لڳس.]

◆◆

رات کي ڏينهن نه چئبو
ماڪ کي مينهن نه چئبو
پلي ڪوئي ڪيڏا به ويس مٽائي
**اُستاد بخاري**
ڪڏهن به گدڙ کي شينهن نه چئبو.

**سنڌو** -10/-2025

# چوٿيهون در

✍ نسيم احمد ڪرل

باڪ مهل پاڻيءَ جي ماپ وٺندي،هنجي اوچتي نظر وچي هڪ لاش تي پئي، جو بئراج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ٻچي آروپار ڪيل هئي ۽ سسي باقي وچي ڪل جي ٽُڪريءَ سان ڳنڍيل هئي. لاش ڏسي هو هراسجي ويو ۽ ڪي گهڙيون پٽ ڪي هٿ وجهيون چپ چاپ بيٺو رهيو. ٻپل مهل کان پوءِ هن تان ٿورو هراس لٿو تہ وري لاش کي غور سان ڏسڻ لڳو. لاش ڪنهن زائفان جو هو، جنهن کي ٻاڙهو گهگهو پيل هو. جنهن جا ڊگها وار پاڻيءَ ۾ لڙهڻ ڪري کلي پيا هئا ۽ جنهنجو پورو باهہ جهڙو رنگ ان لڙي پاڻيءَ ۾ بہ ڪوڏ جيان پئي جهرڪيو. هنجي دل گهريو تہ جيڪر ان ڦڏي ۾ ئي نہ پوي ۽ در کولي لاش کي هيٺ لوڙهي ڇڏي، پر وري بيءَ دل هن کي ائين ڪرڻ کان جهليو ۽ کيس رب جي ڏاڍي سرڪار ياد ڏياري ، جا اهڙين ڳالهين ۾ راضي ڪانہ هئي، هن دل ئي دل ۾ پڪو پهہ ڪيو تہ هو پاڻ وچي ٿاڻي تي فريادي ٿيندو ۽ صوبيدار کان ڪرڙي جاچ ڪرائي ، خونين کي سوگهو ڪرائيندو. اهو ارادو ڪري پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ آيو ۽ ڪلف ڪٽي در بند ڪرڻ لڳو. در بند ڪندي اوچتو هن کي پور پيو تہ جيڪر پنهنجي ترت عملدار، سروير کي اهو سمورو ذڪر ٻڌائيندو وڃي. ان پور تي هن وچي سروير جي ڪواٽر جو ڪڙو کڙڪايو، پر سروير جي سڄي رات سکر گهمي ۽ فلم ڏسي اسر موٽيو هو. سو، ڪيئن پيو اهي - اٺين - ٻارهن آنن وارا کڙڪا ٻڌي. پر هن در کي ايستائين نہ ڇڏيو جيستائين سروير اچي در نہ کوليو. اکيون مهٽيندي ڪانئس پڇيائين”چو ڙي ڪ و ڪنڊ پيو آ ڇا؟“

”نہ سائين، ڪنڊ ڪونهي پيو، پر هڪ لاش اچي در ۾ ڦاٿو آ.“

”پوءِ مونکي ڇو جاڳايئہ، مان ڪو صوبيدار آهيان!“

”سائين ٿاڻي تي وڃان ٿو، پر توکي اطلاح ڏيڻ آيم جو متان دير ٿي وڃي.“

”دير شام تائين موٽي آئين ڇڻ لڪ ڪتيئہ. پوءِ بہ روز حاضريون ڪارائيندءِ.“

”ها سائين، مٿئون جو اچي پئي، منهن تہ ڏبو نہ.“

”پلي وڃي منهن ڏي. پر بي ڳالهہ ٻڌ، متان فرياد ۾ منهنجو نالو بہ شاهدي ۾ لکائين.“

”نہ سائين، تنهنجو نالو ڪونہ ايندو، چوندس تہ لاش ڏسي ، سڌو ٿاڻي تي آيو آهيان.“

”ٺيڪ آ، ائين چئجانءَ.“ سروير در بند ڪيو.

هو وري بئراج تي آيو ۽ سکر طرف هلڻ لڳو ، هن اجان سڌ ڪن پنڌ ڪيو هو، جو پوئتان ڪيس ٽرڪ جون بتيون نظر آيون. ٽرڪ ڊرائيورن جي وڏائيءَ جي ڪيس چڱي طرح خبر هئي. هو هڙي تهڙي کي تہ سنگل بہ ڪونہ ڏيندا هئا پر هنکي بہ سکر جو پنڌ سجهيو تہ هن بہ کٽي هٿ ڏنو. ڊرائيور بہ ڪو اشراف جو پٽ هو جو کٽي ٽرڪ کي جهليائين. هو خوشي ۾ پُر ٽي ويو ۽ دل ئي دل ۾ ڊرائيور جو ٿورو مڃڻ لڳو، جنهن ٽرڪ جهلي ڪيس جنگهن هٽڻ کان بچايو هو. ان ٽرڪ کي بيهارڻ ۽ ڪيس پنڌ کان بچائڻ ۾ مرضي مولا جي هئي جو سندس ان ڪم ۾ راضي هو. ٿاڻي جي در کان ٿورو پرتي هو ٽرڪ جهلائي لٿو ۽ گيٽ ٽپي اندر ٿيو. سامهون بيٺل سپاهيءَ کان صوبيدار جي پڇا ڪيائين.

”صاحب جانچ ۾ ويل آ“ سپاهي ڪيس ڪياڙيءَ سان ورندي ڏني.

”جمعدار ، مونکي صوبيدار وڏي سان ضرور ملڻو آهي. اهي ڳالهيون ڇڏ، ميان!“

”ڇو، ڪا فرياد آ ڇا؟“

”ها ميان، فرياد آ .“

”هينئر فرياد داخل نہ ٿيندي، بہ ٽي ڏينهن رکي پوءِ اچجانءِ . سال جي پڇاڙيءَ ۾ آهي ، ڏوهہ اڳ ۾ ئي وڌيل آهن.“

” ميان ڪا چوريءَ ڪات جي ڳالهہ ٿوري آهي، خون ٿيل آ خون! “

”تو ڪيو آ ڇا خون؟ ڪٿي آهن هٿيار؟“

”هٿيار صوبيدار ئي وٺندو. مونکي ڇڙو ساڻس ملاءِ.“

”اهي سنها ڪم بہ صوبيدار وڏو ڪندو تہ باقي مان هي مڇيون اُس ۾ اڇيون ڪيون آهن؟ جلد پيروي ٻڌاءِ.“

”جمعدار، تڪڙ گهٽ ڪر، مان ڏٽڪو آهيان ۽ تو جهڙو ئي سرڪاري ملازم آهيان؟“

”ڪٿي آسمان تان اُڏري لٿو هجين، توکي حقيقت ٻڌائڻي ئي پوندي.“

”جمعدار، هرويرو ٿو ضد ڪرين. صوبيدار وٽ تون بہ ٻڌجاءِ.“

سپاهي هن مان کو چاڙهو نہ ڏنو تہ لاچار ڪيس صوبيادر جي ڪوارٽر ڏانهن وٺي هليو. صوبيدار بہ هينئر تازو اُٿيو هو ۽ چانهہ پئي پيئائين. سپاهيءَ سلوٽ هڻي صوبيادر کي چيو، ”سائين، هي فريادي آيو آ.“

صوبيدار ڪرڙي اک ڪڍي پنهنجي سپاهي ڏي ڏنو ۽ خار مان ڪانئس پڇيائين، ”اڙي عقل جا دشمن ، ٿاڻي تي منهنجي آمد آهي، جو مون ڏي وٺي آينس“

”سائين ، مان تہ هنکي ٻڌايو تہ صاحب گناهہ نمبر ٢٢٤ جي جانچ ۾ مصروف آهي، پر هنجو ڳوري ڳالهہ ٻڌائي تہ لاچار ڪيس وٺي آيس. پاڻ بہ سرڪاري ملازم آ.“

”ڇا ٿو ٻڌائي؟“

”سائين، چئي ٿو تہ خون ٿيل آ.“

”خون، ڇڪلي ۾ ڇا؟پر اتي رائونڊ ۾ هوس.“

”نہ سائين مون کي تہ جاءِ واردات جي خبر ڪانهي اوهانکي پاڻ ٻڌائيندو. اڙي ميان، ويجهو اچي صاحب کي سموري حقيقت ٻڌاءِ ٻچ ٻپ نہ، سچ ٻڌائيندين تہ فائدو پوندينءَ.“ سپاهي هن کي سڏي چيو.

هو اڳتي وڌي صوبيدار جي پرسان آيو تہ صوبيدار ڪانئس پڇيو، ”ميان، تون ڪهڙي ڪاتي ۾ آهين؟“

”سائين مان گيچ ريبز آهيان سکر بئراج تي.“

”ها، حقيقت ڪر.“

”سائين، مان صبوح دستور موجب پاڻيءَ جي ماپ پئي ورتي تہ اش ڏٺم، جو براج جي در ۾ ڦاٿو پيو هو. لاش جي ڳچي آروپار ڪيل آهي ۽ سسي باقي وچي ڪل جي ٽڪريءَ سان ڳنڍيل آ“

”لاش جو مرد جو آ يا عورت جو؟“

”عورت جو.“

”لاشبڪ مڇيون ڪائي ويون هونديون ۽ شناخت ڪان زور هوندو.“

”نہ سائين، اڃان سلامت آ.“

”هون. ڪا خبر چار؟ ڪو آيو ڪو ويو؟“
”ڪوڙا خان، ٽاٽي تي ته ڪو وارث وسي ڪونه آيو؟“ صوبيدار پنهنجي سپاهي کان پڇيو.
”نه سائين، هتي به نه جن نه ڪن؟“
صوبيدار وري ڏانهنس ڪنڌ ڦيرايو: ”ها ميان ، ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺئه“
”سائين، باڪه پي ڦٽي.“
”اُتي بيو ڪير هو؟“
”ڪوئي ڪونه، مان اڪيلو هوس.“
”پوءِ ڪنهن کي ٻڌائيه؟“
”ڪنهن کي ڪونه، سڌو ٿاڻي تي آيو آهيان“
”تون پاڻ ڪٿي رهندو آهين؟“
”سائين سکر بئراج تي ڪوارٽر مليل آ“
”اڪيلو رهندو آهين يا ٻار ٻچين؟“
”سائين، اڪيلو“
”ها، ميان اڪيلو چو رهندين، مڙس به شوقين ٿو ڏسجين!“
”شوقين ڪيئن سائين؟“
”ميان لب مهراڻ، تي روز هڪ ٻئي کان اور تي اچي گڏ ٿئي، تو به هڪ ڪن ته تازي هوندي.“
”انهن ڳالهين کان پري هجين ها ته خون چو ٿئي ها، لاش چو لڀي ها!“
”سائين مان نه سمجهو“ گيج ريڊر کي پگهر اچي ويا.
”برابر، تون هاڻي ائين سمجهندين ته ڪونه پر اها مهل آئي ته پاڻهي طوطي وانگر لنونديں“
”سائين توهين مون ۾ اجايو شڪ ٿا رکو. مان اهڙو ڪم ڪيان ها ته لاش هيٺ نه لوڙهي ڇڏيان ها. آخر مونکي ڪنهن پئي ڏٺو؟“
”ها، اها ڳالهه تنهنجي فائدي ۾ آهي. ان کي ضرور خيال ۾ رکبو چڱو لاش جو مليو ته ٻڌاءِ.“
”سائين، مان هيٺ لهي ته ڪونه ڏٺو، جو هراس پئي ٿيو. باقي فوقڻ رنگ جي پوري ڍڳهن ڪارن وارن سان، ، ڳاڙهو گهگهو پرت سان.....“
”وئي، وئي!“ صوبيدار ڳوت پڳي.
”ڪيئن وئي سائين؟“
”پڪ ڪنهن گهگهيلي ڪاري ساري پنهنجو منهن ڏوتو.“
گيج ريڊر اجا اهو گفتو نه سمجهيو، سو صوبيدار کان پڇيائين، ”سائين ڪنهن منهن ڏوتو؟“
”ميان، تون جٽ ماڻهوءَ توکي انهن ڳالهين جي ڪهڙي خبر آهي غيرتون گهگهيان کي جو ڪو سهٽو ڏئين ته ان تي ئي آءَ ڪن.“
گيج ريڊر هينئر اها ڳالهه سمجهي ويو سو صوبيدار کي چيائين، ”سائين، اهي ڪهڙي قران ڪتاب ۾ جائز آهن؟“
”بروچ هن قانون کي ڇا ٿا سمجهن ، اهڙا خون ته هن لاءِ جائز آهن.“
”پر سائين قانون ۾ ته ڏوهي آهن.“

”ها ميان قانون ۾ تہ سڌو سنئون ٣٠٢ آهي. پر ڪير فريادي ٿئي ۽ ڪير ٻاڪو ٿئي؟ ان ڪاريءَ جو ڀاءُ ۽ پيءُ بہ جوٽي نہ ڪٽندا ٻيا مائٽ تہ پري ٻڌ.“

”پر سائين، اوهان اڪيون وجهو تہ اهي ڏوهہ ڪيئن ٿا لڪي سگهن.“

”ها، جي ڊگهي جاچ ڪبي تہ اتي مان وار بہ ڪڍي ڇڏبو. مونکي تہ اهڙو آزمودو آهي جو ڪو خونيءَ کي ڪٽي گلاب جي عرق ۾ وهنجاري سؤ ماڻهن سان گڏ بيهاري، تہ بہ مان هڪ پل ۾ ڪن ڪان وٺي ٻاهر ڪڍندوسانس تہ پٽ ماءُ جا، هتي ٿي بيهہ:“

”واہ سائين واہ، اهو وري ڪيئن؟“

”خون جي ڏپ، خونيءَ مان ڪا رت جي ڏپ ويندي؟“

”پوءِ تہ سائين وارو ڪيو.“

”ميان هن ڪاريءَ جي ڪيس ۾ ڪنهن کي پڪڙي ڪنهن کي پڪڙيان جنهن پروچ ۾ هٿ پوندو. تنهن مان خون جي ڏپ ايندي!“

”پر سائين، اهو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ فوتڻ ڪاري نہ هجي ۽ وات ويندي، پاٽي پريندي ڪنهن شڪاريءَ کي هٿ اچي ويئي هجي ۽ ان پوءِ پؤ ڪان ماري ڪيس لوڙهي ڇڏيو هجي.“

”ها، ائين بہ ٿي سگهي ٿو. پر اهڙو امڪان اتي ۾ لوڻ برابر آهي.“

”سائين، هڪ ڀيرو جاچ شروع ٿي تہ پاڻهو دڳ ٿيندو ويندو، خون ۽ ڪٺوريون ٿوريون لڪنديون آهن.“

”ميان، هھڙي خون جي مولا نہ جاچ ڪرائي. هيءَ جاچ تہ رهندو گهر جا ٽپڙ بہ گهلندي؟“

”ڪيئن، سائين؟“

”بابا، لاوارث لاشن جون جاچون ڪي سوليون آهن. پهرين لاش ڪڍائڻ تي مزوري، پوسٽ مارٽم جو خرچ، فوٽو گراف، جيپن جا ڀاڙا ڪرايا لاش جو دفن ڪفن، ان ڪان پوءِ بالا آفيسرن جا سهما، روز پيا پڇائون ڪندا، جيستائين بہ ڏوڪڙ سندن منهن ۾ نہ هڻبا. ميان، در ڪولي، لاش لوڙهي چو نہ پئي ڇڏيئي.“

”سائين اهڙو پاپ مونکي ڪيئن پئي پڄو. مولا الائي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي، شل حقون بہ رکي ناحقون بہ.“

”پر ها تو گناهہ ڪيو يا مان، جو ٻئي پئي رولڙاپسون، ميان، خون جو فرياد ڪو چرچي جي ڳالهہ ڪانهي. روز روز حاضريون ڪائي ٿڪين تہ پاڻهي ٻاڪنڪنڪن ڪندين.“

”سائين، مونکي اهي حاضريون چڱيون آهن، پر اهڙو ڪڏو ڪم مون ڪان نہ ٿيندو، منهنجي فرياد وٺ.“

”ها ميان، تو مان جند ڪانہ ڇنندي. ننڍي هوندي مائٽن ڪو گڏهہ جو ڪير پيئاريو هيئي الائي ڇا.“

”سائين، جيئن سمجهي،“

”ڪوڙا خان، منشي وڏي کي سڏ ڪر تہ هي فرياد وٺون.“ صوبيدار پنهنجي سپاهي کي چيو.

”منشي وڏا، اهو چوٿيهون در اسانجي حد آ يا سکر جي؟“

”اسانجي.“ منشي وڏي منهن پيلو ڪري ٻڌايو.”ڪهڙيءَ مهل لاش ڏٺو هيئي؟“

”سائين، ٻاڪ مهل“

”پوءِ ايتري دير ڪاٿي هئين؟ هينئر تہ ذري گهٽ منجهند ٿي آهي.“

گيج ريڊر چپ

”ميان جواب ڏي. نہ تہ اها دير توکي ڏکي پوندي.“

اتي گيج ريڊر ڦاٽ ڪاڙو، پرائي عزت ڪان نيٺ پنهنجي عزت پياري هئي. ”سائين، مان تہ پنهنجي سر ڪا دير ڪانہ هئي. مان تہ ان مهل ئي سکر ٽاڻي تي ويو هوس پر ان صوبيدار مونکي ويهاري ويهاري نيٺ پوءِ جواب ڏنو.“

”ڇو جواب ڏنائين؟“

چيائين تہ منهنجي حد ڪانهي.

”حد هنجي هجي يا منهنجي هجي، جهڙو هو گورنمينٽ جو نوڪر، تهڙو مان نوڪر. هن کي پهريون خون جي خبر پئي هئي. قانون مطابق هن کي رپورٽ وٺڻي هئي ۽ مشيبري ذامو ٿاهي پوسٽ مارٽم لاءِ موڪلڻو هو. ان ڪان پوءِ مون ڏي ڪاغذ موڪلڻا هئس.“

”ها سائين، مان تہ کيس گهڻائي ايلاز ڪيا پر اصل ڪونہ مڙيو.“

”ڇا پئي چيائين؟“

”سائين، چيائين پئي اهڙي جانچ ڪير ڪري. هيءَ جانچ تہ رهندو گهر جا ٽپڙ گهليندي.“

”ها، پر جي سنو ڪانبو آ تہ ڦڪو بہ ڪائبو. آ. جي ان لاش جا وارث پيدا ٿين ها تہ پوءِ اهو لاش کيس ڏاڍو منو لڳي ها، پر انهن حدن بدن جو خيال ئي ڪونہ اچيس ها. “ الائي، سائين.

”الائي وري ڇو؟ توکي اها خبر نٿي پوي.“

گيج ريڊر چا ڪجي.

”چڱو پلا، هاڻي هيءَ ٻڌاءِ توکي ڪيئن خبر پئي تہ لاش چوٽيهن در ۾ آ.“ ”لاش مان پاڻ ڏٺو هو.“

”تو لاش ڏٺو هو يا در ڳڻيا هيئہ؟“

”در ڳڻڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي، سائين در جا نمبر منهنجي دل تي لکيا پيا آهن.“

”پر ميان پل چوڪ تي سگهي ٿي.“

”نہ سائين، اهڙو انڌو مان ڪونهيان.“

”پلا هينئر جو هن ٽاڻي تي آئين تہ وري لاش ڏٺئہ؟“

”هن پيري تہ اهو رستو آيس ئي ڪونہ. مان سڌو اچي روهڙي واري پل ٽپيس.“

”اوڏانهن اچينها تہ گهٽ ۾ گهٽ پڪ تہ پئي ها. الائي وري لاش لڙهي ڪنهن ٻئي در ۾ تہ نہ ڦاٿو. “

”اها الله کي خبر، پر ائين وري ڪيئن ٿيندو؟“

”چڱو ها وري جانچ ٿا رکون... وڏا، او منشي وڏا !“

”جي، سائين.“ منشيءَ وڏي جواب ڏنو ۽ اچي صوبيدار جي سامهون بيٺو.

”يار، لاوارث لاش جي فرياد آهي تہ ڏکي، پر هن مڙس کي هرويرو ڪونہ رلائبو. تون هن ڪان فرياد وٺڻ جي تياري ڪر. پر ان وچ ۾ پنهنجو ڪو ماڻهو موڪلي اها خاطري ڪر، متان لاش اسانجي حد ۾ ئي هجي ۽ اسين وينا اجايا خفا ڪريون.“

”اهي خفا اجايا ٿا ڪيو سائين، لاش چوٽيهين در ۾ آ.“ گيج ريڊر صوبيادر کي وري پڪ ڏني.

”ميان، اسان کي پڪ تہ ڪرڻ ڏي، متان درياهہ جي وهڪري تي لاش لڙهي ڪنهن ٻئي در ۾ نہ ڦاٿو هجي.“

”پلي سائين.“

”منشي وڏا، تو بہ ڳالھہ سمجھي نہ؟“

”ها سائين، خاطري ڪيو.“

”پر ڪنھن بہ بشر کي خبر نہ پوي! مهاڻي کي بہ جهلجانء تہ ان ڳالھہ جو پڙهو نہ ڏي، رڳو مات ميٽ ۾ لاش ڏسي، در ٻڌي اچي.“

”ها، سائين، بس نہ؟“

”بس، پر هن همراهہ کي پاڻ سان ورتيو وڃ. هن ويچاري ماني بہ ڪاڏي آهي الائي ڪونہ.“

”سائين، مونکي طلب ڪانهي.“

”ميان، حجاب نڪر، ماني مولا جي آ، وڏا، منهنجي گندي هوٽل مان گهرائي کارائيندس. هي مڙس ماڻهو اٿئي، پراڻي خون تي ڪنهن پاڙي پتي کي کهڪاءِ ڪونہ ايندو آ، وڏا اهڙن مڙسن جو شل ڪال نہ پوي.“

”بيشڪ سائين، مڙساڻا اکر اٿس. هل ادا، اٿي کو ڳيو ڪاءِ.“

صوبيدار ۽ وڏي منشي جي تعريف گيج ريڊر جا مڙئي ٽڪ لاهي ڇڏيا. هن کي سکر واري صوبيادر تي وڏي خار هئي. جنهن ڪيس اجايو رلايو هو ۽ ساڻس خوديءَ سان ڳالهايو هئائين. هو منشي وڏي جي ڪونيءَ ۾ آيو ۽ ماني کائي ، جنگهون دگهيون ڪيائين تہ، ڪيس ننڊ ڪٽي وئي، ٽيپهري مهل منشي وڏي ڪيس ٽنگ لوڏي جاڳايو ۽ صوبيادر وٽ هلڻ لاءِ چيائين. هو صوبيدار جي ڪونيءَ ۾ گهڙيو تہ صوبيدار کيس چيو: ”ميان، لاش تہ ٽيٽيهين در ۾ آ، اها اسانجي د ڪانهي.“

”اهو وري ڪيئن سائين؟ مان پاڻ چوٽيهين در ۾ ڏٺو هو.“

”ميان ، يا تہ تون ڀلو آن يا لاش پوءِ وري لڙهي وڃي بہ ئي در ۾ ڦاٿو آ.“

”سائين، مان تہ رلي ملي ويس!“ گيج ريڊر کي رلڻ جو جيڪو خيال هو، سو تہ ڪٽي ڇڏيو، پر کيس سکر واري صوبيادر جا سور پئي سڄهيا.“

”ميان، پرائيءَ حد ۾ مان ڪيئن دخل ڏيندس.“

”پر سائين در ۾ ڦاٿل لاش ڪيئن وري لڙهندو، منهنجو تہ ذهن ئي نٿو ڪم ڪري.“

”ميان، پر تون وري ڪٽي بئراج ڏانهن ٿيندو وڃ. چڱيءَ طرح در ڀُٽجانءِ ، جي چوٽيهون در هجي تہ مون کي ڪٽي نياپو موڪليندين تہ مان اچي نهڪو ڪندس.“

گيج ريڊر آڳ قبولي، وري سکر طرف هليو ۽ سڌو رستو ڇڏي سکر ٿراج ڏانهن ڦريو. هن پيري هن پڪو پهہ ڪيو تہ لاش چڱيءَ طرح خاطري سان ڏسي پوءِ سکر وري صوبيدار سان ملندو. هو هلندو هلندو چوٽيهين در وٽ پهتو تہ ڏٺائين تہ ڪاريءَ وارا ڪک هئا ۽ وري اڳتي وڏي ٽيٽيهن در ۾ جهاتي پاتائين تہ اُتي لاش برابر ڦاٿل هو. اها خاطري ڪري هو سکر ڦاٽي پهتو تہ صوبيدار پري کان کيس ڏسي پڇيو، ”پتيا خدا جا، وري ڇو آيو آهين؟“

”اڙي، اهو وري ڪيئن؟“

”سائين صوبيدار روهڙي واري جو لاش ڏسڻ لاءِ مهاڻو موڪليو تہ اهو ٽيٽيهين در ۾ ڦاٿو پيو هو سو توهان ڏي موڪليائون.“

”هتي ويهہ گيج ريڊر جا پٽ.“ صوبيدار گجگوڙ ڪندي چيو، ”تنهنجي حد ۾ ، تنهنجي

# ڪاڪو سيرومل

## ✍ ليکڪ: اوڪيش کتري

اِنسان جي زندگي جو اتهاس بہ هڪ عجيب غيبي اسرار آهي، جنهن جي جاڻ سڃاڻ، شروعات ۽ انت جي ڪا خبر ڪانہ آهي. خيالي آشائن تي آئينده جي پَل ناهڻ جي ڪشمڪش ۾ زندگيءَ جي ليلا ڪڏهن سماپت ٿي وڃي ٿي ۽ خبر نہ آهي تہ اُنهن آشائن جو ڪهڙو اَنت ٿئي ٿو، جنهنجي صرف ڪلپنا ئي ڪري سگهجي ٿي. هيءُ هڪ اهڙي سچي ۽ حقيقي ڪهاڻي آهي سيٺ ڪاڪي ’سيرومل‘ ڪمڻ واري جي، جنهن جو جنم 1898 ۾ ڪمڻ ڳوٺ تعلقي ڳڙهي ياسين سنڌ ۾ ٿيو هو. سندس وڏا بنيادي زميندار هئا. ماءُ پيءُ جي هڪڙي ئي سنتان هئڻ جي ڪري ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پليو هو. پرائمري پڙهائي ڳوٺ ۾ پوري ڪري سندس پيءُ ڪلومل واڌواڻيءَ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ کيس شڪارپور جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ موڪليو. پر زميندار بار هئڻ ڪري سندس من پڙهائيءَ ۾ نہ لڳو. تنهن ڪري ڏاڏي کيس زميندار ي ڪمن ۾ رڌل رکيو. اجان پاڻ 18 سالن جو مس ٿيو تہ سندس ماتا پتا سرڳواس ٿيا ۽ سال ۾ سندس ڏاڏو بہ چالاڻو ڪري ويو. گهر ۾ اڪيلو هئڻ ڪري هاڻي زمينداريءَ جو سارو ڪاروبار هن کي سنڀالڻو پيو. گهر ۾ نوڪرن جي ڪائي ڪمي ڪانہ هئي.

هڪ نوڪر جنهنجو نالو جاڳڻ هو تنهن کيس ننڍي هوندي کان پاليو نپايو هو. اُن ۾ سيرومل جو ڏاڍو موهہ هئو. سڀ ڪجهہ هوندي بہ سيرومل جو من هن دنيا ۾ نہ لڳو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، سيرومل جو موهہ هن سنسار مان نڪرندو ويو. کيس گهڻن يارن دوستن مٽن مائٽن چيو تہ پائو سيرومل شادي ڪري پنهنجو گهر ۽ ونش وڌايو. پر سيرومل کي سنسار جي گرهستي جيون ۾ ڪو چاه ڪونہ هئو. ان ڪري شادي نہ ڪيائين. پنهنجي وندر لاءِ هڪ سني اوطاق ٺهرائي ان ۾ ويهي دين دکين جي شيوا ڪرڻ لڳو. سندن گهر ۾ رسوئي گهر چالو هوندو هو. ڪوبہ کيس ملڻ لاءِ ايندو هو تہ اُن کي رسوئي کارائڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندو هو. سيٺ سيرومل ۾ خاص خوبي اها هئي تہ جيڪڏهن خبر پوندي هيس تہ ڪو گذاري ويو آهي تہ هو اُن جي شمشان ياترا ۾ ضرور شامل ٿيندو هو. ۽ ڪلهو بہ اَرٿيءَ کي ضرور ڏيندو هو. چائٿي تي بہ ضرور ويندو هو.

منهنجي ملاقات سيٺ سيرومل سان تڏهن ٿي جڏهن هو سيٺ سيرومل مان ڪاڪو سيرومل ٿي چڪو هو، يعنيٖ سندس عمر 75 سال ٿي چڪي هئي. مان اُن وقت مئٽرڪ ۾ پڙهندو هوس. گرمين جي موڪلن ۾ مان بہ پنهنجي دوستن سان گڏ سندس اوطاق ۾ ويندو هوس. هن عمر ۾ بہ هو چست، ڦڙت، قد 6 فوٽ، رنگ جو سانورو، پر بدن بلڪل سُڪل ڪاني وانگر هوس. گهر ۾ کيس ٽي نوڪر هوندا هئا. جيڪو بہ ٻڍو ۽ جوان ايندو هو تہ سُکو ۽ سيسا ضرور کارائيندو هو. غريب غربو جيڪڏهن روٽيءَ جي ٽائيم تي اچي ويندو هو تہ اُن کي روٽي کارائي ڍءُ ڪرائي وڃڻ ڏيندو هو.

ڪاڪو سيرومل ڳالهين جو ڳوٺ هوندو هو. سندس ڳالهيون ڪڏهن بہ ختم نہ ٿينديون هيون. مونکي بہ سندس ڳالهين مان ڪافي مزو ايندو هو. اسان دوست گرمين جي موڪلن ۾ وئڪيشن هئڻ جي ڪري وچي ويهنداس هئاسين. اسان جو سڄو ڏينهن ائين گذري ويندو هو، جو خبر ئي نہ

پوندي هئي. هڪ ڏينهن مون پڇيومانس تہ ڪاڪا اوهان وٽ ايشور جي ڪرپا سان سڀ ڪجهہ آهي. تڏهن بہ اوهان شادي ڇو نہ ڪئي آهي؟ منهنجو سوال ٻڌي ڪاڪو سيرومل زور زور سان ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو ۽ هڪ اڌ سير جي گار ڏيئي( جا هن خامي ۾ هئي) چيائين تہ ٻڌ، ”جوءِ ۽ جڳهہ“ ٻئي هميشهہ ڪرائي تي وٺڻ گهرجن. مون عجب مان پڇيو مان- تہ ڪاڪا اهو وري ڪيئن؟ تڏهن جواب ڏنائين تہ جڳهہ ڪرائي تہ هوندي تہ پاڻ کي ڪابہ ڇنتا نہ ٿيندي. ٽٽي پوي يا نيسارا ڪري وهي، مڪان مالڪ پاڻ ئي اُن جي مرمت ڪرائي ڏيندو. ساڳئي نموني جي جوءِ گهر ۾ هوندي تہ گهر ۾ گهر ۾ ڪٽ ڪٽ، ڪلهہ اڄ لوڻ ڪونهي، اٽو ڪونهي، زال هوندي تہ ٻار بہ ٿيندا، انهن جو پالڻ پوشڻ، انهن جو آئينده، ٻارن جا گهر ۾ جهڳڙا جهڳڙا چڻ تہ اَشانتي اچي گهر ۾ ڪنڊلي ماري ويهي رهي رات ڏينهن پيو چنتائن ۾ وقت گذري وغيرهہ وغيرهہ. زندگي جنجال ٿيو پوي. ڏس هينئر مان ڪيترو نہ خوش مزاج ۽ مزي ۾ زندگي گذاري رهيو آهيان. ڇا مون ۾ توکي ڪا ڪمي محسوس نظر اچي ٿي. ڪاڪي جو جواب ٻڌي مان ٿوري وقت لاءِ عجب ۾ پئجي ويس ۽ من ئي من ۾ ڪاڪي جي ڏنل جواب تي ويچار ڪرڻ لڳس. تڏهن ڪاڪي سيرومل رڙ ڪري چيو، ڇورا ڪيڏانهن هليو وئين؟ تون هينئر ڇو ٿو سوچين؟ اڃا تہ اهڙي فيصلي ڪرڻ ۾ گهڻي دير آهي. پر هڪ ڳالهہ ڌيان ڏِيئي ٻڌ تہ اللهہ جڏهن هن سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي هئي، تڏهن ڏاڏي آدم ۽ ٻيبي حوا کي ڦهريائين پرٿويءَ تي لاٿو هئائين ۽ کين تاڪيد ڪيو هئائين تہ اُتر دشا کي ڇڏي باقي سڀني دشائن ۾ پلي گهمجو ۽ ٻن ڦاڪن وارو ڦل نہ کائجو. پر جنهن ڪم جي منع ڪبي آهي، اهوئي ڦهرين ڪبو آهي. سو ڏاڏي آدم ۽ ٻيبي حوا بہ اتر دشا ڏانهن ويا ۽ منع ڪيل ڦل بہ کاڌائون. نتيجو اهو نڪتو تہ هن سرشٽيءَ جي رچنا ٿي. پر منهنجا پيارا ادل، ايشور انسان کي دماغ ڏنو آهي. گڏوگڏ سمجهہ ڏني آهي تہ پوءِ صحيح ۽ غلط جو فيصلو ڪرڻ پنهنجي وس ۾ آهي.

ڪاڪي سيرومل جون ڳالهيون ٻڌي مان گهڻي سوچ ويچار ۾ پئجي ويندو هوس. ڪاڪي جون کهاڻيون ۽ ڳالهيون ٻڌي خبر ئي نہ پوندي هئي تہ ڏينهن ڪيئن گذري ويو. رات جو روٽي کائي گهر هليا ايندا هئاسين. رات جو بہ سمهڻ وقت سندس ٻڌايل ڳالهين ۽ زندگيءَ جي آزمودن تي ويچار ڪندي ڪندي ننڊ ماتا پنهنجي آغوش ۾ کڻي مدهوش ڪري ڇڏيندي هئي. هڪ عجيب اسرار اهڙو ٿيو جو ڪيس پنهنجي موت جي اڳواٽ خبر پئجي ويئي. مرڻ کان هڪ مهنو اڳ جيڪي بہ مال ملڪيت زمين هئس. سا اڌ دان ڪيائين ۽ باقي اڌ ٽنهي نوڪرن ۾ ورهايائين. نوڪرن ڪاڪي کان پڇيو اوهان ائين ڇو ڪري رهيا آهيو؟ جواب ڏنائين تہ اسان جو هاڻي اَن پاڻي پورو ٿيڻ وارو آهي ۽ شرير بہ ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي.

وڏيڪ جيئڻ جي خواهش بہ نہ آهي. آرتوار ڏينهن پنهنجن يارن دوستن ۽ پئنچن کي گهر ۾ گهرائي ڏاڍي سڪ ۽ شردا سان رسوئي کارايائين ۽ چيائين يارو پئنچو معاف ڪجو. ڪڏهن پل ڇڪ مان منهنجي منهن مان ڪو لفظ اهڙو نڪري ويو هجي، جنهن اوهان جي دل کي دکايو هجي تہ مان هٿ ٻڌي اوهان سڀني کان معافي گهران ٿو. مونکي معاف ڪجو. جڏهن اهي لفظ ڪاڪو سيرومل چئي رهيو هو تڏهن سندس چهري تي نہ ڪا گلا نہ ڪا شڪايت. مسڪرائيندي پيار وچان سڀني ڏانهن نهاري رهيو هو. واتاورڻ اهڙو تہ شانت جو سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ آخر ڪاڪو سيرومل اڄ انهيءَ پيار پريل ۽ نرمائيءَ واري آواز ۾ ڇا چئي رهيو آهي. سندس نوڪر خاص ڪري

جاڳڻ ، جنهن ڪيس ننڍپڻ کان پالي وڏو ڪيو هو، ۽ پيرسن تي چڪو هئو، ان جي اکين مان آنسن جي ڌارا وهي رهي هئي.

منهنجي من ۾ آيو تہ مان ڪجهہ چوان پر ماحول جي نزاڪت کي ڏسي مان چپ رهيس، من ئي من ۾ سوال ڪرڻ لڳم تہ ڇا ڪاڪي سيرومل جي زندگيءَ جي اها شروعات آهي يا انت. هرڪو رام رام ڪري هلڻ لڳو. مان بہ ڪاڪي کان موڪلائي پيرين پئي گهر ڏانهن آيس. ساري رات ننڊ ڪانہ آئي. ڪاڪي سيرومل جا لفظ منهنجي ڪنن ۾ گونججي رهيا هئا.

صبح جو چئين بجي ڪاڪو اُٿيو. سنان پاڻي ڪري نيم انوسار پاٺ پوجا ڪري پنهنجي هٿن سان ليپو پائي گنگا جل جو انبرت وني، تلسيءَ جي مالا پائي، چادر پائي ڪمري ۾ ليٽي پيو. ٿوري دير کان پوءِ معلوم ٿيو تہ ڪاڪي سيرومل جي آتما هن فاني دنيا کي ڇڏي پرلوڪ ڏانهن پرواز ڪري ويئي.

اها خبر صبح ٿيندي ئي شهر ۾ بجليءَ وانگر ڦهلجي ويئي. سڄي شهر جا ماڻهون ڊوڙندا ڪاڪي سيرومل جي گهر اچي پهتا.

مون کي بہ جيئن خبر پيئي تہ مان ڪاڪي سيرومل جي گهر اچي پهتس. ڇا ڏسان تہ سڄو واتاورڻ غمگين، ماڻهون هڪ ٻئي سان سندس ڪيل سٺن ڪمن جو ورڻن پيا ڪن. ڪو چوي، تہ ڪاڪو غريبن جي نياڻين کي شاديءَ ۾ ڪافي ڪجهہ مدد ڪندو هو. اَناڻن ، بي سهاري کي ڪپڙو، اَن وغيرهہ بہ ڏيندو هو. مان آهستي آهستي ماڻهن جي ميڙ مان نڪريان ڪمري اندر هليو ويس. جتي ڪاڪو سيرومل اڇُ چادر سان ڍڪيل، ڌرتيءَ تي گهري ننڊ ۾ جڻ سُتو پيو هو. مون کان رهيو نہ ويو مون ڊيري ڊيري سندس منهن تان اُها اڇي چادر پري ڪئي. ڇا ڏسان، اُهو ڪاڪو سيرومل پٽ تي مشڪندڙ چهري سان ائين شانت سمهيو پيو هو جڻ ڪو راجا سيج پلنگ تي سمهيو پيو آهي. مان سندس چهري کي ڏسندو رهيم ۽ ائين محسوس ڪيم جڻ هو مون سان ڳالهائي رهيو آهي ۽ پڇي رهيو آهي تہ ٻڌاءِ، هت ڪوئي منهنجي لاءِ روئي رهيو آهي ۽ پاڻ ئي جواب ڏنائين منهنجو هت ڪير آهي جو منهنجي لاءِ روئندو. مان ڪيتري نہ شانتيءَ سان هيءُ دنيا جو سفر پورو ڪري وڃي رهيو آهيان. مان اڪيلو هن دنيا ۾ آيو هوس ۽ اڪيلو وڃي رهيو آهيان. موهہ، مايا جي جار ۾ ئي ڦاسي انسان پلجي وڃي ٿو تہ مان مسافر آهيان. مون پاڻ کي گهڻو ڪنٽرول ڪيو پر بيوس ٿي منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳلن تي ڪري پيا. ۽ ڪاڪي سان گذاريل اُهي پل ۽ گهڙيون مونکي ياد اچڻ لڳيون. جڻ تہ هڪ پڪچر منهنجي اکين اڳيان گهمي رهي هئي. مان هڪ بوتو بڻجي هڪ ٽڪ ڪاڪي ڏانهن نهاري رهيو هوس.

اوچتو ماڻهن جي آواز تي منهن چرڪ پريو. آواز آيو تہ ڪمري مان ٻاهر وڃو تہ اسان ڪاڪي کي سنان ڪرايون. ڪن پل ۾ ڪاڪي جا ڪپڙا لاهي ميت لڳائي ڪيس سنان ڪرائڻ لڳا ۽ اڇو ڪفن پهرائي ڪيس ڪائيءَ تي ليٽايو ويو. ڪائيءَ کي گُلن سان سينگاريو ويو، بئنڊ باجا گهرايا ويا، ڇاڪاڻ تہ ڪاڪو ڪنوارو هو ۽ سؤ سال عمر جا لڳ ڀڳ پورا ڪيا هئائين. ڪاڪي جو درشن ڪرڻ لاءِ سڄو شهر اچي ڪنو ٿيو هو. آخر هڪ پرئي مڙس پڇيو تہ ڪاڪي جي پٺي ڪير پائيندو ۽ ڪرياڪرم ڪير ڪندو؟ انهيءَ سوال تي سناٽو ڇائنجي ويو. مون کي ائين لڳي رهيو هو تہ اهي لفظ پڙاڏي وانگر منهنجي ڪنن ۾ بار بار گونججي رهيا هئا تہ آخر ڪاڪي جو ڪرياڪرم ڪير ڪندو؟

سنڌو -2025 /20

اوچتو اُنهيءَ سناٽي کي چيريندي آواز آيو تہ مان ڪاڪي جو ڪرياڪرم ڪندس. سڀني جون نگاهون اُنهيءَ طرف گهمي ويون. ڇا ڏسان تہ اُهو آواز هڪ نوجوان ڊاڪٽر جو هو، جنهن تازو ڊاڪٽري پاس ڪري اڇي شهر ۾ دواخانو کوليو هو. اُهو ڊاڪٽر اڳيان وڌيو ۽ چيائين، پئنچو اچرج نہ کائجو. ڪاڪو سيرومل منهنجو پيءُ آهي. پٽ جو ڌرم آهي پيءُ جو ڪرياڪرم ڪرڻ. تڏهن هڪ پرئي مڙس چيو تہ اسان کي تہ ڪو اعتراض نہ آهي. اُن ڊاڪٽر زور سان چيو ، ٻڌو دنيا وارو اڄ مان ڊاڪر ٿيو آهيان. ، سو ڪاڪي سيرومل جي ڪري، ڇاڪاڻ تہ مان هڪ غريب ٽانگي واري سليم جو پٽ آهيان. منهنجي پيءُ غريب هئڻ ڪري مونکي مئٽرڪ پڙهائڻ کان پوءِ اڳيان پڙهائڻ لاءِ نہ ڪري ڇڏي. پر مونکي پڙهڻ جو ڏاڍو شونق هو ۽ مان هوشيار بہ هوس. مون ڪافي رُنو پر منهنجي پيءُ غريبيءَ جو واسطو ڏنو ۽ لاچاري ڏيکاري . تڏهن مون ٻڌو هو تہ ڪاڪو سيرومل هڪ داني پرش آهي ۽ ديالو پڻ آهي. سو مان هڪ ڏينهن سندس اوطاق ۾ لنگهي ويس ۽ ساري حقيقت روئيندي بيان ڪئي مانس. ڪاڪي ڪٿ تان اُٿي ڳراٽڙي پائي چيو تہ تون روءِ نہ. مان تنهنجي پڙهائيءَ جو سڄو خرچ ڏيندس. 12 ڪلاس 70% سان مون پاس ڪيو. ٻڌايومانس تہ مون ڊسٽنڪشن ڪلاس ۾ 12 ڪلاس پاس ڪيو آهي.ڪاڪو سيرومل ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڇيائين تہ اڳيان ڇا ڪرڻو آهي؟ مون چيو تہ ڊاڪٽر ٿيڻ چاهيان ٿو. چيائين تہ وڃ ۽ ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا جي ڪوشش ڪر. مون چيومانس تہ مونکي ميڊيڪل ڪاليج 5 سال پڙهڻو پوندو. ڪاڪي چيو تون خرچ جو ڪوبہ خيال نہ ڪر. وڃي داخلا جو فارم ڀر. اللہ تعاليٰ جي مهربانيءَ سان مونکي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ملي ويئي ۽ ڪاڪو سيرومل مون کي 5 سال خرچ ڏيندو رهيو.

اُهو ڏينهن بہ آيو جڏهنمان فرسٽ ڪلاس ڊسٽنڪشن ۾ ڊاڪٽريءَ سان پاس ٿيس. ڊاڪٽريءَ جو سرٽيفڪيٽ وٺي مان سڌو ڪاڪي سيرومل جي اوطاق ۾آيس پيرين پئي چيومانس تہ اڄ مان ڊاڪٽري پاس ڪري رهيو آهي. ڪاڪي سيرومل پُٺي ٺپي آسيس ڪئي ۽ ڏاڍوخوش ٿيا. چيائين تہ اسان پنهنجوفرض پورو ڪيو آهي. هاڻي تون بہ ڊاڪٽر ٿي خلق جي خدمت ڪجانءَ. اهڙو ڊاڪٽر ٻئي ڏيکارجانءِ جيئن ماڻهون چون تہ خدا بخش ڊاڪٽر نہ پر ڊاڪٽر جي روپ ۾ فرشتو آهي. سو پئنچو هاڻي اوهان ٻڌايو تہ مان ڇا ڪاڪي سيرومل جو پٽ نہ آهيان. ڀلي منهنجو مذهب الڳہ آهي. رام ۽ رحيم تہ هڪ ئي آهي. جيڪڏهن اوهان مونکي اجازت ڏيو تہ مان هندو ڌرم جي رسمن مطابق ڪريا ڪرم ڪريان. اهو ٻڌي مان هڪو ٻڪو ٿي ويس ۽ دل مان آواز آيو’واهہ ڙي ڪاڪا سيرومل....‘

”بهترين سنڌي ڪهاڻيون“ سمپادن - لعل هوتچند ’لاچار‘ سنڌي ساهتيہ اڪادمي، گجرات راجيہ، گانڌينگر ، پاران ڇپائي (2021)، تان ورتل.

◆◆

★ مونکي هڪ بسترو ۽ سٺو ڪتاب ڏيو. مان هر طرح خوش آهيان. (پرسل سمٿ)

★ سٺا ڪتاب سٺا ماڻهون پيدا ڪن ٿا. (شيڪسپيئر)

★ سڄي دنيا تي ڪتابن جي حڪومت آهي، سوائي وحشي قومن جي (والٽيئر)

★ جيڪڏهن مونکي جهنم ۾ ڪتاب ڏنا وڃن تہ مان اهو بہ پسند ڪريان. ڇو تہ انهن ۾ اها طاقت آهي جو دوزخ بهشت ٿي پوي. (لوڪ مانيہ تلڪ)

# هڪ ٻڍو شخص

## ✍ ليک: نامديو تاراچنداڻي

جيون جي انتم پهر جي هر شام جيڪا پنهنجي سمرتين سان گذاريندو هجي...



(نامديو تاراچنداڻي)

هڪ ٻڍو شخص،

اَجنبي،

مختصر پر نهڪندڙ شرير، فقط ويجهڙائيءَ تان ڏسڻ وارن کي ئي پتو هو تہ دور نديءَ ڪناري روز شام جو اڪيلو-اڪيلو ڪلاڪن جا ڪلاڪ اچي ويهندڙشخص- هڪ ٻڍو هو. هنجو چهرو آزمودن سان ڀريل عمر جي ساک ڀري رهيو هو. هنجي پيشاني چٽيءَ طرح هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي پريچيہ ڏيئي رهي هئي. جيڪو جيون ۾ ڪافي ڪم ڪرڻ بعد هت اچي ٽڪ ٽڪي رهيو هجي.هن جي اکين ۾ سنتوش ۽ سک نمايان هو. جيون جي انتم-پهر جي هر شام جيڪو پنهنجي سمرتين سان گهاريندو هجي. چپ چاپ نديءَ جي وهندڙ اٿاهہ جل ۾ اکيون کپائي ذري گهٽ هر پل ڪنبندڙ هنجو شرير دور کان ڪنهن نوجوان جي قدبت ۽ آڪار پرڪار جي پورائي ڪندو هجي جڻ . تندرست آواز، سلوڻو لهجو. ڪي قدر ڏڪندڙ يا اهڙو آڀاس ڏيندڙ نرم-نرم هٿ- جنهن جا سفيد چٽا ليڪا گويا گذريل وقت جا نقشا هجن. پريشانيءَ کان بنهہ خالي هنجو نرڙ- صاف ۽ چٽو. درست اڇا ڪپڙا، سفيد ڪفني ۽ لينگهو. پٽل جي مٺ واري ننڍڙي هئنڊ-اسٽڪ، ڪپڙن سان ڪنٽراسٽ ڪندڙ پاليش ڪيل چمڪندڙ ڪاري چمپل. جيڪا هنجي مٿي جي اڃان بہ ڪارن وارن سان ميچ ڪري سگهي ٿي. لڳي ٿو هنن ڪارن وارن سان ضرور عمر ڪافي رعايت ڪئي هئي. منهن تي چپن ۾ بند ڌيمي مرڪ. جيون جي مسافريءَ جي منزل جي ويجهو اچڻ جي خوشيءَ ۾ شايد هنجو چهرو اُداسيءَ کان گهڻو دور نڪري چڪو هجي جڻ. ۽ منزل طرف ليئا پائيندڙ اکيون- ننڍڙيون ۽ ڪاريون. جن جي وچوٽيءَ ۾ نرڙ تي - نديءَ جي ڇولين جي اُڀار سبب هر گهڙيءَ سوڙهيون ٿي ويندڙ ريکائون. چانديءَ جهڙي چمڪندڙ صاف فريم ۾ بند ٻن گولن ڪانچن جي پار اُهي اکيون نديءَ جي تهن ۾ ڪجهہ ڳولهڻ ۾ هر وقت مگن، شايد نديءَ ۾ لهرن کي پئدا ڪندڙ تجويزن کي جاچڻ ۾ جڻ هن وڏي گهيري ۾ پکڙيل ساگر نما اُڀريل نديءَ جي ڇاتيءَ ۾ ڪجهہ عجيب نظارو ڏٺو هجي ۽ جيڪو هردم نئون هجي يا جڻ هنجي ڪا قيمتي شيءَ نديءَ جي وهڪري ۾ لڙهي ويئي هجي ۽ اهڙي ڪنهن شيءَ جو مٿي تري اچڻ جو هن کي اونو هجي.هنجون پاڻيءَ طرف گنڀير نظرون ان ڳالهہ جي پڪي ثابتي ڏيئي رهيون هيون تہ هنجو ان نديءَ سان - ان پاڻيءَ سان ڪو لڳاءُ هو. هڪ آتميتا هئي. ڪا پنهنجائي هئي. هڪ سنبنڌ هو. ڪو ڳوڙهو رهسميہ ناتو هو. هر شام جو ان جڳهہ تي هو حاضر ڏسڻ ۾ آيو هو. گهٽ ۾ گهٽ جڏهن کان منهنجي بدلي هن ننڍڙي ڳوٺ جهڙي شهر ۾ ۽ سو بہ شهر کان پري آيل آفيس ۾ ٿي هئي.

مون هن ٻڍي شخص کي صرف ڪجهہ دفعا ئي ۽ سو بہ ڪن ڪٺن لاءِ ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي.

هنجي معصوميت پري درشتي بلڪل تصوير جيان چٽيءَ طرح ياد آهي. آفيس کان گهر ويندي نديءَ وارو ميدان پار ڪندي پريان کان هن ٻڍي کي روز ويٺل ڏسي سگهبو هوس. هن جو روز اُتي ان طرح اڪيلو ويهڻ مون کي تپسيا کان ڪڏهن به گهٽ نه لڳو هو. هو اسان جي ڳالهين ۾ اڪثر ذڪرجي ويندو هو. اسان مان ڪوبه هن شهر جو رهاڪو نه هو ۽ نه ئي هو ٻڍو هن شهر ۾ ايڏو اڳ جو آيل هو. ان ڪري اسان مان ڪنهن کي به ڪا خاص ڄاڻ هن بابت نه هئي. پر الائي ڇو مون کي هن ٻڍي شخص طرف هڪ اٽيچمينٽ- هڪ ڀاوَ ٿي ويو هو. هنجو اُتي ان طرح ويهڻ مون کي تسڪين بخشيندو هو. مون کي ڪڏهن ڪڏهن دل ٿيندي هئي ته مان به جيڪر ٻڍو ٿي ان طرح جون اڪيليون شامون قدرت جي بنهه قريب ويهي ماڻي سگهان. هن سان ڪڏهن به ڳالهايو نه هوم. ڪابه سڃاڻپ نه هئي. پوءِ به رفته - رفته اڪين دلي طور پنهنجائي ٿي ويئي. اسان کي آفيس ۾ موڪل هوندي هئي ته اسان هن طرف اچڻ جو خيال به نه ڪندا هئاسون. پر اسان کي سڌ هئي ته هو ٻڍو هر شام بانيم اتي نديءَ جي ڪناري لڳ هڪ وڏي پٿر تي اچي وهندو هو. هنجي اها ڊيوٽي ته هئي. هن لاءِ اهو زندگيءَ جو ماڻڻ هو. سج لهڻ کان اڪثر ڪلاڪ اڳ هو ايندو هو. اچڻ وقت هن جي رفتار هن جي عمر کان تيز هوندي هئي. سج لهندي-لهندي هو اُٿندو ۽ پير-پير ڪري هو گهر طرف ويندو هو. وڃڻ وقت هن جي رفتار هن جي عمر کان گهٽ هوندي هئي. هو ڪٿان ايندو هو، ڪٿي ويندو هو ۽ ڪيئن رهندو هو، ان بابت ڄاڻڻ جي مون ڪڏهن ڪوشش ڪانه ڪئي هئي. ڪا ضرورت ئي ڪانه محسوس ٿي هئي، نه ئي ڪو پريوجن هو.

ائين هڪ ڏينهن جاڳي هئي اُتسڪتا مون کي هن وٽ وڃڻ جي، هن سان مخاطب ٿيڻ جي. هوُ اُن وقت اُتي وينو هو. ڪجهه قدم ان طرف وڌي به مان رڪجي ويس. همٿ نه هئي. پريان کان هن شايد مون کي پاڻ طرف ايندو ڏٺو به هجي ڇو جو هن جي پسند ڪيل ڪنڊ عام طرح ڪا راهگيرن جي رستي نه هئي. ان ڪري ان طرف وڃڻ ظاهوري طور هن وٽ وڃڻ ئي هو. پر ته به مون کي محسوس ٿيو ته ، بنا ڪنهن واقفيت ۽ مطلب جي هن سان ڇا ۽ ڪيئن ڳالهائبو. وري خبر نه آهي هو ڪير آهي. پنهنجي عمر ۾ راڄ ڪري آيل هڪ عامل شخصيت جي مون تي ڇاپ هئي.

اهڙي نويلڪي جڳهه تي روز ايندڙ شخص جي ايڪانت ڦٽائڻ به اَڻ سونهائيندڙ هو. جيتوڻيڪ ائين به ممڪن آهي ته رٽائرڊ ايج ۾ عام طرح ماڻهون پنهنجي ڳالهه ٻئي کي ٻڌائي زماني جي بدل سدل ۽ اهنجن کي ظاهر ڪري پاڻ هلڪو ڪرڻ چاهيندو آهي. پر هيءُ شخص پنهنجن پراون جي دکن- سکن جي وارتائن کان پري جو لڳي رهيو هو. منهنجي همٿ نه هئي. هو ته ڪو نرالو ڪوئي جيوُ لڳي رهيو هو. نديءَ جي پاڻيءَ جي ڪل ڪل، دلڪش ڳاڙهي چنڊ جهڙي سيتل سورج جي پاڻيءَ ۾ ترندڙ رنڪين پاڇولن جي پرڪرتيءَ جي عاشق-دل کي ڊسٽرب ڪرڻ برابر نه هو. هونءَ به سونهن پريان پسڻ جي چيز آهي. ڇهڻ جي نه.

تنهن ڏينهن آفيس مان سويل ڇُٽي ملي . خيال ان پٿر تي ويهي ڏسجي. ڪئن ٿو لڳي ائين سوچيندي سوچيندي اتي پهچي ويس سائيڪل ير ۾ ٽڪ تي پٿر تي ويهي رهيس. سورج اڃان جوان هو. پر گرمي ايڏي ڪانه هئي. وهڻ سان لڳو بوٽ جوراب منهنجي اتي ويهڻ جي لياقت گهٽائي رهيا هئا. هڪ نيڏڙي لٺ جي به پنهنجو پاڻ هڪ ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. جڻ منهنجي اُتي ويهڻ غير قدرتي لڳي رهيو هو. مان اُتي ڪڙو ٿيس وڏي ڳالهه ته جنهن صبر ۽ سنجيدگيءَ جي

ڪوٽ هئي اها هڪ عمر ئي ڏئي سگهي ٿي. پل پر جي لاءِ خيال آيو ته مان ترسان. هو ٻڍو شخص هٽ اڇي. مان هن سان اکيون ملايان ۽ پنهنجو رد عمل هن جي اکين ۾ پڙهان. پر اکين ملڻ جي خيال مان ئي منهنجين اکين اڳيان هنجون رعبدار اکيون ڦري آيون. مان هنجي نظر سهي نه سگهيس ۽ مان اُٿي هلڻ لڳس. مون کي لڳو ڄڻ اهو پٽر-اها جڳهه اِها ڪائنات ان شخص جي جاگير آهي ۽ مان ڪنهن جي جڳهه تي بنا اجازت آيو هجان. جيڪو شخص اُن جڳهه کي ايترو پيار ڪري ٿو. اها اُن جي ئي آهي يا گهٽ ۾ گهٽ هئڻ گهرجي. مان ائين تڪڙو هلڻ لڳس ڄڻ ته اُتي اچڻ وڃڻ سڄ پڄ ڪو اپراڌ هو. پاڻ تي هڪ نظر وجهڻ تي لڳو مون ۾ ڪيڏو فرق آهي. هن ٻڍي جي پيٽ ۾ منهنجا وار پاڻ اچا پيا لڳن. منهنجا ڪپڙا هن جي پيٽ ۾ ڪارا. منهنجي سائيڪل منهنجي پراڊينتا جي نشاني آهي. موٽڻ وقت وهندڙ پاڻيءَ ۾ ليئو پائڻ سان ان به ڪا موت نه ڏني. مون کي هڪ ڊاريائپ جو احساس ٿيڻ لڳو. منهنجو من ڄڻ اشانت ٿيڻ لڳو.

ميدان ۽ ان ڪان پوءِ رستو پار ڪري مان هڪ ڪنڊ واري هوٽل جي ٻاهران چانهه پي اخبارون اُٿلائي ان ٻڍي جي تان لنگهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. پر جيترو انتظار ڪري سگهيس هو ٻڍو هميشهه جيان اُتان ڪونه نڪتو. نراس ۽ مايوس چهرو کڻي مان گهر پهتس.

ٻئي ڏينهن آفيس ۾ پتو پيو ته هڪ ٻڍو شخص هڪ ڏينهن اڳ نديءَ ڪناري آتم هتيا ڪري مري ويو. پوليس ڪناري جي هڪ وڏي پٽر تان ڪاري چمپل، نندي لٺ قبضي ڪيا آهن. ان خبر جي تصديق اخبارن به ڪئي هئي. منهنجو من جيڪو ڪلهه ڪان مايوس هو سو وڌيڪ مايوس ٿي ويو. مان آفيس ۾ ڪم نه ڪري سگهيس.موڪل لئي مان گهر طرف هلڻ لڳس. رستي ۾ اهو ٻڍو شخص نظرن اڳيان گهمي رهيو هو. مون کي وشواس ئي نه ٿي آيو ته ڪو اهڙو شخص دنيا کي ائين دوکو ڏيئي سگهي ٿو. مان بنان ڪنهن سوچ ويچار جي ان پٽر تي پهچي ويس. هاڻي ته مون کي اُتي ڪوبه ڊپ نه ٿي رهيو هو. ڄڻ ڪوئي قدرت جي اها سموري ملڪيت مون وٽ ڇڏي ويو هو. هن اها جڳهه - اهو وقت پنهنجي چاهيل موءِ ت لاءِ پراپت ڪري ورتو. اها ڪا معمولي ڳالهه آهي. مان نديءَ جي پاڻيءَ ۾ جهاتي پائي نهارڻ لڳس. پوءِ به مون کي لڳو، اهو هن سنو نه ڪيو.

(بهترين سنڌي ڪهاڻيون)

◆◆

## واٽس اَپ

ماهتاب محبوب سنڌي فڪشن جي دنيا جو تمام وڏو نالو آهي. سندس ڪهاڻين ، ناولن ۽ سفرنامن ۾ خوبصورت جذبات نگاريءَ سان گڏ سنڌي سماج جا مثبت ۽ منفي پهلو ڏسي سگهجن ٿا. هوءَ سماج ۾ مثبت تبديليءَ جي لاءِ منفي گهرو سياست، سماجي براين ۽ منافقين کي پڌرو ڪري ٿي. سندس وڏي ۾ وڏي خوبي هن جي حقيقت پسندي ۽ فوٽوگرافڪ منظرنگاري آهي. سندس ڪردار اسان توهان جا ڏٺل وائٺل ۽ جيئرا جاڳندا آهن. ماهتاب جو نثر خوبصورت، روان ۽ دل کي ڇهندڙ آهي.

سيمينار ۾ سنڌ جي هن منفرد فڪشن نگار کي ڀيٽا ڏيندڙ مشهور شاعر ، ڪالم نگار ۽ صداڪار نصير مرزا ۽ وفاقي اردو يونيورسٽيءَ جي پروفيسرڊاڪٽر عابده گهانگهرو

◆◆

# اَنوراڌا

✍ **شريمتي پريا سِتپال**

پوڄا،اَنوراڌا کي، ”آمان اڪيون تہ بند ڪيو.“

”ڇو؟ اَڄ ڪجهہ نئون آندو اَٿيئي ڇا؟“ اَنوراڌا هال مان ڪمري طرف ويندي پڇيو.

”نہ، پهريون اڪيون بند ڪريو؟“ پوڄا ضد ڪندي چيو.

ڪمري ۾ گهڙندي پلنگہ تي ويهندي، ٺيڪ آهي بابا هان وٺ، اڪيون بند ڪندي اَنوراڌا چيو.

پوڄا ڪمري ۾ گهڙندي اَنوراڌا جي هٿ ۾ هڪ دبي رکندي چيو. ها، هاڻي پل اڪيون کولي سگهين ٿي.

دبيءَ کي کوليندي اُن ۾ سوني جون واليون ڏسندي انوراڌا پڇيو، هيءَ ڪٿا وٺي آئي آهين.؟

مان پنهنجي پهرين پگهار مان تنهنجي لاءِ آنديون اٿم. پوڄا اکين ۾ چمڪ آڻيندي چيو.

پر تو هيترا پئسا ڇو خرچ ڪيا. ڪوئي ڪجهہ چوي تہ... انوراڌا ٿورو هبڪندي چيو.

منهنجي ڪمائيءَ آهي، مان ڪيئن بہ خرچ ڪيان، ڪوئي مونکي ڇو چوندو. پوڄا ٿورو ناراض ٿيندي چيو.

ڇڏيو ان ڳالهہ کي، توهانجي نندي پيڻ جي پٽ جي شادي آهي ، ڇا توهان ڪا تياري ڪرڻ شروع ڪئي آهي ڇا؟ پوڄا انوراڌا کان سوال ڪيو.

مونکي ڪهڙي تياري ڪرڻ آهي. ڪبٽ پريو پيو آهي تمام سنين سنين ساڙهين سان. وڏي ماسي هجڻ جي ناتي پاڻيجي جي زال کي شادي ۾ سوني جو سيٽ ڏيڻ ٿي چاهيان... پر تنهنجو ڏاڏو.... ”هاڻي ڇاٿيو؟“ ڪجهہ نہ، ڇئي رهيا آهن مان رٽائرڊ ماڻهون آهيان. مون وٽ ڪونہ آهن ايترا پئسا. هوئڻ بہ اڄ وچ ۾ ڪافي خرچ ٿي ويندو. هوائي جهاز جون ٽيڪيٽون بہ سستيون ٿورئي نہ ملنديون. مٿان وري گهر جي نندي وڏي هر ميمبر لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ گفٽ جي روپ ۾ کڻي وڃڻو آهي. ان لاءِ ڇئي رهيا آهن نندا ڪنن جا ٽاپس ئي کڻي نهرائي وڃ شادي ۾ پاڻيجي جي زال کي شاديءَ ۾ ڏيڻ لاءِ ۽ اڄ ڪالهہ تہ نندي ڪنهن سان بيهر ملڻ بہ نہ ٿي پسند ڪري. پر پٽ! تنهنجي پپا جي شاديءَ وقت منهنجي انهيءَ نندي پيڻ مونکي ڪافي ساٿ ڏنو. منهنجي هر ڪم ۾ منهنجي ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺي. اڄ کان بہ سال پهريون جڏهن تنهنجو ڏاڏو ڪافي بيمار ٿي پيو. ياد اٿيئي...

ها دادي، نندي ماسي اسان سان پندرهان ڏينهن گڏ اچي رهي هئي ۽ اسان سڀني جي همٿ ٻڌي هئائين. پوڄا ياد ڪندي چيو.

بس انڪري منهنجي دلي تمنا هئي تہ .... اَنوراڌ ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

تہ ممي پپا کي چئو نہ. هو سڄو بندوبست ڪري ڏيندا. پوڄا انوراڌا جي ڪنڌ تي هٿ رکندي چيو.

اڙي نہ! نہ! راهول جي پڙهائيءَ جو خرچ ۽ تنهنجي شادي لاءِ بہ هنن کي گهڻو ڪجهہ ڪاڻو آهي. هوئڻ بہ پوري گهر جو خرچ تہ هو ٻئي ئي سنڀالي هلائي رهيا آهن ۽ اُنهن تہ هي ٻيو بوجهو وجهڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. پوءِ هڪ لنبو ساهہ کڻندي انوراڌا چيو، ”ڪاش! منهنجي بہ پنهنجي ڪمائي هجي ها تہ....“

شادي ۾ اڃا ڪجهہ مهنا آهن ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ ڪرڻو پوندو. اهو سوچيندي پوڄا پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي. ڪبٽ کوليندي ئي هن کي پنهنجي نندپڻ جي من پسند ڊال (Doll) ڏسڻ ۾ آئي. ڊال کي هنج ۾ کڻي گلابي ڪروشياجي ڌاڳن جي ٺهيل فراڪ پاتل ڏسڻ ۾ آئي. پوڄا کي ياد اَچي ويو تہ اها ڊال

لاءِ فراڪ انوراڌا هن کي ڏاڍي پيار سان ڏاهي ڏني هئي. بس پوءِ تہ هڪ خيال ايندي ئي منهن تي هڪ عجيب مسڪراهٽ کڻي هوءَ بزار جي لاءِ نڪري ويئي . ڪجهہ دير کان پوءِ هوءَ ڪجهہ ڪلر فل ڌاڳن ۽ ٻئي سامان سان گڏ انوراڌ وٽ آئي ۽ اُن کي پوري ڳالهہ وستار سان سمجهائي تہ هوءَ جلد ئي تيار ٿي ويئي. ٿوري ئي وقت ۾ هن چار فراڪون ۽ ڪجهہ ٻارن جا شوز ۽ ننڍيون ٻارن جون ٽوپيون تيار ڪيون.

پوجا اُنهن جا فوٽا ڪڍي واٽس اَپ ۽ فيس بُڪ تي وجهي ڇڏيون ۽ اها خبر پڻ وجهي ڇڏي تہ جنهن کي بہ وٺڻو هجي اهو مٿي ڏنل نمبر تي ڳالهائي سگهي ٿو. هڪ هفتو اِئين گذري ويو پر ڪجهہ بہ نہ وريو. پر ٻئي هفتي ۾ انوراڌا کي فون آيا ۽ هن جو هٿن جو ٺهيل سامان وڪامڻ لڳو.

انوراڌا کي هٿن ۾ جڏهن اُنهن شين جا پئسا مليا تڏهن هن جون اکيون پرجي آيو ۽ چيائين هي ۽ آهي منهنجي پهرين ڪمائي. اِئين چئي ڪري هن پوجا کي گلي لڳائي ڇڏيو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پوجا کي ان جي ساهيڙي وندنا جي ماءُ جو فون آيو جيڪا اُنهيءَ شهر ۾ جيلر هئي. وندنا جي ماءُ واٽس اپ تي خوبصورت هٿ جون شيون ٺهيل ڏٺيون تہ پوجا کي فون تي چيائين تہ هتي تمام گهڻيون قيدي عورتون آهن جيڪي خالي وقت ۾ پاڻ بڪ بڪ يا جهڳڙا ڪنديون رهنديون آهن. جيڪڏهن اَنوراڌا (تنهنجي ڏاڏي) ڪروشيا مان فراڪون ۽ ٻيو سامان ٺاهڻ هنن عورتن کي سيکاريندي تہ اُنهن جي ٿوري ڪمائي ٿيندي . پوجا کي اها آئيڊيا ڪافي وڻي ۽ هن اَچي اِن باري ۾ انوراڌا سان ڳالهايو تہ هوءَ خوش ٿي ويئي ۽ اُنهن عورتن کي سيکارڻ لاءِ تيار ٿي ويئي.

ٻئي ڏينهن کان انوراڌا انهن قيدي عورتن کي ڪروشيا مان فراڪون، شوز ۽ ٽوپيون ٺاهڻ سيکارڻ شروع ڪيون. هاڻي اُهي قيدي عورتون فراڪون ۽ شوز ٺاهي ڪري انوراڌا کي ڏينديون ۽ انوراڌا انهن کي اڳيان وڪڻڻ ۾ مدد ڪندي هئي. انهيءَ نموني انوراڌا هاڻي هڪ مشهور بزنيس مهلا بڻجي ويئي.

ڪجهہ مهنن کان پوءِ جڏهن هوءَ خوبصورت سون جو سيٽ نئين ڪنوار کي ڏيئي رهي تڏهن آتم وشواس ۽ چمڪو سيني کان وڌيڪ انوراڌا جي اکين ۾ نظر ٿي آيو.

◆◆

## نظم

✍ ساڌو متائي

1. ويلَ وَئي، ڪَري تہ، اَڄُ سُياڻ آ،
   اَڄُ سمورو حسابُ ڪَرڻو آ.
2. پوءِ کي وقتُ ملي نہ ملي،
   اَڄُ ئي ڏيڻو وَٺڻو ڪَرڻو آ.
3. ڪَيلَ ڏوهنِ جوُن وَٺي معافي،
   قرضَ مَرضَ کان آجو ٿيڻو آ.
4. جَندُ نہ ڇڏي ڪَرَم ست جَنمَ تائين،
   روئي کِلي بہ اَڄُ سَڀُ سهڻو آ.
5. ڏي-وَٺُ زماني جي مَرڪُ آ،
   ڏنو وَرتو چُڪائڻُ فرضُ آ.
6. آناڪاني ڪري ٻُڇڙو نہ ٿيڻو آ
   اَڄُ سموُرو حسابُ ڪَرڻو آ.
7. سَياڻو ٿي ڪُجهہ 'آزاد' اَڄُ
   سَرهو ٿي جهان ۾ ٽوڪي رَهڻو آ.

◆◆

✍ واٽس - اَپ

ستارا عرش تان ٽٽي پيا آهن
گلاب مٽي مان ڦٽي پيا آهن
ڪيئين چپن تي چپ رکيا ٿيئي،
زخم پراڻا چُٽي پيا آهن
محبت جي مڇ ڪچهري تي،
ڪوڙ خاني خانا بہ کٽي پيا آهن
مني امام ضامن ٻڌين تہ ٻڌ،
دل تي ڏک درد ٽٽي پيا آهن
هڪڙي ڇوڪري جي ڪري
بادشاهہ شهنشاهہ ڪٽي پيا آهن ستارا
عرش تان ٽٽي پيا آهن
گلاب مٽي مان ڦٽي پيا آهن

◆◆

# شڪست کاڌل انسان

## (مول هندي ڪهاڻي ”هارا هئا اِنسان“)

انواد: ڪشور لالواڻي — ليکڪا: ديوي ناگراڻي



هڪ عام ماڻهون جي پنهنجي نظرن ۾ ۽ ٻين جي نظرن ۾ ڪهڙي اهميت آهي اها ڳالهه هن لاءِ وڏي معنيٰ ٿي رکي. جي اڳلي جو نظريو اسانجي باري ۾ صحيح ناهي ته پوءِ پل ڪيترين ئي ڪوششون ڇو نه ڪجن ڪن ماڻهون جي نظرن ۾ پاڻ ڪي اُڀارڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي.

اهو هڪ دردناڪ احساس آهي. جنهن سان گڏ احساس ڪمتري به اچي ٿي. هن پاونا کي چڱي طرح اهوئي سمجهي سگهي ٿو جيڪو هن دور مان گذريو آهي.

هن دنيا ۾ مونکي پنهنجو سڏڻ وارو ڪوبه ڪونه هئو. ائين پئي لڳو ڄڻ مان هن جاءِ جي ويران گهٽين ۾ هڪ بي مقصد ۽ گمراهه بار جيان ٻڌجي رهجي ويو آهيان. منهنجي گهر کي ڍڪڻ لاءِ منهنجي مٿي تي ڇت جي بدران ، فقط کليل آڪاش هو ۽ منهنجي پيرن هيٺان زمين جو اُهو ٽڪر جنهن جي ڪا پت به ڪونه هئي. جيڪڏهن ڪجهه هو ته بس يادون. اهي يادون جيڪي ذهن جي هر ڪنڊ ۾ سمايل هيون. دل جي اُنهن تنگ گهٽين ۾ مون وانگر بي انتها زندگي گذاري رهيون هيون.

پر ڇا اُن مان گذرڻ سولو هو؟ جيڪڏهن ٿي پيرا نه ته گهٽ ۾ گهٽ به پيرا ته انسان جي پيٽ ۾ ڪجهه نه ڪجهه پوڻ ضروري آهي. جي پيٽ ۾ ڪاڌو نه هجي ۽ بدن تي ڪپڙا نه هجن ته پوءِ ماڻهون گرمي، ٿڌ ۽ مينهن جي هر آواز ڪان ڊجي ويندو آهي. مان صرف نون سالن جو ٻار هوس. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ مون اڄان تائين پنهنجين خواهشن کي قابو نه ڪري سگهيو هوس. ماڻهن جي وات مان گهٽيئي ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ مان پنهنجي سڃاڻپ ڳولهڻ جي هر امڪان کان پري ٿيڻ لڳس. بس لاوارث ئي منهنجي اصل سڃاڻپ ٻڌجي وئي هئي. ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ ته منهنجو نالو ئي لاوارث هجي.

بستيءَ مان گذرڻ وقت اُتان جا خراب ماڻهون مونکي ”او لاوارث، آڙي لاوارث“ ڪري سڏ ڪندا هئا. مان اُنهن جي وات مان اهو اکر هميشهه ئي ٻڌندو رهندو هوس هڪ وقت اهڙو به آيو جو مان اهو اکر ٻڌڻ بند ڪري ڇڏيو. سڏ ڏيڻ واري کي مڙي ڪري تيزين اکين سان اهڙي طرح نهاريندو هوس جو وري ڪڏهن ڪوئي به مون کي ائين سڏ ڏيڻ جي جرئت نه ڪري سگهي. ڊيري ڊيري سيني جا وات بند ٿيڻ لڳا. ڄڻ اوچتو طوفان اچي ويو هجي. سبب صاف هئو. مون اهڙو وحشي رويو جو اختيار ڪيو هئو.

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ڪالونيءَ ۾ خاموشي ڇانئڻ لڳي. هاڻي نه ڪوئي مونکي سڏيندو ۽ نه ئي وري مان ڪنهن سان ڳالهائيندو هوس. منهنجي خاموش زبان ۽ خاموش اکيون ڪنهن بي منزل جي ڳولها ۾ هونديون هيون. مان سوڙهين گهٽين ۾ رهندي وڌندو رهيس. اُن سان گڏ منهنجي احساس جي وسعيت به وڌندي رهي.

ريلوي روڊ جي ڪنڊ پرسان پان جي دڪان تي ٽي.وي ڏسڻ وارن ماڻهن جي ميڙ جي وچ ۾ بيهي مان پنهنجي عمر جي نوجوانن کي ڪيڏندي ۽ نينگ ٽپا ڏيندي نهاريندو هوس تہ انهن سان حسد ٿيندو هئو. ڪين نعمتن سان مالامال ۽ شاندار زندگي گذاريندي ڏسي منهنجون خواهشون بہ اُڀرڻ شروع ڪنديون هيون. منهنجي ضمعير مون کي بہ ڪجهہ ڪرڻ جو جوش ڏياريو. هو صاف ستري رندگي گذارڻ جا خواب ڏسڻ لڳو. پر جڏهن بہ ڪيس ڪو موقعو مليو تہ دل شڪستو ٿي ويو.

ڪٿي مان گندي گهٽين جو اٽڃاٽل لاوارث ماڻهون ، ڪٿي هو صاف ستري زندگيءَ جا شهزادا. هوُ اُهي پڙهيل لکيل نوجوان هئا جيڪي دور دراز ملڪن ۾ هوائي جهازن ۾ آڪاش تي اُڏامندا آهن ۽ شاهي تعليم جو جهنڊو ڦڙڪائيندا هئا. مون کي ڏاڍي مايوسي ٿيندي هئي. پاڻ تي لڄ بہ ايندي هئي. لاوارث اکر ٻڌي ٻڌي مان پنهنجي سڃاڻپ ايتري وڃائي ڇڏي جو هاڻي مان پنهنجو حال بہ وسارڻ لڳو هوس.

مان پنهنجي سيني ۾ لڪيل خواهش کي برندي نهاريندو رهندو هوس. اندرين چمڪ جي گرميءَ سبب رستي تي منهنجا قدم ٿمڄڻ لڳا هئا. ڪڏهن ڏاڍو خوش ٿيندو هوس تہ ڪڏهن من ڏاڍو اُداس ٿي ويندو هئو. جذبات انسان کي ڪنهن بہ وقت ڊپريشن ۾ وجهي سگهندي آهي. حقيقت ۾ مان اُن ڊپريشن واري دور ۾ داخل ٿي چڪو هوس. پر درد کي برداشت ڪرڻ جي عادت مونکي جڪڙي رهي هئي. مون وٽ ٻيو ڪو رستو ڪونہ هو. گهڻيئي دفعا تہ ننڊ ۾ بہ پاسا ورائيندو، پنهنجي بيچئني کي طاقت ڏيندو رهيس. منهنجي اندر ۾ برندڙ زهر جو جبل لاوا وانگر ڦاٽڻ لاءِ تيار هئو. اِيشور ٿو ڄاڻي تہ منهنجي اندر ۾ روز روز ڇا ڦڙڪندو رهيو. جنهن جو آواز منهنجي زخمن کي پاڪر پائڻ لاءِ ڪافي هو. رستا ڏکيا هئا، تنگون جمي ويون هيون ۽ هر قدم تي مات هئي. منهنجو ذهن هميشهہ خيالن ۾ اُڏامڻ لاءِ تيار هوندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن انسان کي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجو ماضي وسارڻو پوندو آهي. اٽڃاٽائيءَ ۾ هلندي هلندي مان اُن رستي تي وڃي پهتس جتي نيون عمارتون ٺهي رهيون هيون. اُتي ڪي مرد ۽ عورتون مزوري ڪري رهيا هئا. مون ڏٺو تہ اُهي ڪي تگاريون کڻي، ڪڏهن سرن سان ڀري تہ ڪڏهن سيمنٽ سان ڀري ڪري مٿي تي کڻي پئي ويا. مون بہ من ۾ سوچيو مان بہ تگاري ڀري اُتي کڻي وڃان جتي ٻيا مزدور ٿا کڻي وڃن. چيو ويندو آهي تہ بي روزگاريءَ کان تہ مزوري بهتر آهي. مان پڪو پهہ پڇايو تہ هاڻي پنهنجي ماضي ڏي نهارڻو ناهي.

ڏيري ڏيري منهنجو ڪم منهنجي ساٿين کي وڻڻ لڳو. ڳالهہ مالڪ تائين پهتي، سيني جي چوڻ تي هُن مونکي منهنجي ڪم جو مواعضو ڏيڻ شروع ڪيو. مزدور زالون جن کي مان ڪڏهن ماءُ، ڪڏهن ناني، ڪڏهن دادي چئي سڏ ڏيندو هوس. روز منهجند جي وقت پنهنجي ٽفنن مان مونکي بہ ڪجهہ کائڻ لاءِ ڏينديون هيون. هاڻي مون کي ائين لڳڻ لڳو جڻ مان لاوارث ناهيان. ۽ نہ ئي يتيم آهيان. منهنجا بہ ڪي گهڻگهرا آهن. ڪڏهن ڪڏهن سندن گهر جي ڪم ۾ بہ مدد ڪندو هوس.

ساڳئي ٺيڪدار وٽ ڪم ڪندي مون کي بيچيئني محسوس ٿيڻ لڳي. سچي ڏينهن جي محنت مان جيئن ئي مونکي چار پئسا مليا ۽ منهنجي جسم ۽ دماغ کي شڪتي ملڻ لڳي. اُتي مزدوري ڪندڙن عورتن کي ننڍڙن ابهم ٻال گوپالن کي پنيءَ سان ٻڌي تگاريون کڻندي ، ان کي مٿيءَ ۽ ريتيءَ سان ڀريندي ڏسي مون بہ پنهنجي ذهن کي پٿر وانگر مضبوط ڪري اهو فيصلو ڪيو

لڳو هوُ پهريون ڪان ڪمزور ٿي ويو آهي. هو هليو ويو. مان اُن پاسي تيستائين نهاريندو رهيس جيستائين هو منهنجي نظرن کان دور نہ ٿي ويو. مان سندس باري ۾ الائي ڇا ڇا سوچيندو رهيس. منهنجي ذهن ۾ اُداسي جا بادل گهاٽا ٿي ويا.

ڪجهہ مهينا گذري ويا هڪ ڏينهن هو وري آيو. هن ڀيري ائين لڳو ڄڻ هو پنهنجي پيرن تي بہ نہ ٿو بيهي سگهي. مان پنهنجي پان جي نيلي تان هيٺ لٿس ۽ هُن جو هٿ جهلي کيس سهارو ڏيئي ڪرسيءَ تي ويهاريو.هميشهہ وانگر بہ پان ناهي کيس ڏنا ۽ سوالي نظرن سان هُن ڏانهن نهاريو. هُن مون سان اکيون ملائڻ بدران پنهنجي ڳچيءَ کي ٿورو هيٺ جهڪايو. شايد هو مون سان نظرون نہ پيو ملائڻ چاهي. هوُ اُٿڻ جي ڪوشش ڪندي ٿورو لڙڪي پيو. پر وري اُٿي ويو. ائين محسوس ٿيو ڄڻ هن زندگيءَ جي راند ۾ پاڻ کي داوَ تي لڳائي ڇڏيو هو ۽ گم ٿي ويو هئو.

هُن اڻڄاڻ رشتي ۾ مون کي خبر ئي نہ پئي تہ ڪڏهن ۽ ڪيئن منهنجون پاڻائون هن سان ڳنڍجي يون. کيس ڏسندي مون کي پنهنجو ماضي وارو وقت ياد اچي ويندو هو. جڏهن مان بہ هن وانگر پاڻ ۾ گم، بي مقصد ۽ بي گهر رستن تي ڀٽڪندو رهندو هوس. نہ ڪم جي جاءِ هئي ۽ نہ ئي ايتري دولت هئي جو ڪجهہ ڪري سگهجي. لاوارث نالي سان ئي گهمندو رهيس. شرمندگي پنهنجي جاءِ تي آهي۽ آتم وشواس تي حملو الڳ ڳالهہ آهي. ان کي ڪڏهن بہ ظاهر ٿيڻ نہ ڏجي. مان بہ هن وانگر سچو ڏينهن صحيح رستو ڳولهيندي گذاريندو هوس.

هڪ شڪست کاڌل انسان ، بيچئنو، جنهنجي نظر سماج جي داعويدارن ۽ دولتمندن جي اکيان هميشهہ ئي جهڪيل رهي. هُن پنهنجي نظر ۾ئي پاڻ کي جامڙو محسوس ڪيو. هميشهہ لڇي اکين سان ٻين کان منهن موڙيندو رهيو. هي منهنجو جاتي تجربو آهي. جيئن جيئن وڏو ٿيس، تيئن تيئن منهنجي ذهن ۾ خواهشون اُڀرڻ لڳيون. ڪجهہ ڪرڻ جون ڪجهہ بڻجڻ جون. خواهشون منهنجي خيالن ۾ شڪل اختيار ڪرڻ شروع ڪيو. ائين لڳو ڄڻ منهنجا نرم پر اڏام جي جذبي سان ڀرجي ويا هجن. پوءِ اوچتو منهنجي ذهن ۾ نئين سفر تي هلڻ جو جذبو اُڀرڻ لڳو.

هي منهنجو ماضي هئو، منهنجو اڄ روشن ترورو بڻجي ويو آهي. جيڪو منهنجي زندگيءَ کيسوجهرو ڏئي رهيو آهي. قدرت هر ڪنهن کي ٻيو موقعو ڏئي ٿي. زندگيءَ جي سفر جي دؤران هر ڪنهن کي ايڪلويہ وانگر منزل تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. مان جڏهن مون جهڙن ٻارن ۽ نوجوان کي اهڙي طرح زندگيءَ جا ڏک ڀوڳيندي نهاريندو آهيان تہ دل ئي دل ۾ ايشور کي پرارٿنا ڪندو آهيان تہ اُنهن کي بہ پنهنجي سچاٽپ ملي. هو بہ پنهنجي طاقت تي بيهڻ جي همٿ رکن ۽ زندگيءَ ۾ اُميد نہ وڃائن. سخت محنت سان اسان هر شڪست کي بہ منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکون ٿا.

مان پننجي ئي خيالن جي اوندهہ ۾ گم ٿي ويس. خبر ناهي مان ڪيتري دير هُن ڏانهن نهاريندو رهيس ۽ دل ئي دلہ کيس چوڻ لڳس، ”جنگ اڃان جاري آهي. تون هاريو ناهين. تون وڙهندو رهندين. تيسين وڙهندي جيسين تون پنهنجي جنگ نہ ٿو کٽين.“

مان هُن اڻڄاڻ رشتي واري نوجوان لاءِ ايشور سان پرارٿنا ڪئي تہ کيس جنگ وڙهڻ جي طاقت ڏئي. ان ئي ارادي سان تہ جنهن ايشور مون جهڙي ڇري ماڻهوءَ کي نوڪري ڏياري ۽ مون کي ان لائق بڻايو تہ مان پنهنجي نظر ۾ جامڙو نہ ٿيان. منهنجي خيالن کي اڏام ڏيندي منهنجو قلم لکي رهيو آهي.

سوچيندي اُٿي ئي پهتو آهيان جتان مون کي جدا ڪيو ويو. هاڻي مون کي اهو بہ ياد ناهي تہ

ڪيترا ڏک مٿجي ويا آهن. ڪيترين ئي نين جڳهين قائم ٿي ويون آهن. جمڻ ڪان وٺي اڄ تائين ان بينل روڊ تي هلندي هلندي پاڇي جي جنگ ۾ ڪٿي گم ٿي ويو هوس. جتان پنجن سالن جو بار آيو منهنجي پنهنجي ڳولها ۾ گم.

ڪير ٿو ڄاڻي منهنجي سيني ۾ ٻرندڙ وسامندڙ ڪوئلي تي هلندي اڃان به ساڳي رستي تي بيٺو، منهنجي منزل ڏانهن ڏسندو رهي ٿو. جنهنجي ڪيس خبر ناهي. مايوس انسان. تڏهن به اُهي اُميدون، مايوسيون ۽ تمنائون هو بار کڻندو وڃي ٿو. ٿي سگهي ٿو جيستائين اسانجا ساهه اسانجي جسم جي جان لاءِ شڪتي جڳائين ٿا. ها زندگي آهي. اها ئي حقيقت آهي. جيڪي رهن ٿا لطف وٺن ٿا. اُهي ئي سچائي پنهنجي ڪلهن تي صليب وانگر کڻندا رهندا آهن. سوال اهو ٿو پئدا ٿئي ته ڇا اسان زندگي گذاري رهيا آهيون؟ يا زندگي اسان کي گذاري رهي آهي.

◆◆

ڪوتا

# چانهه جي محفل


✍حنا آسواڻي ’ناياب‘-آديپور
Mob:. 9265102651


- چانهه نهاري يڪ - ٽڪ، يڪ - ٽڪ
  پيئون پري ڏُڪ ڏُڪ، ڏُڪ ڏُڪ،
- چانهه سان دوستي گهڻي پُراڻي
  هجي ڪا نونهن يا نياڻي نماڻي.
- چانهه لاءِ آهن آتيون اکڙيون
  پل هجن ڪيترين ئي ٻڌڙيون اکڙيون
- چانهه جي خوشبوءِ اُهُ مزيدار
  ساڻ ڪائون بسڪوٽ چشڪيدار
- ڪوڪيءَ سان وڏي چانهه جي سونهن
  چاهه سان ناهي گهر جي نونهن
- هٿ ۾ کڻي اخبار پڙهن
  چانهه جي محفل جو لطف وٺن
- هجي ڪا به مند خواهه سانجهي پهر
  چانهه جو ڏُڪ پريون ور - ور
- مانيءَ بنا گذري هڪ ڏينهن ويندو
  چانهه بنان ڪين ڪو پهر گذرندو
- چانهه نهاري يڪ- ٽڪ، يڪ - ٽڪ
  پيئون پري ڏُڪ ڏُڪ، ڏُڪ ڏُڪ،

◆◆

ڪوتا

# ٻڌائيندو وقت گذرندي


✍حنا آسواڻي ’ناياب‘ آديپور
Mob:. 9265102651


- تنهنجي ڪاميابيءَ جا اَرمان، حقيقت ۾ بدلجندي
  اُن قلم جي گهرائي، ٻڌائيندو وقت گذرندي
- اُفق تي سج اُيرڻ جو ٿيو احساس، سج اُيرندي
  اُن چانڊوڪيءَ جون ڏُشواريون، ٻڌائيندو وقت گذرندي
- ڇڻي ويا پراڻا پن، نوَن پنن جي اُيرندي
  پنهنجن کان وره جو درد، ٻڌائيندو وقت گذرندي
- مهراڻ جي ڇولين ۾، اُٿل پٿل مچندي
  موتين آڻڻ جي جدوجهد، ٻڌائيندو وقت گذرندي
- نيٺ ته ناياب، اِطمينان جي ڏاڪڻ تي قلم رکندي
  ڏاڪڻ چڙهڻ جي رفتار، ٻڌائيندو وقت گذرندي.

◆◆

# پرم ويرچڪر

✍ ليکڪا: ريشما روهڙا

Mob:. 9028679562



توهان نيوز چئنلن ۽ اخبارن وغيرهہ ۾ وير يعني بهادريءَ جا گهڻا ئي قصا ڪهاڻيون ٻڌا هوندا. اسان جي رڪشا ڪرڻ لاءِ ديش جي گهڻي سئنا مقرر ڪئي ويئي آهي. جيڪا پنهنجي جان جي بازي لڳائي ڪري اسانجي حفاظت ڪري رهي آهي. ان بهادريءَ لاءِ هنن کي خاص اِنعام عطا ڪيو ويندو آهي ۽ اُنهن جو سنمان ڪيو ويندو آهي. ڀارتيہ سئنا جو سيني کان اُتم سنمان ”پرم وير چڪر“ مڃيو ويندو آهي.

لڙائيءَ جي عرصي ۾ سئنڪ دشمنن سان بهادري ۽ ساهس سان مقابلو ڪندا آهن، پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪري ديش جو مانُ ۽ شانُ بچائيندا آهن. اهڙن سئنڪن کي پرم وير چڪر سان نوازيو ويندو آهي. سندن مان کي وڌائڻ لاءِ خود راشٽرپتي کيس پرم وير چڪر سان سنمانت ڪندو آهي. جل سئنا، ٿل سئنا ، وايو سئنا انهن ٽنهي دمن جا سئنڪ ان پرم وير چڪر جا سنمانت پاتر ٿي سگهن ٿا.

پرم وير چڪر تمام درلڀ اِنعام آهي جنهن کي اڄ تائين فقط 21 دفعا عطا ڪيو ويو آهي. اُن مان پڻ 14 سئنڪن کي موت کان پوءِ اهو انعام عطا ڪيو ويو آهي.

ساڌارڻ نظر ايندڙ اهو ميڊل برانز ڌاتوءَ مان ٺاهيو ويندو آهي. اُن جو آڪار گول هوندو آهي. ان ميڊل جو قطر لڳ ڀڳ ۱.۳۷۵ انچ هوندو آهي. ان گول کي ڦرندڙ مڙئي تي رکيو ويندو آهي. هڪ واڱڻائي رنگ جو سادي ربين اُن ۾ لڳل هوندي آهي. انهيءَ اڳئين پاسي جي بلڪل وچ ۾ ڀارت جي راشٽريہ نشاني ڇپيل هوندي آهي.

هن جي پٺئين پاسي پرم وير چڪر انگريزي ۽ هنديءَ ۾ لکيل هوندا آهن ۽ بلڪل وچ ۾ ڪمل جا ٻہ گل ڇٽيل آهن.

ڇا توهان کي اها ڄاڻ آهي تہ ساوتري ٻائي ڪانولڪر هڪ وديشي مهلا (عورت) اِهو پرم وير چڪر جي ماڊل جي رچنا جي ڪلپنا ڪئي هئي. هتي هڪ يورپين ناري هئي. جنهن وڪرم ڪانولڪر نالي سئنڪ سان شادي ڪئي هئي. وڪرم سئنا ۾ وڏو آفيسر هو. ساوتري ٻائيءَ کي ڀارت ديش سان ايترو تہ لڳاءُ ٿي ويو هو جو هن ڀارت جي ناگرڪتا جي گهر ڪئي هئي. مراٺي، سنسڪرت، هندي اِنهن ٽنهي ڀاشائن ۾ هوءَ تيزيءَ سان ڳالهائي سگهندي هئي.

هن ڀارت جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو بہ گهرو ابياس ڪيو . توهان انٽرنيٽ تي سوليءَ سان www Paramvir Chakra.com جي باري ۾ جانڪاري حاصل ڪري سگهو ٿا.

Reshma Rohra

nee Tamanna Purswani

◆◆

लोग उस वक्त हमारी कद्र नहीं करते, जब हम अकेले होते हैं। बल्कि लोग उस वक्त हमारी कद्र करते हैं, जब वो अकेले होते हैं।

# بيڪار شيءِ جي ڳولها

✍ ترجمان اڪتا - رميش موٽواڻي

مھرشي وٽ ھڪ نوجوان گيان حاصل ڪرڻ لاءِ پھتو. گيان حاصل ڪان پوءِ ھن مھرشي کي گرو دکشنا جي روپ ۾ ڪجھ پيئا ڏيڻ چاھي. مھرشي پاڻ پھنل شخص ھو. ھن پنھنجي نوجوان شش کان اُھا شيءِ گھري جيڪا ھن جي نظر ۾ تچ ۽ بيڪار ھجي.

جوان شاگرد ان شيءِ جي ڳولھا نڪري پيو. ھن جي نظر ۾ مٽيءَ تي وڃي اٽڪي. تچ ۽ بيڪار سمجھي ھن ھٿ وڌائي مٽي گڏ ڪرڻ چاھي. مٽيءَ مان ڇيخ جو آواز آيو. ڇا تون مونکي بيڪار - تچ ٿو سمجھين. قدرتي ۾ سمايل سمورو پندار سمائي ويني آھيان. ھي سڄو مانداڻ -روپ ، رنگ - رس - چس - خوشبو ۽ مون مان نٿا اُٿن؟

گھمندي گھمندي نوجوان کي گندگيءَ جو ڍير ڏسڻ ۾ آيو. ڏسڻ سان ھن جي من مان... نفرت جو احساس اُڀريو. ھن گند کڻڻ لاءِ ھٿ وڌايو تہ اُتان آواز آيو- ڇا مون کان وڌيڪ ڌرتيءَ زمين کي ڪو زرخيز ٺاھ ملي ٿوا؟ سڀ سمورا فصل ۾ مان ساھہ پريان ٿو. اُنھن جي پالڻ پوشڻ- واڌ ويجھہ ڏانھن ڌيان آھي. تڏھن تہ ھو ان فصل وغيرھہ پيدا ٿين ٿا ۽ تون مون کي بيڪار پيو پائين!

ھو سوچڻ لڳو تہ مٽي ۽ گند ۾ ايتري ملھہ وارا آھن تہ باقي بيڪار وٿرت ڇا آھي؟ کيس اندر مان آواز آيو تہ قدرت جي ھر شيءَ پنھنجي ليکي اثردار ۽ ڪمائتي آھي. بيڪار ۽ تچ تہ اُھو آھي جيڪو ٻين کي تچ ۽ ٻنان ملہ ٿو سمجھي اِھو اھنڪار کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگھي ٿو؟

شش- شاگرد نوجوان واپس گروءَ وٽ پھتو ۽ معافي وٺندي چيائين تہ ھو اھنڪار گرو دکشنا ۾ ڏيڻ آيو آھي.

اھو ٻڌي مھرشي ڏاڍو پرسن خوش ٿيو تو نيڪ سمجھيو آھي پٽ. اھنڪار کي لوڙھي ڇڏڻ سان ئي سڦل وديا جي حاصلات ٿئي ٿي ۽ پڪڙجي پڻ ٿي.

(”ڪلياڻ“ سيپٽمبر 2024 واري انڪ تان ترجمو)

◆◆

# مصحيبت ۾ مرڪ

مصيبت ۾ بہ تلڪ مھراج جو لڪمڪ چھرو چمڪندو رھندو. وقتي آيل مشڪلات جو ھن تي ڪو اثر ڪونہ پوندو.

ھاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس ھلي رھيو ھو. ھنجي ٻئريسٽر حاضر ٿيڻ ۾ ڪجھہ دير ڪري وڌي. اُتي ئي وينل ھڪ جوان ٻئريسٽر پنھنجي ھڪ ٻئي دوست سان تلڪ مھراج وٽ پھتو. سائين جيڪڏھن توھان جو وڪيل وقت تي نٿو پھچي تہ اسان ھر ڪا مدد ڪرڻ لاءِ تيار آھيون. تلڪ مھراج ٺھڪ ڏيندي کين چيو تہ ڪنھن وڏور ڪنيا کي پڪل ور جي جڳھہ جي ڏھن سالن جا بہ ڪشور اوستا وارا ڪيئن ھلندا؟ ۽ ڪورٽ ۾ ٺھڪڙو پئجي ويو. ٻئي نوجوان ٻئريسٽر پنھنجين جڳھين تي براجمان ٿي ويا.

(”ڪلياڻ“ سيپٽمبر 2024 واري انڪ تان ترجمو)

◆◆

# سنڌي سرويچ:
# حشو ڪيولراماڻي

## ✍ ترجمو: ڊاڪٽر پارس نواز

شيخ اياز 1963 ع ۾ حشوءَ سان دهليءَ ۾ مليو هو. ان وقت سرلا سان سندس شادي ٿي چڪي هئي.



حشو ڪيولراماڻي

سرلا جو پهريون مڙس شايد گذاري ويو هو، جنهن کان پوءِ هن حشوءَ سان شادي ڪئي هئي. شيخ اياز ان ملاقات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: حشوءَ کي به جوان ڏيئر ۽ هڪ ننڍو پٽ گل جي نالي سان هو. حشوءَ پنهنجو نالو سردار حشمت الله ۽ پٽ جو نالو گل محمد ٻڌايو هو. گل پيءُ وانگر جينيس ٿي لڳو، جنهن کي جواهر لعل نهروءَ چائلڊ آرٽيسٽ جي حيثيت ۾ آل انڊيا ايوارڊ ڏنو هو. حشو ان وقت به فري لانس صحافي هو ۽ هن پاڪستان جي باري ۾ ڪيترائي مضمون Pakistan X-rayed عنوان سان هندستان اسٽئنڊرڊ اخبار ۾ لکيا هئا ۽ انهن کي The uprooted and the upright جي نالي سان ڪتاب جي شڪل ۾ مرتب ڪري رهيو هو.

”مونکي اِئين ٿي لڳو ته حشو ٽُٽي چڪو آهي. ڪيس ان ڳالهه جو شديد احساس هو ته قوم سندس بيقدري ڪئي آهي.“ شيخ اياز چوي ٿو. سندس ان ڪيفيت جي باري ۾ هو لکي ٿو: هڪ پيري لڇمڻ ڪومل دهليءَ ۾ پنهنجي گهر تي منهنجي ۽ رشيد ڀٽيءَ جي ماني ڪئي هئي. دهليءَ جا ڪيترائي سنڌي اديب مرد ۽ عورتون اُتي آيا هئا. حشو به موجود هو. رات جا اٽڪل ٻارهان وڳا هئا. مان پنهنجو شعر پڙهي رهيو هوس ۽ چوڌاري واهه واهه ٿي رهي هئي. ايتري ۾ حشو جو پيتل هو، اُٿي بيٺو ۽ مونکي ٻانهن کان وٺي چيائين، ”شاعر اُٿي ٻيهه!“ مان اُٿي بيٺس ته هن چيو، ”منهنجي پيرن تي هٿ رک ته هنن کي معلوم ٿئي ته مان ڇا آهيان.“ مون هن جي پيرن کي ڇُهيو هو ته منهنجي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا هئا . هو پوءِ ويهي رهيو ۽ پنهنجي دنيا ۾ گم ٿي ويو.

حشو آدرشي انسان هو. انسان دوستي ۽ انسانيت جي پلي وارا سندس ويچار سائين جي. ايم. سيد، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ٻين ڏاهن لکيل خطن ۽ سندس هر لکڻيءَ منجهه سمايل آهن. هو آدرش جي ڳولا ۾ سڄي عمر ڇڙواڳ زندگي جيئندو رهيو. سندس اندر جي اونهائين کي جاچڻ لاءِ رڳو اهي ويهه خط ئي ڪافي آهن. جيڪي سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب ”اڄ پڻ ڇڪيم ڇاڪ“ ۾ سانديل آهن ۽ سنڌ جي هن گمنام هيري جي اسان وٽ بچيل ورثي جي حيثيت رکن ٿا. حشو پاڻ صحافي به هو، پر صحافت جي دنيا ۾ موجود گند سبب هو ان کان به مطمئن ڪونه هو. هن 1948ع ۾ لکيل هڪ خط ۾ جنهن نموني ان گند جي عڪاسي ڪئي ، اها اڄ جي پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ موجود صورتحال سان بلڪل نهڪي اچي ٿي: حشو لکي ٿو:

جتي ذهني آزادي ناهي ۽ اخباري دنيا جا علمبردار خود ڏاڙيلن جا پائيوار هجن، اُتي يا ته وڃي صوفي ٿجي يا پنهنجو پليٽفارم پاڻ ڪڙو ڪجي.“

حشو پاڻ به هڪ اخبار ”سنڌ هلچل“ جي نالي سان ڪڍي هئي. حشو هندستان وڃڻ کان پوءِ به

سنڌيت کي ڪونہ وساريو. هن هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ جاکوڙ ڪئي. ٻين سڄاڻ سنڌين سان گڏجي هن 1956ع ۾ دهليءَ ۾ ”سنڌو سماج“ تنظيم ٺاهي، جنهن جو هو 1961ع ۾ صدر بہ چونڊيو. ان تنظيم جو مقصد سنڌي اسڪول کولڻ. سنڌي ٻوليءَ کي انڊيا جي آئين ۾ شامل ڪرائڻ، سنڌي ڪتاب ڇپرائڻ، سنڌي استاد مقرر ڪرائڻ. سنڌين لاءِ بورڊنگ هائوس ٺهرائڻ وغيرہ هو. حشوءَ دهليءَ ۾ پهريون سنڌي ٻولي ڪنوينشن بہ ڪوٺايو، جنهن ۾ هندستان جو ان وقت جو صدر راڌاڪرشن خاص طور شريڪ ٿيو هو.

حشوءَ نہ رڳو پاڻ سنڌي ڪهاڻيون لکيون پر ٻين سنڌي ليکڪن جون ڪهاڻيون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي ادب کي دنيا جي ٻين قومن سان روشناس ڪرايو. هندستان جي مختلف ٻولين جي ادب بابت لکيل تحقيقي ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۽ حشوءَ جي ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو ذڪر لازمي ملي ٿو. سندس ترجمو ڪيل ڪهاڻيون ڪتابي شڪل ۾ موجود آهن. جنهن ۾ امر لال هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ”ادو عبدالرحمان“، ڪلاپرڪاش جي ڪهاڻي ”خانواهڻ“، سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ”پُٽ جي خواهش“، تيرٿ بسنت جي ڪهاڻي ”فرنيچر“ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون شامل آهن. حشوءَ جي پنهنجي هڪ ڪهاڻي ”پدما“ جو بہ ذڪر ملي ٿو. جيڪا اڳي سنڌي رسالي ”لهرون“ ۾ ڇپي هئي.

حشوءَ جو سندس حياتيءَ ۾ قدر نہ ڪونہ ٿيو. جنهن جو ارمان ڪيس عمر ڀر رهيو ۽ پنجاهہ ورهين جي ڄمار تائين پهچندي هو اندر ۾ پڄي پورا ٿي چڪو هو، پر هندستان جا سنڌي هاڻ ڪيس هڪ مهان هستيءَ طور ياد رکن ٿا. آديپور، ڪڇ، گجرات ۾ قائم انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران موهن گيهاڻيءَ جو ڇپرايل ڪتاب History of Sindh سائين جي. ايم. سيد ۽ حشو ڪيولراماڻيءَ کي ارپيو ويو آهي. ارپنا ۾ لکيل آهي:

Dedicated to proud sons of Sindhi soil - Saeen .G.M .Syed and Hashu Kewalramani

◆◆

## ✍ واٽس آپ

**منهنجو نالو ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو آهي.** مان هڪ تحقيقي پروجيڪٽ تي سنڌي ٻولي جي ڊجيٽل ترقي ۽ لسانياتي مسئلن جي حل لاءِ ڪم ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ اوهان دوستن جي مدد درڪار آهي. هت هڪ لنڪ اوهان سان ونڊي رهيو آهيان جنهن ۾ ڪي ڪولي ان ۾ سنڌي ٻولي جا صرف اُهي لفظ وجهڻا آهن جن جي معنيٰ هڪ کان وڌيڪ يا ٻٽي هجي. اهڙن لفظن کي انگريزي ۾ homonyms چون ٿا. اوهان جي مدد سان هترادو ذهانت جي دور ۾ سنڌي ٻولي جي ترقي ٿيندي جنهن سان ترجميڪاري ۽ سنٽيڪٽڪ پارسنگ جا مسئلا حل ٿي سگهندا.

◆◆

# ماسترچندر

✍ صاحب ٻجاڻي



صاحب ٻجاڻي

ماستر چندر سنڌين جو اُهو مايہ ناز ۽ هردلعزيز ڪلاڪار هو. جنهن شاستريہ سگيت کي لوڪ سنگيت ۽ لوڪ سنگيت کي شاستريہ سنگيت جي ويجهو آندو. سندس سوز ڀريو سُر ۽ آواز ، ڳائڪيءَ جو انداز ۽ ادائگي، اڄ بہ سنڌين جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل آهن.

چندر جو جنم ڊسمبر 1907۾ سنڌ ۾ ساهتي پرڳڻي جي نَاروشاهہ ڳوٺ ۾ ماتا رامل بائي ۽ پتا آسنداس ڏامواڻيءَ جي گهر ٿيو. 1926 ڌاري هڪٻئي پنيان پتا ۽ چاچي جي اوچتي ديهانت سبب مالي مشڪلاتن ڪري ستين انگريزيءَ کان مٿي تعليم جاري نہ رکي سگهيو.

سڪولي جيون ۾ ئي چندر کي شاعري، چترڪلا ۽ سنگيت طرف لاڙو هو. ننڍا ننڍا گيت جوڙي مڌر آواز ۾ ڳائي پيو ٻڌائيندو هو. ڳلي ۾ سرسوتيءَ جو واسو هوس. سندس اوائلي اُستاد هو. سڪول جو هيڊ ماستر لوڪومل لڪاڻي. هن وٽان هو ڪي قدر سر سورٽ راڳُ، ڪوهياري، آسا ۽ ڀيروي ڳائڻ سکيو. هالاڻي دربار ۾ سندس سورداس چاچو ساجنداس ڏنل هو. ڀائي سروپداس جي چوڻ تي هن ڪيس سرگم، راڳن جي شڪل، وادي سموادي سُرن کان سواءِ آروهي آوروهيءَ جي ڄاڻ ڏني. ڪاڪو جيوترام مٽائي چندر ۾ شخصي چاهہ وٺي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گڏ وهاري ڪانئس رياض ڪرائيندو هو. جيوترام معرفت چندر صوفي درويش سائين روچلداس سان سمپرڪ ۾ آيو. سائين جن چوندا هئس: چندر ڳاءِ، دل کولي ڳاءِ. حقيقي ڳائين يا مجازي پر، دل سان ڳاءِ.

سائين روچلداس جي اوطاق تي چندر ڀڳت ڪنوررام سان بہ گڏيو. سندس راڳ کان متاثر ٿي ڀڳت صاحب کيس ڪافي جهونا ڪلام ۽ ڏوهيڙا لکائي ياد ڪرائيندا هئا. چوندا هئس: چندر ڀڳوان، هڪ ڏينهن تون ضرور چمڪندين. وسڻ گهوٽ جي روهڙيءَ واري دربار آسائوتڙ جي ڳاديسر سائين امرورام کيس ڳوئيي امير خان وٽ ’راڳ درڳا‘ سکڻ لاءِ موڪليو. هن استاد وٽان چندر ڪافي سنگيت وديا پرائي. اُن بعد عاشق علي خان ۽ ڪندن ڳر کان بہ گهڻو ڪجهہ سکيو. گهڻن ورهين کان پوءِ چندر بمبئيءَ ۾ 1934 ڌاري وشڻو ڊگمبر وديالیہ ۾ بہ سنگيت وديا پرائي. اهڙي ريت گهڻن ئي استادن کان سنگيت وديا وٺي هوُ هڪ پڪي پختي ڳايڪ طور ميدان ۾ آيو

سنگيت سکيا جي شونق ۾ ديس پرديس ڀٽڪندي، اوچتو ويراڳ لڳڻ سبب وڃي بدريناٿ جي پهاڙن تي پهتو. اُتي برهم گياني ڳرو گلراج ۽ ماتا ڀپر ديويءَ جي چرنن ۾ بہ ورهيہ ويراڳ ورتيءَ ۾ گهاريائين. گهر موٽڻ کان ننو اکر واري وينو . آخر سندس ماتا رامل بائيءَ وڃي سندس ڳروءَ وٽ ٻاڏايو، تہ مونکي اِهو هڪ ئي پٽڙو آهي، سو ڪرپا ڪري موٽائي ڏيو ۽ آڳيا ڏيوس تہ هلي گهر گرهستي وسائي. ڳروءَ جي آڳيا اکين تي رکي چندر موٽي آيو. هن جو وهانءُ منياڻين پرسان سهڙا ڳوٺ مان ڳلاب داسي ڪٽنب جي سيٺ ميارام پنجواڻيءَ جي ڪکي هيتي بائيءَ سان ٿيو.

ڪيس ڪل پنج پٽ ۽ ٽي ڌيئر ڄايون.

چندر شڪل جو ٺاهوڪو، دل ڇڪيندڙ شخصيت جو ڌڻي هو. سنگيت کان سواءِ اداڪاريءَ ۾ پڻ پاڻ موکي ڄڪو هو. 1934 ڌاري بمبئيءَ جي هڪ فلم ڪمپني آل اِنڊيا مُوويٽون وارن پنهنجين ٽن فلمن ’موت ڪا طوفان‘، ’پريم پريکشا‘ ۽ ’ڏُلارا‘ لاءِ کيس چونڊيو. هن اداڪاري ڪندي فلمن ۾ ست گيت ڳايا، پنج اُردو ۾ ۽ هڪ هڪ پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾ . سندس اداڪاري ۽ سُريلي آواز کان متاثر ٿي بمبئي ٽاڪيز وارن کيس پنهنجي فلم ’اڇوت ڪنيا‘ لاءِ چونڊيو. پر اِنڊيا مُووينٽون وارن سان ائگريمينٽ هئڻ ڪري اجازت نہ مليس. پوءِ ’اڇوت ڪنيا‘ لاءِ هيرو جو پارٽ اشوڪ ڪمار کي مليو. بس، چندر جي دل فلمي دنيا مان کٽي ٿي پئي. 1935 ۾ سنڌ واپس وريو. باقي حياتي سنڌي سنگيت کي ارپڻ ڪيائين.

1932-33 ڌاري گراموفون ڪمپنيون وجود ۾ اچي چڪيون هيون. هنن مان مکيہ ٻن ڪمپنين ’هز ماسٽرس وائس‘ ۽ مووينون جو سنڌ ۾ ڊيلر هو لالچند. حيدرآباد جي ڪليڪٽر، صوفي شاعر محمد بخش ڪوجهيءَ جي بنگلي تي هن جي چندر سان گڏجاڻي ٿي. ماسٽر چندر پنهنجو پهريون رڪارڊ ڪوجهيءَ جو دهلي وڃي رڪارڊ ڪرايو. لفظ هئا: ’طبيبا ڏيان سان ڏسجو، اٿم ڪا دل جي بيماري‘ راڳ آساوريءَ ۾ ڪلام ڳائي آخر ۾ ٻہ ٽي سرگم پڙهي ٻہ ٽي پلٽا هنيائين. اُهو رڪارڊ 1934-35 ڌاري مارڪيٽ ۾ آيو ۽ سنڌ ۾ ڪافي شهرت ماڻائين بس، چندر وري پٺتي نہ نهاريو. هڪ ٻئي پٺيان سندس رڪارڊ نڪرندا رهيا. ڪوهرن جيان ترت وڪامجندا رهيا. سندس رڪارڊ سنڌ جي ننڍڙن وڏڙن شهرن، ڳوٺن توڙي ننڍڙن واهڻن وڃي پڙهيلن توڙي اڻپڙهيلن، هندو، مومنن، توڙي هارين نارين کي متاثر ڪندا رهيا. گهرن توڙي گهرن کان ٻاهر بازارين، ٻنين ٻارن ۾، هوٽلن ۽ آفيسن ۾ ٻڌندڙن جي ڪنن ۾ ٻُرندا رهيا، چپن تي ڇُرندا رهيا. 1933 کان 1965 تائين سنڌ توڙي هند ۾ چندر اٽڪل 1000رڪارڊ پرايا. کيس سيٺي کان وڏيڪ رايلٽي 10 سيڪڙو ملندي هئي. هن پنهنجن گيتن کان سواءِ دڪايل جا اٽڪل 60ع ضيا جا سوين گيت پرايا سڀ کان وڏيڪ شهرت ملي سندس جوڙيل گيت ’سهڻا عرض آهہ، منهنجو مرض لاهہ‘ کي اهو گيت هن بمپلاسي راڳڻيءَ ۾ جهپ تال ۾ ڳاتو آهي. سندس اڪيچار اٽوسرندڙ، بي جوڙ رڪارڊن مان ڪي آهن:

1. تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان.....
2. سهڻا پنهنجي اکين کي جهل....
3. هڪ ڳالهہ تہ ٻڌ منهن هيڏي ڪري.....
4. عاشق جو جنازو آ ذرا ڌيان سان ڪڍجو.... وغيرهہ وغيرهہ

بس، پوءِ تہ چندر ڪونہ سڏاوي! ۽ پوءِ جئن اڪثر وڏن ڪلاڪارن سان ٿيندو آهي. تيئن چندر نسبت بہ وقتي سنڌ ۾ عجيب و غريب افواهہ ڦهلجندا هئا. ڳل اُٿندا هئا. ’اڙي! چندر جو خون ٿي ويو! مسلمانن ڪنور جيان چندر کي بہ ماري ڇڏيو!‘ ٻڌي چندر مرڪي ڏيندو هو. هڪ ڏينهن اخباري خاطن کي لکت ۾ شعر لکايائين:

مان دنيا کي سڃاڻان ٿو، مان دنيا جو ڏٺل آهيان
نہ دنيا ئي لڪل آهي، نہ دنيا کان لڪل آهيان
چون ٿا ويو چندر ڪسجي، برابر مان ڪٺل آهيان

مٺل آهيان محبت ۾، اڳيئي مان مٺل آهيان
مٺي کي ڪير ماريندو، جيئڻ کان مان ڇٽل آهيان
جيئڻ وارا پيا مرندا، مرڻ کان مان ڇٽل آهيان

رڪارڊن چندر کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو. ڪيس هرهنڌان سنگيت پروگرام لاءِ آڇون اچڻ لڳيون ۽ ائين چندر سنڌ جي اڪثر درٻارين ۽ درگاهن ۾، ميلن ۽ ورسين وقت پروگرام ڏيڻ شروع ڪيا.

پروارن ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ خبر واءُ جيان ڦهلجي ويندي. سهڻو ستمگر اچي رهيو آهي، منڙو محبوب ٿو اچي. سوين ڪُسبا، گهائبا، چندر ايندو. سهڻي چادر يا غاليچو وڇايل صندل تي اچي وهندو. سهڻي اُڇي پوشاڪ، اڪثر ڪاري سوٽ تي ڪارو يا ناسي ڪوٽ يا صدري. موقعي مطابق مجازي يا حقيقي ڳائيندو.

**جنهن وقت ٿو نهارين، سهڻا اکيون کڻين ٿو،**
**دل کي گهڻو وڻين ٿو.**

فضا ۾ سندس طلسمي مقناطيسي، ريشمي، پڪو ياري آواز پيو گونجندو جادو ٿي ويندو. ٻڌندڙ مستانا ٿي ويندا. سڌٻڌ کوهي پيا چوندا: اڙي ماري وڌءِ، کُهي وڌءِ، نوٽن جي ورکا، ڇتاپيٽي، ڪير ٿو وڌيڪ گهوري، هر ڪنهيءَ جو ٻڌندڙ ائين پيو سمجهندو: پاڻ چندر سندس دل جي ڪيفيت جو پيو اظهار ڪري.

هند ۾ پڻ چندر ساڳيو ئي لوڪ پريہ رهيو. سندس پوشاڪ ۾ ڪي قدر فرق آيو. وار وڌا گوئين وانگر مٿي تي سنڌي ٽوپي اچي جُهبي مٿان ڪاري صدري. وڏو پروگرام هوندو تہ شروعات ۾ راڳ پوپالي 'گرين ڪئسي گيان آوي' يا 'آسا' ۾ 'رام جپن ڪيون ڇوڙا ڙي' ڪلاڪ کن گلي جي ورزش لئہ ۽ تال ۾ سريلي سرگم ۽ پلٽا ساڳي لئہ ۽ تال ۾ ٻڌندڙن جي ڪنن جي لوڏ ڏيري ڏيري چندر ڪلامن ڏي ورندو. شاهہ سچل ساميءَ کان سواءِ سنڌ جا مڙيئي صوفي شاعر سندس حافظي مان سندس سوز ڀريي آواز ذريعي سر راڻي، سورٺ، ڪوهياري، آسا، سهڻي، لوڙائو، مارو، ڪاپائتي ڪاموڏ، جوڳ ، پرڀاتي، ۽ سڀ کان وڌيڪ دلپسند راڳڻي ڀيرويءَ جي روپ ۾ ڦوهاري جيان ازخود نڪري نروار ٿيندا هئا. سندس اکيون قاتل، ناسون ڳائڻ وقت ڦنڊيل. پرسان صندل تي رکيل برتڻ ۾ ڦڪو ڪير; جنهن مان وچ وچ ۾ ننڍڙا ڪوزا ڀري پيئندو ويندو.

اڪثر ڳالهہ سُر ۾ ڪڍندو . پنهنجي مخصوص ناٽڪي انداز ۾ مذاقي ٽوٽڪا ٻڌائيندو، کلائيندو، رئاريندو، ۽ پاڻ سان جڪڙي رکندو. رات جو جڏهن وقت وهامندو ويندو، چندر مچندو ويندو. موسيقيءَ ڀريي ماحول ۾ ڳايڪ گيت ۽ ٻڌندڙ ٽيئي ملي هڪ ٿي ويندا.

چندر شاعر بہ هو . علم عروض جي باقاعدي تربيت ورتل شاعرن جيان نہ اِلاهي ذات عطا ٿي ٿيل هئس. ڳاين وديا اُن ۾ اضافو آندس. اڪيچار گيت ٻڌندي ڳائيندي پنهنجن اُڌمن جذبن کي ڪلامن ۽ ڪافين گيتن ۽ غزلن جي صورت ۾ آڻي ڳاتائين اڪثر ڪوتائون لريڪل يعنيٖ ڳائڻ جوڳيون آهن. چندر جو اوائلي ڪلام ۾ رومانوي آهي. اڪثر وڇوڙي ۾ بيڪس ۽ بيتاب دل جون اُڪير ڀريون دانهون ۽ آهون، محبوب جا ماڻا، ناز نخرا، نيڻن ۽ تبرن جي اپٽار آهي. مطلب تہ مجازي عشق جي پرمار ، وقتي حقيقي عشق بہ پوشيدو آهي.

چيم اکڙين ايذايو آهي، چيائين ڪا ناهي پرواهه،
چيم دلبر مري ويندس، چيائين ڪا ناهي پرواهه

ماستر چندر جي هڪ ڌيءُ ستي 1943 ۾ سرڳواس ٿي. 1945 ۾ وري ٻه پٽ منسک ۽ ڪنعيو. 15 ۽ 17 سالن جي ننڍي ڄمار ۾ هڪ ٻئي پنيان ٽن معصوم ٻارن جي وڇوڙي ۾ گذري ويس. دل تي اهو زبردست ڌڪاءُ رسيس. ويراڳ وٺي ويس. ان جو اولڙو به سندس ڪوتا ۾ چٽو پسجي ٿو:

جن ساڻ گڏ گذاريم سيئي ته گهر ڇڏي ويا،
لاهوت ڪان هو آيا ۽ لاهوت ڏي لڏي ويا

انڪري: دل ڪنهن سان نه پينر اٽڪايو،متان پيار رکي پوءِ پڇتايو
هر چيز فنا سنسار فنا، آهي سونهن فنا، سينگار فنا
وهنوار فنا، پريوار فنا، متان چندر فنا سان دل لايو

1947 ۾ ورهاڱي بعد هو سنڌ ۾ رهي پيو. پر آخر مجبورن ڪيس به جلاوطن ٿي ساٿيهه جا وڻ ڇڏڻا پيا. آڃي باقي جيءُ جُهري پيس. درد ۾ قلم ٻوڙي رئندي رئندي لکيائين:

چندر عمر شل وطن ۾ گذري، وطن کان شل دشمن به نه وڇڙي
جو دم نبري وطن ۾ نبري، جي دم نڪري ته به وطن ۾ نڪري

چندر جو بحر وزن تي پورو ضابطو هو. عبارت نيٺ سڌي سهج ۽ سولي. رواني‌ءَ ڀري، نه پڙهڻ ۾ اٽڪڻ کي ٽڪ، نه دماغ تي زور ڏيئي سوچڻ جي ضرورت. ڇڻ ٽڏو شيتل جل پيڻ. وقتي تجنيس حرفي‌ءَ جو سياوڪ استعمال

جوش جگر ۾ آيو جمع ٿي، سڏڪا ڀري سوڏل ڪي سڏيم
چنچر تي ٽي چڪ به ڇهوٽي، چرڪن چاتي چني چڏيم.
پٽن تي ٽي پائوُ، منهنجي پائن سدا پاڻ
ولر ورائي اچن ۽ وهن منجهه وٽاڻ

سنڌ ۾ چندر جي رڪارڊن جون گهٽيئي چوپڙيون ڇپبيون هيون. سڪايل چندر، اُڃايل چندر، ڪُنل چندر وغيره وغيره هند ۾ سمورو ڪلام سهيڙي 'چندر سان رهاڻيون' جي عنوان سان ٻن ڀاڱن ۾ شايع ڪيائين.

آگسٽ 1955 ۾ چندر جنم يومي سنڌ ويو. سڀ کان اول ٽنڊي ڄهانيان ۾ سائين قطب علي شاهه جي درگاهه تي ٽي ڏينهن ساندهه چونڪي ڪري دُعا ورتائين. 14 آگسٽ تي لاڙڪاڻي ۾ جشن پاڪستان جي موقعي تي اڌ رات تائين ڪلام ۽ ڪافيون ڳائي هن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان 20000 کان مٿي آيل خلق جون رڳون ٺاري ڇڏيون. حيدرآباد ۾ ميرن جي بنگلي تي سندس پروگرام ۾ صرف عورتون ئي عورتون. مرد صرف پاڻ چندر ۽ سندس ڏوڪڙي نهچلداس. چندر جي سنڌ ۾ دوري دوران ٻوڌ راڳا ڪيا هئا. چندر پروگرام معرفت هزارين روپيه ٻوڌ فنڊ لاءِ ڪٺا ڪري ڏنا. ور ور ڪري ڪيس ٻڌندڙن هٿ ڪٽي پئي چيو:

يار چندر شل جيئندو رهين، رڳ رڳ ٺاري ڇڏيئه

چندر پريا 60 ورهيه سنڌي سنگيت کي ڏنا. پوءِ صحت جي ناسازي‌ءَ سبب اڳيات واس ورتائين. پنهنجي جيئري ئي پنهنجي سُپتر مهيش کي پنهنجو جاءِ نيشين چونڊيائين. 3 نومبر 1984 ۾ سندس ديهانت ٿيو.

چندر وچڙي ويو. پر وسري نہ سگهيو. سندس ڳائڪيءَ جو مخصوص انداز ۽ طرز اڄ بہ قائم آهي. سندس سپتر گوپ ۽ مهيش ٿي نہ ماسٽر رتن. ماسٽر فتحچند، ماسٽر منايل، ماسٽر مکڻ، ماسٽر پرمانند ساگر، آرتي راڄ، کان سواءِ هند سنڌ جا اڪيچار ڳائڪ چندر جا لوڪپريہ گيت سندس ڳائڪي ۽ ادائگيءَ ۾ ساڳئي سُر ۽ آواز ۾ ڳائي ڀانءِ تہ ڳائڪيءَ جو ’چندر گهراڻو‘ جوڙي وينا آهن. جنهن کي پنهنجو الڳ مزاج ۽ الڳ پرمپرا آهي. چندر زنده آهي ۽ زنده رهندو.

◆◆

## سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

✍ بخشيل باغي

منڙو لهجو، لفظ نيارا
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

- جنهن ٻوليءَ ۾ لولي آئي
ڇُلندي سنڌوءَ ڇولي آئي
اکرن ۾ اڄ رنگ ڪِڙي پيا
لفظن جي آ هولي آئي
سچ جيان آ سهڻي روشن
شَبد، چِندرما، ٽُبڪا تارا
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

- ٻوليءَ جو اتهاس انوکو
موتيي جو جيئن واسُ اَنوکو
الف، بي، جي پٽي پياري
لفظن جو اَلماسُ انوکو
اُوچي هي تهذيب رکي ٿي
هن جا وارث ’موهن‘ وارا
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

- ڪيڏي سُونهين مَنجهه ڪتابن
انسانيت جو دَرس نِصابن
مَڪتب جو ٽيو ماڻُ مَٿاهُون
علم پکيڙيو نُور جَوابن
زيرون، زبرون پيش سُريلا
ٻوليءَ جا آواز پيارا
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

- شاهہ ڏنو پيغام محبت
سچل، سامي جام محبت
اَناالحق جي گونج انهيءَ ۾
وحدت واري مم مُحبت
هِنسا کي آ الف مِٽايو
لفظ اَهنسا جا هِن سارا
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

- منڙا ٻاتا ٻول ٻُرن ٿا
لکندي ننڍڙا هٿ ڇُرن ٿا
آئيندي جا روشن تارا
سنڌيءَ ۾ تعليم گهرن ٿا
علم پرائڻ ڪارڻ آتا
گلڙن جهڙا ٻالڪ سارا
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

- ڇا تہ اکر هن موتين داڻا
سبق پڙهن ٿا مومل راڻا
بيت ڪتابن جا ٿا سارن
نظم اُچارن ٿا ٻاراڻا
هٿڙن منجهہ ڪتاب، قلم ۽
پيرن ۾ مڪتب جا چارا
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

- موهن جي لپيءَ جي عظمت
اُوچي آ سنڌوءَ جي عصمت
سنڌي ٻولي اُلفت واري
اُن جي مٽيءَ ۾ آ وَحدت
لاڏا، گيچ، سُريلا سهرا
سات همرچون ڳائڻ وارا
سنڌي ٻولي اَمرت ڌارا

◆◆

# ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي: هڪ گهڻپاسائي اَديبُ

✍ سندرداس وشنداس گوهراڻي - ڪانپور

ڀڳوان جي رچيل سرشٽيءَ ۾ انسان کي سڀ کان سندر رچنا مڃيو ويو آهي. انسان جي اندر ۾ جذباتن جو سمنڊ ڇوليون هڻندو رهندو آهي. ڪن سهڻن سڄڻن کي انهن جذباتن کي سهڻي نموني پنهنجي قلم ذريعي لفظن ۾ تبديل ڪري دائمي ادب جو روپ ڏيڻ ۾ مهارت حاصل هوندي آهي. اهڙن سنڌي ڏات ڌڻين ۾ هڪ نالو ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي جو به آهي. جنهن سنڌي ٻاشا کان سواءِ پنهنجي قلم ذريعي هندي ۽ گجراتي ٻاشا جي شيوا به ڪئي آهي. نه صرف ايترو پر هن لاڪيڻي اديب سنڌي ادب جي جدا جدا صنفن تي به قلم آزمائي ڪئي آهي. ۽ سڀني تي ڪيس سٺو دسترس حاصل آهي. هن ٻارن لاءِ به لکيو آهي ته وڏن لاءِ به. ٻارن لاءِ هن ڪهاڻي، گيت، ناٽڪ، ناول جهڙين سڀني صنفن ۾ پنهنجي رچنائن ذريعي راشٽريه سطح تي ايتري ته مقبوليت حاصل ڪئي آهي جو سندس ڪجهه رچنائن جو ترجمو هندي، گجراتي، بينگالي، مراٺي، تمل، ڪنڙ ۽ ٻين ٻاشائن ۾ عزت سان پڙهيو ويندو آهي.

مُلڪ جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي لاڙڪاڻي ۾ 9 جنوري1946 تي ڄاول هوندراج بلواڻي کي پڙهڻ جو ايترو ته شوق آهي جو هن سنڌي ۽ هندي ۾ ايم.اي. ڪرڻ بعد بي.ايڊ ۽ اخبارنويسيءَ ۾ ڊپلوما ڪئي ۽ ”سنڌي ٻاشا ۾ ٻال ساهتيه“ وشيه تي ممبئي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪري پنهنجي ٿيسس کي ڪتابي صورت ۾ سنه 2005 ۾ شايع ڪيو آهي. ڊاڪٽر جيٺي لالواڻي موجب ڊاڪٽر بلواڻيءَ پنهنجي تحقيق کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ وشيه کي جُملي12 بابن ۾ورهايو ويو آهي. ان کان سواءِ 1986 ۾ ”ٻال ساهتيه جو وڪاس“ تي مضمونن جو مجموعو به شايع ٿيل اٿس. حاصل ڄاڻ موجب ٻال ساهتيه ۾ هن پنجاهه کان وڌيڪ ڪتابن جي رچنا ڪئي آهي. جن ۾ ڪي نالا آهن: ”ماستر موڪل تي“، ”قدرت جي گود ۾“، ”سياڻا سمجهو ٻارڙا“، ”ٻارن جا لوڪ گيت“، ”ٻارن جون لوڪ رانديون“، ”دُنيا جون بهترين ٻال ڪهاڻيون“، ”گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال ناٽڪ“، ”گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال گيت “. ”سياڻا سمجهو ٻارڙا“ تي سندس کي نئشنل ڪائونسل فار ايجوڪيشنل ريسرچ ائنڊ ٽريننگ طرفان ٻال ساهتيه اوارڊ ۽ ”نئون نرالو جهنگل“ لاءِ مرڪزي ساهتيه اڪادمي طرفان سن 2011 ۾ ٻال ساهتيه پُرسڪار حاصل ٿيل آهي.

بلواڻيءَ وڏن لاءِ ڪهاڻيون لکڻ کان سواءِ مِني ڪهاڻيون به لکيون آهن. سندس مني ڪهاڻين جا ڪتاب آهن: ”اِرد گرد“، ”اڪريوري“ ۽ ديش وديش جي مشهور ڪلاڪارن جون بهترين ڪهاڻيون (ترجمو ڪيل) . بلواڻي هڪ ترجمان پڻ آهي. ۽ ”ميرا ياگنڪ جي ڊائري“ جي گجراتي مان سنڌي ۾ ڪيل ترجمي لاءِ 2005 ۾ ساهتيه اڪادمي جو ’انواد پُرسڪار‘ به حاصل ٿيل اٿس. روس جي ساهتيڪار چيخووَ جي ڪهاڻين تي ترجمي لاءِ سوويت لئنڊ نهرو پرسڪار به مليل اٿس. هن ’جگر جو ٽڪر‘ جي عنوان سان دنيا جي ناليرن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جو ترجمو ڪرڻ کان سواءِ مشهور پنجابي اديب امرتا پريتم جي هڪ ناول جو ’شرابي نگاهون‘ نالي سان سنڌي ۾انواد به ڪيو آهي.

ڊاڪٽر بلواڻي گجرات اسٽيٽ بورڊ آف اسڪول ٽيڪسٽ ٻڪس مان اڪابمڪ سيڪريٽري جي

عهدي تان رٽائر ڪيو آهي. انهيءَ بورڊ ۾ رهندي سنڌي جي درسي (ڪورس جي) ڪتابن جي نرماڻ ۾ سندس وڏو يوگدان رهيو هو. هو گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي جي چيئرمن ۽ ڪنزيومر ڪورٽ جي جج جا عهدا ماڻي ساهتيہ ۽ سماج جي شيوا جو شرف بہ ماڻي چڪو آهي.

ڊاڪٽر بلواڻي کي ڀارتييہ بال شِڪشا پريشد (دهلي)، مرائي بال ڪمار ساهتيہ سميلن (پٽني)، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا (مُمبئي) گجراتي ساهتيہ پريشد (احمدآباد)، ڀارتييہ ڀاشا سنسٿان (مئسور)، ڊائريڪٽر آف ائڊلٽ ايجوڪيشن ڀارت سرڪار (نئين دهلي) ۽ ٻين انيڪ ساهتيڪ ساماجڪ سنسٿائن طرفان اِنعامن، اڪرامن سان نوازيو ويو آهي. اڃان تازو ساهتيہ اڪادمي، نئين دهلي طرفان سندس ڪهاڻي سنگرهہ 'پُرزو' لاءِ ڪيس 2024 جو اوارڊ ملڻ جي گهوشڻا ٿي آهي.

اسين پرماتما جي در تي پرارٿنا ڪنداسين تہ سنڌيت جو اهڙو لال ڪهاڻين، گيتن، ناٽڪن، ناولن ۽ ترجمن ذريعي پنهنجي ڀاشا جي اڳي کان بہ اڳري شيوا ڪري مقبوليت ماڻي.

◆◆

---

## روٽي

بہ - چار بزرگ دست هڪ باغ ۾ ويٺا هئا. اُتي ڳالين - ڳالهين ۾ روٽي جي ڳالهہ نڪتي. تڏهن اُنهن مان هڪ دوست چيو، 'خبر اٿو روٽي گهڻن نمونن جي ٿيندي آهي؟'

ڪنهن موٽي، سنهي ، تہ ڪنهن ڪجهہ ٻئي نموني جي روٽي جي باري ۾ ٻڌايو...

تڏهن هڪ دوست چيو تہ نہ دوست... ''پاونا ۽ ڪرم آڌار سان روٽي چئن نمونن جي ٿيندي آهي.''

پهرين سڀ کان وڌيڪ سواد واري روٽي، ماءُ جي ممتا ۽ پريم سان پريل ، جنهن سان پيٽ تہ پرجي ويندو آهي، پر من ڪڏهن بہ نہ پرجندو آهي.

هڪ دوست چيو سورهان آنا سچ، پر شادي کان پوءِ ماءُ جي روٽي گهٽ ئي ملندي آهي.

اُن چيو، ها اهائي تہ ڳالهہ آهي.

ٻي روٽي پتني جي هوندي آهي جنهن ۾ پنهنجائپ ۽ سمرپڻ جو جذبو هوندو آهي جنهن سان پيٽ ۽ من ٻئي پرجي ويندا آهن.

چا ڳالهہ ڪئي اٿيئي يار!!! ائين تہ اسان ڪڏهن سوچيو ئي نہ آهي.

پوءِ ٽئين روٽي ڪنهن جي هوندي آهي؟ هڪ سوال ڪيو.

ٽئين روٽي نونهن جي هوندي آهي جنهن ۾ صرف ڪرتويہ جو جذبو هوندو آهي، جيڪو ڪجهہ ڪجهہ سواد بہ ڏيندي آهي ۽ پيٽ بہ پري ڇڏيندي آهي ۽ ٻڍا آشرم جي پريشانين کان بہ بچائيندي آهي.

ٿوري دير لاءِ سيني دوستن ۾ شانتي ڇانئجي وئي.

مگر اها چوٿين روٽي ڪهڙي ٿيندي آهي. شانت کي ٽوڙيندي هڪ دوست سوال ڪيو

چوٿين روٽي نوڪرياڻي جي هوندي آهي. جنهن سان انسان جو نہ پيٽ پرجندو آهي ۽ نہ من پرجندو آهي ۽ سواد جي تہ ڪائي گارنٽي ئي نہ آهي. تہ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

ماءُ جي هميشهہ پوڃا ڪريو، پتني سڀ کان سنو دوست ٿاهي ڪري جيون گذاريو، نونهن کي پنهنجي ڌيءَ سمجهو ۽ ننڍيون وڏيون غلطيون نظرانداز ڪريو. نونهن خوش هوندي تہ پٽ بہ توهانجو خيال رکندو.

Forwarded & Posted by Hari Choithani

# ڪتابي سمالوچنا

✍ نند ڇڳاڻي

”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ساهتيہ جي تواريخ“ هنديءَ ۾. سمپادڪ - واسديو موهي - ڊيمي سائيز -صفحا 460 - قيمت - 500 رپيہ - سال - 2021 - ڇپائيندڙ پبلشر - ساهتيہ اڪادمي -دهلي - ممبئي. آفيس - 172 - ممبئي مراٺي گرنٿ سنگراهليہ مارگ، شاردا ٽاڪيز ڪمپائونڊ- دادر اوڀر - ممبئي 400014. فون نمبر - 022-224135744

ڪتابي جو عالمي نمبر - ISBN.978-93-90866-45-8

ساهتيہ اڪادميءَ ”سنڌي ساهتيہ جي تواريخ“ هن کان اڳ 1970 ۾ لعلسنگهہ اجواڻي جي انگريزيءَ ۾ ڇپائي. جنهن جو سنڌي ۽ هنديءَ ۾ بہ ترجمو ڪرائي ڇپائي وئي، ان کان پوءِ پوپٽي هيراننداڻي (1984) انگريزيءَ ۾، ڪنعيالعل ليکواڻي 2011 ۾ سنڌي عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ ظاهر ڪئي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجي ديوناگري ۾ (1970) ڇپايل جو ٻيون ڇاپو - وڌايل سڌاريل 2005 تائين عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ 2006 ۾ پڌرو ڪيو.

ساهتيہ اڪاڊمي وارن اڄ سوڌو سڌو سنڌيءَ ۾ سنڌي ساهتيہ جي تواريخ ڪونہ ڇپائي آهي. پروفيسر منگھارام ملڪاڻي کي پنهنجو ”سنڌي نثر جي تواريخ“ (ورهاڱي کان اڳ) وارو دستخط اڻ سهائيندڙ دير سبب واپس وٺڻو پيو هو. جيڪو هن ”ڪونج“ معرفت (1968) ڇپايو هو.

هينئر بہ واسديو موهي صاحب پنهنجي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ ساهتيہ اڪادمي وارا ڪنهن بہ هڪ ليکڪ کان تواريخ لکائڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيا. انڪري 2011 ۾ جڏهن نامديو تاراچنداڻي سنڌي وڀاڳ جو مکيہ سرڪردو ٿيو تہ اُن جي صلاح موجب سنڌي ادب جو جدا جدا صنفن ۾ الڳ الڳ ليکڪن کان لکائڻ منظور ٿيو. جنهن لاءِ 13 ڄڻن جي ڪاميٽي ٺهي. مون (موهي) کي ايڊيٽر طور مقرر ڪيو ويو. مواد 2014 تائين رهيو. پر دير ٿيندي ٿيندي 2016 تائين داخلا ٿي ۽ پريم پرڪاش ۽ نامديو تاراچنداڻي ان کي پورو ڪرڻ ۾ اهم رول ادا ڪيو ۽ ايڊيٽر سمپاد ڪ انهن جي خاص شڪرگذاري مڃي. ساهتيہ اڪادمي جي پاليسي موجب هنديءَ ۾ ڇپيو ويو آهي.

تواريخي ليکہ جن جا شامل آهن اُهي هينيان مدبر رهيا:

(1) هيرو شيوڪاڻي (سنڌي ساهتيہ جو اڳوڻو احوال)، (2) لڇمڻ خوبچنداڻي (پارٽ ۾ سنڌي ٻولي ۽ سماج). (3) لڇمڻ ڪومل ( سنڌي موزون شاعري). (4) نامديو تاراچنداڻي (نئين ڪوتا)، (5) لکمي کلاڻي (ناول)، (6) نامديو تاراچنداڻي (ڪهاڻي)، (7) جينو لالواڻي (ناٽڪ)، (8) موهن گيهاڻي (مضمون)، (9) هوندراج بلواڻي (ٻال ساهتيہ)، (10) ڪنعيالعل ليکواڻي (سمالوچنا)، (11) مرليڌر جيٽلي باقي (رهيل صنفون)، (12) ڊاڪٽر پريم پرڪاش ۽ نامديو تاراچنداڻي (نظر ثاني)، (13) واسديو موهي - سمپادڪ - ايڊيٽر

ايڊيٽر - سمپادڪ صاحب مهاڳ ۾ صاف لکيو آهي تہ سيني ليکڪن- ساهتيڪارن کي هدايت ڪئي تہ اهڙي نموني لکن جيئن اتهاس-تواريخ ۾ ڪو بہ ذڪر جوڳو ساهتڪار رهجي نہ وڃي ۽ ائين چڱا چوکا **ليکڪ** ذڪر جي ويا.

تواريخ ۾ سنڌي ليکڪن - ساهتڪارن ۽ سندن سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن جو احوال پڙهندي ائين

ڪونه ٿو محسوس ٿئي تہ ڪو هنديءَ ۾ پڙهي رهيا آهيون. ڪن ساهتڪارن جي ٻولي شڌ هنديءَ ۾ بہ لکيل آهي. مثال طور پروفيسر نامديو تاراچنداڻي شروع کان هندي ساهتيہ جو پروفيسر ٿي رهيو آهي ۽ کيس هندي ادب ۾ دسترس آهي. انڪري انهن جي ٻنهي صنفن ڪهاڻي ۽ نئين ڪوتا ۾ هنديءَ جو ھڳاءُ ڀرپور آهي. پاڻ بہ نثر جو هڪ انتهائي لاجواب ۽ سگهارو ليکڪ آهي.

لکمي کلاڻي ۽ ناول ٻنهي هڪ ٻئي کي مضبوطيءَ سان جهليو آهي. پر هنديءَ ۾ هڻڻ ڪري ٻوليءَ ۾ اهو تاثر ۽ اثر ڪونہ آهي. ترجمي جي ڪري گهڻا لفظ بي روح ٿي ويا آهن. هونءَ بہ تواريخ پنهنجي اصلوڪي ٻوليءَ ۾ وڌيڪ پاڻ ڇڏائيندي.

هن تواريخي ڪتاب جي مکيہ خاصيت اها بہ رهندي جو هاڻوڪا تازا 21 صديءَ جا سنڌي ۽ ديوناگريءَ ۾ ڊگري ڪندڙ لاءِ بيحد ڪارائتو رهندو.

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي - سنڌي ساهتيہ جو اڳوڻو اوُج شاهہ عبداللطيف جي لازوال شاعريءَ سان شروع ڪري لکيو، جنهن جهڙو شاعر اڄ سوڌو پئدا ڪونہ ٿي سگهيو آهي. لکيل اکر ڳالهائين ٿا. هن جي شاعريءَ واري سگهہ - ٻولي - کان شروع ڪري هو قاضي قادن کان ٿيندو انگريزي حڪومت ۾ ڇپيل شاهہ جو رسالو- سچل - سامي - ۽ ٻين ناميارن شاعرن جي آڌار تي اهو ظاهر ڪري ٿو تہ ان کان اڳ بہ ضرور اهڙو ڪرشمو ٿي چڪو هوندو.ورهاڱي کان پوءِ هو ڳربخشاڻي، پيرومل مهرچند آڏواڻي-لعلچند امرڏنومل ڄڳتياڻي ۽ جيٺمل پرسرام ۽ پوءِ ڪهاڻي ڪلا ۾ ادو عبدالرحمان، رام پنجواڻي، نارائڻداس ڀمڀاڻي- ناٽڪ ۾ خانچند درياڻي ۽ ائين ساهتيہ جي هر صنف جا تيرٿ بسنت- عزيز، ملڪاڻي، چيتن ماڙيوالا جهڙا مضمون نويس ڏئي ٿو.

ڀڃاڙيءَ ۾ اهو چوي ٿو تہ اڄ سنڌي ساهتيہ هندستان جي ٻين ٻولين سان گڏ بيٺو آهي. ساهتيہ جي هر صنف ۾ هو ٻين ٻولين جهڙي شان شوڪت ماڻي ٿو. هلندڙ وقت اندر قائم پروگرام ڏانهن اشارو ڪندي خطري کان بہ آگاهہ ڪري ٿو. اڌ ٿيل قوم - اُن جو ملهہ چڪائيندي رهندي.

لڇمڻ خوبچنداڻي ڀارت ۾ سنڌي ڀاشا ۽ سماج- 1951 ۾ وڌان لاڳو ٿيو. پر اُن ۾ سنڌيءَ کي اٺين شيڊيول ۾ جڳهہ نہ ملي. ان ڪري سنڌيءَ جي واڌاري - سڌاري ۾ رنڊڪ ٿي. 1957 ۾ ڪرشن ڪرپالاڻي ۽ لال سنگهہ اجواڻي جي اڳوانيءَ ۾ ساهتيہ اڪاڊميءَ ۾ ٻين ٻولين سڻئون سنڌيءَ کي داخلا ملي ۽ پوءِ 1967 ۾ وڌان جي اٺين شيڊيول ۾ بہ جوڙ حاصل ٿيو. CHD ۽ مئسور جي CIL ۾ جڳهہ ملي ۽ آهستي آهستي راجيہ سرڪارين بہ سنڌي جي واڌاري لاءِ اڪاڊيمي برپا ڪيون.

لڇمڻ خوبچنداڻي جي لکڻ موجب ڀارتي ڀاشا وگياني ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي ۽ جيرامداس دولترام جي ڪوشش سان مهاراشٽرا سرڪار پٽي (پونو) جي ڊيڪن ڪاليج ۽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ بہ کليو جيئن سنڌي شاگردن کي ڀاشا وگيان جي ڄاڻ ڏني وڃي. گرامر ۽ ٻين منظور ٿيل ٻولين سڻئون ڳانڍاپو رهي. نئين سر ڊڪشنري ٺاهڻ جي شروعات ڪجي... ان لاءِ لڇمڻ خوبچنداڻي جي اڳوانيءَ ۾ بهترين شروعات ڪئي وئي. (1963) ۾ پونا يونيورسٽي ۾ انهن لاءِ Ph.D ۽ M.A ۾ ڀاشا وگيان طور منظوري ملي. خوبچنداڻي پاڻ لنڊن يونيورسٽي ۾ Ph.D لاءِ (1970) ۾ ويو. مرلي جيٽلي سنڌي گرامر (1966)، سنتيش روهڙا 1967 سنڌي ڪڇي ٻوليءَ تي، 1971 ۾

پرسو گدواڻي لاڙي ٻولي، مرلي پاوناڻي ٿري ٻوليءَ تي Ph.D حاصل ڪئي.

ان ڊپارٽمينٽ مان پهرين ڏهن سالن ۾ مٿين Ph.D ۽ اٽڪل 10 شاگردن M.A پاشا وگيان ۾ به ڪئي. سنڌي ڊڪشنري جو ڪم به چالو ٿيو. پر خوبچنداڻي جي لنڊن وڃڻ ۽ پوءِ (2003 - 1970) پنهنجي ڪرسيءَ تي آرو ڪرڻ لاءِ جڳهه رکي ۽ ائين ان ڊپارٽمينٽ مان ڊڪشنري نه نڪري نه نڪتي. ڏهن سالن جي ڪيل محنت تي پاڻي ڦري ويو. اهو اڌورو ڪم به شايد ڪنهن جي شخصي ملڪيت ٿي ويو. خوبچنداڻي تمام سهڻي گلدستي ۾ هي سڀ درج ڪيو آهي ۽ هاڻي اهو ڊپارٽيمنٽ ٺپ ٿي ويو آهي. هڪ سهڻو سنو شاندار گلدستو مرجهائجي ويو. ڪنهن کي ڏوهه ڏجي...؟؟؟ بيان اندر ڏنل سنه ۽ سال ڳالهائين ٿا. خوبچنداڻي کي سڀ ياد آهي. ڪيس سڀ ڦري به ٿو. گرامر جي ڏنگين ۾ ڪيس ڍڪڻ جو ضمير ڪم اچي ويو آهي. اکيون ٻوٽڻ ڪان پوءِ سڀ معاف. گمراهه ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪيل آهي. جو گهڻو ڪري سيني هنڌ به سنه (سال) ڏنا اٿس. سندس لنڊن ۾ رهڻ ۽ پڙهائڻ وارو عرصو ۽ پٺي ۾ ڊپارٽمينٽ تي حق گڏوگڏ هلن ٿا. جنهن ڪري يونيورسٽيءَ وارا بيو جاڙو نه رکي سگهيا. چوندا آهن ته زندگيءَ جي پڇاڙيءَ جو پڇتاءُ وارا لڙڪ ڪيل پلون چڪون- بي انصافيون ڌوئي ڇڏيندا آهن. سندس اُن وقت جا ساٿي به آسماني سيمينار تي پهچي چڪا آهن. ايشور شال ڪين سرڳ ۾ جوڳي جاءِ ڏئي.

نامديو تاراچنداڻي - نئين ڪوتا - هاڻ نئين ڪوتا جو پهريون اکر ڪاڃي ويو آهي. واسديو موهي موزون ۽ نئين شاعريءَ وچ ۾ سنڌو مٿاڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي. پنهنجي خيال کي چٽو چئي سگهون اها ڪوتا آهي. نامديو نئين ڪوتا ۾ ساهتيہ اڪاڊيمي جو انعام حاصل ڪيو آهي. (منش نگري).

موزون مٿالي شاعرن به هٿ هلايو آهي. هن تواريخ لاءِ سندس ڪيل اڻٿڪ محنت کي سنڌي شاگرد ۽ سماج شردا وچان ڏسندي رهندي.

لکمي کلاڻي - ناول - لکمي کلاڻي پنهنجي علمي ڄاڻ ۽ ادبي خدمت ڪري سنڌي ساهتيہ ۾ وڏي وٿ ڪري جاتو سڃاتو وڃي ٿو. ناول بابت ڪٿي پڙهيو اٿم ته ناول سماج جي اوڻاين ۽ عيبن جي اوگهڙ ڪري ٿو. عوام جي جيون تي گهرو اثر ڪري ٿو. لکمي هن تواريخي پنن ۾ ناول ۽ ناول نويسن جي زندگيءَ ۾ لبئو پاتو آهي. سنڌيءَ ۾ ناول ترجمي سان شروع ٿيو آهي. ممبئي - اُلهاسنگر - اجمير-پٺي وغيرهه مان ظاهر ٿيا. جڳت آڏواڻي، جيناننڊ لعلواڻي، تيج پارواڻي، ٺاڪر چاولا، ديال آهوجا وغيرهه خاص رهيا. ورهاڱي ڪان پوءِ ڪئمپ جي حالت، سنڌ جي يادگيري، روزاني لاچار واري زندگي - ايشور ۾ وشواس- اوشواس، موضوع وغيرهه تي چيد ڪري ليڪ هٿ ڏنو آهي.

گوبند مالهي ، رام پنجواڻي، چندولعل جئسنگهاڻي، سندري اُتمچنداڻي، پوپٽي هيراننداڻي، موهن ڪلپنا، لڇمڻ ساٿي، هري همٿاڻي، هري موٽواڻي، پرم ابيچنداڻي، ڪرشن کٽواڻي، آنند گولاڻي ، آنند هگوراڻي، لعل پشپ، گنو ساماڻاڻي، شيام جئسنگهاڻي وغيرهه جي ناولن کي اهڙي نموني پيش ڪيو آهي جو ناول پڙهڻ جي ضرورت نٿي محسوس ٿئي. تواريخ پڙهندڙن لاءِ اهو هڪ ڪارگر نمونو آهي ته شاگردن لاءِ به بهتر آهي.

لکمي ، ڪرشن کٽواڻي، ڪلا پرڪاش، گوردن پارتي، تارا ميرچنداڻي، ريٽا شهاڻي، هري موٽواڻي جي ناولن جو ڀرپور ذڪر ڪيو آهي. هن ليکہ جي ٻي خوبي اها آهي جو ليڪ ڪن خاص ناولن جو تت ست به ڏنو آهي. جيڪو تواريخ ۾ کٽڪي به ٿو. پر سندن ڪيل محنت تواريخ جي

مقداري واڌ چڱي چوکي آندي آهي. ڪين سنڌي ادب جي نثر جي خوب ڄاڻ آهي. پر اُن کي هنديءَ جي ترجمي اُن ڏار کي مڏو ڪري ڇڏيو آهي. مثال لاءِ ٻه اکر ڏيان ٿو. (اڄهو- گهر) (ابو - پتاشري)اصلوکي ليک جي روح کي ٻه آرام ڪونه هوندو. گهڻن هند اکري ترجمي پوري ناول کي بي مزي ڪيوڇڏي. آرسي آڏو - (درپڻ کي سامني)

1947 کان پوءِ واري ناول جو تواريخي احوال جدا جدا دؤرن ۾ ڪري ڏنو اٿس. ترقي پسند دؤر ، رومانوي دؤر، جديد ۽ ناول نويس جي حياتيءَ وغيره تواريخ جو ملهه ٻه وڌايو آهي ته ناول کي ٻه مان ڏنو آهي - پڇاڙيءَ جو - هاڻوڪي قياس جوڳي حالت جو انتظامي ذڪر سندس ٻه مان- شان وڌائي ها.

ها، اهو ٻه سچ آهي جو لکميءَ جو هيءَ تواريخي ليکه جو اڀياس کان پوءِ اٿين پاسندو ڇڻ هن جا بيان ڪيل سڀ ناول پڙهي پورا ڪيا آهن. لکميءَ جو هي باب سنڌي ادب جي تواريخ کي قدبت بخشي ٿو.

ڪنعيالال ليکواڻي - سمالوچنا - پاڻ سنڌي ساهتيه جواتهاس سنڌي عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ شايع ڪيو اٿس. 1943 کان 2014 تائين سلسليوار شاهه جي رسالي کان وٺي اڄ سوڏو نون سمالوچڪن کي ٻه ڪونه وساريو اٿس. شاهه تي گربخشاڻي، قليچ بيگ، ڪلياڻ آڏواڻي، ڄيٺمل پرسرام، لعلچند امرڏنومل، هيرو ٺڪر جي وچوڙ ڏني اٿس. ساهتيه جي ٻين وڌائن- ڪهاڻي - ناول- شاعري - ڇند - سڳند- مضمون ۽ اتهاس جو خاص شاگردن جي ڏانو جو ذڪر ڪيو اٿس. سنڌي ساهتيه جي تواريخ ، ڄيٺلي مرليڌر، پوپٽي هيرانندڻي- لالسنگهه اجواڻي، ليلارام، ڄينو لعلواڻي جو هر دؤر ۾ لاڳاپو رکندڙن جو ٽوڪي ۾ سمالوچڪ طور سندن دؤر ۾ ذڪر ۽ فڪر جو احوال ضرور آهي. موهن-لال- گنو- نامديو- واسواڻي وغيره جو سندن اثر ۽ انهن جي جدا جدا دؤرن جا انهن جي ڪتابن جو تواريخ ۾ درجو ڏنو اٿس.

ڪنعيالال ليکواڻي - ليکه ۾ پويون پئراگراف ليکه کي ٿوري ۾ دهرايو آهي -جيئن پاڪن - پڙهندڙن جي ذهن ۾ ياد تازي رهي.

مضمون- ليک - موهن گيهاڻي، عمر جا اسي ڏهاڪا پار - موهن نندي هوندي کان لڳاتار سنڌي ادب سان جڙندو رهيو آهي. ڪتاب- مگزنس - سيمينار وغيره تي ادبي اکه رکندو آهي. وقت ٻه وقت اِنڊين انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي - آديپور جي شاهي لئبرري ۾ ڪتاب وغيره اُٿلائي پٿلائي يادگيريون تازيون ڪندو آهي ۽ اُن کان ٻه وڌيڪ سنڌي ساهتيه جي زنده انسائيڪلوپيڊيا صاحب بڄاڻي سان ڪاڪن جا ڪاڪ خيالن جي ڏي وٺ ٻه ڪندو آهي.

ترقي پسند دؤر جي آخرين ذڪر لائق نشاني آهي. دماغ ۾ ان دؤر جي نه پر گڏوگڏ آس پاس جو ادب ٻه دماغي هارڊ ڊسڪ ۾ مظبوطيءَ سان سنڀالي رکيو اٿس. تازو ساهتيه اڪاديمي پاران مونوگرافس ان جو ثبوت آهن. هن تواريخي ڪتاب ۾ سندس مضمون پڙهڻ وينس ته يادگيرين جا انبار ڪلي پيا. مضمون - ڪتاب-ان جي ليک جو احوال اهڙو ته تز ڏنو اٿس جو انب کائيندي ککڙيءَ کي ٻه ڇڏيندي دل نٿي ٿئي. مثال طور 1972 ۾ اجواڻيءَ جو ”اُڇل“ پڙهو. اجواڻي اڇي سامهون بيهندو.

پوپٽي هيرانندڻيءَ جو ”زنده سا قوم رهندي“ لاءِ لکندي چوي ٿو ته ان ۾ سمايل مواد، اُن وقت جي سنڌي آندولن سان گڏوگڏ ساهتڪ سڳند سان پريل آهي.

1993 ۾ پروفيسر ايشوري جوتواڻي - پڙهي واريءَ جو ڪتاب بيسٽ سنڌي سيا ڇپايو، جنهن ۾ سئر سفر جا مضمون آهن. ڪنياڪماريءَ جي ياترا، ناجئرا جا آبشار، ڪشمير جا باغ - جڳناٿ پريءَ جو ساڪيات درشن - لنڊن جا ڪي آزمودا پڙهندي جڻ سئر سفر جي راهه ۾ آهيون.

سنڌ وارا عالم - لعلچند امرڏنومل - جيٺمل پرسرام، ڀيرومل آڏواڻي - ڪلياڻ آڏواڻي - رام پنجواڻي وغيره جن هت هند ۾ اچي پويان پساهه ڪنيا، انهن جو مضمون پڙهندي موهن جي جاکوڙ کي سلام ضرور ٿو ورائجي.

لڇمڻ ڪومل علم عروض - ڇند سڳنڌ واري شاعري، هن وياڳه چئپٽر جي لڇمڻ ڪومل واري چونڊ ساراهه لائق آهي. لڇمڻ ڪومل شاعري ۽ نثر ۾ هڪجيتري پڪڙ رکي ٿو. هن جي آتم ڪٿا ٿن ڀاڱن ۾ سنڌ جي ادبي آڪاس ۾ اُڏام ڀري. هن سچائي ۽ عمدي نثر ۾ پاڻ پڪيڙي ڏيکاريو. هت شاعري جو تواريخي باب لکندي جدا جدا ڌارائن کي گنگا سنان ڪرائي قلمبند ڪيو آهي.... صاف اکرن ۾ ورهاڱي کان پوءِ ڇيل آهي، پوءِ به هن ڪماليت سان موهن جي دڙي مان لڌل ناچڻيءَ جي پتلي کي آواز ڏئي ساز ۽ آواز کي تواريخي حد بنديءَ اندر اسان تائين پهچايو آهي. ايندڙ پيڙهين لاءِ وات کولي شاهراهه ٺاهي ڇڏي آهي ۽ ورهاڱي کان پوءِ عامل شاعرن کي آڪاس مان اڏائي سندن زندگيءَ جو احوال به ڏنو آهي. نون شاعرن کي به هن نه وساريو آهي. انهن جي شاعراڻي طبعيت اثرائتي نموني بيان ڪئي آهي.

ليکراج عزيز، نارايڻ شيام، پرسرام ضيا، هري دلگير، ارجن شادم، گورڌن ڀارتي، ڏولڻ راهي، وغيره سان گڏوگڏ شريڪانت صدف، ٽيڪچند مست، موتيلعل جوتواڻي، مينا شهدادپوري جو به تواريخي ذڪر ڪيو آهي. پنجاه صفحن اندر هن ڇند بند ۽ علم عروض وارن شاعرن کي حق پلؤ ڏنو آهي. ”خوبصورت نثر کي نه ساراهڻ به نندڻ جوڳو عمل آهي.“

ٻال ساهتيه - هوندراج بلواڻي - شروعاتي دؤر ۾ ڌارمڪ گرنٿن-رامايڻ -مهاڀارت وغيره مان ٻارن سان لاڳاپيل انش جوڙي ڪهاڻي جي روپ ۾ ڏنا ويندا هئا. ان لاءِ اجمير نواسي پريداس برهمچاري- روپچندر بيلاڻي اڳرا رهيا. اهڙي قسم جون آکاڻيون درسي ڪتابن ۾ به ڏنيون وينديون آهن. شاعريءَ ۾ گورڌن ڀارتي ، پرسرام ضيا جي شاعري ٻارن ۾ پسند پئي. هوندراج پاڻ پنهنجي ادبي عرضي ۾ ٻارن جي ساهتيه لاءِ خاص ڌيان ڏنو. هن ٻاراڻي ساهتيه ۾ Ph.D به حاصل ڪئي. جنهن لاءِ سندس گائيڊ ڊاڪٽر ديال آشا رهيو. ٻاراڻي ادب ۾ ٻين جن جو هن ليکه ۾ ذڪر آهي، اُهي آهن ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي-جيوت جوت گوگيا، گهنشيام وليڇا (اڇا پکي) ، موهن ڪلپنا - ٻال مهاڀارت - ٻال رامايڻ وغيره جو ذڪر آهي. هوندراج بلواڻي پاڻ به ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. واسديو سنڌو ڀارتي - ڪيمن مولاڻي - هري دلگير، ڄينو لالواڻي جدا جدا ڪتاب لکيا آهن.

ٻال ساهتيه کي خاص درجو ڏنل آهي. ساهتيه اڪاديمي هر سال ٻال ساهتيه تي جدا انعام عطا ڪندي آهي. ان انعام کان پوءِ ٻال ساهتيه تي واڌ ٿي آهي. هتي شروعاتي دؤر ۾ هفتيوار هندواسيءَ ۾ ٻارن جي ڦلواڙي نکرندي رهي.

پڇاڙيءَ جو بلواڻي صاحب لکيو آهي ته تڪليفن هوندي به سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيه جوڳو درجو حاصل ڪيو آهي. اڄان به سرڪاري NCPSL جدا جدا اڪادمين کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. جيئن نوان ساهتڪار ٻال ساهت ڏانهن ڌيان ڏين.

”سائين منهنجن ٻن چئپٽرس بابت ڪجهه به پڇي سگهو ٿا- باقي ساهتيه اڪاديمي وارن سان رابطو ڪيو ۽ مون فون رکي ڇڏيو. مون چاڻ پئي چاهيو ته خاص ساڌو واد ۾ ڪيس ڇا ڇا مليو. سنڌي ساهتيه جو اتهاس، سنڌيءَ کان اڳ فقط هنديءَ ۾ ! 13 ليکڪن ۾ هي سچڻ به خاص جڳهه والاري ٿو.

ڪهاڻي - نئين ڪهاڻي ٽائين 41 صفحن اندر پوري زور سان تواريخي احوال ڏنو اٿس. ڪتاب جي ايڊيٽوريل ۾ به جوڳي جاءِ والاري ٿو.سنڌي ساهتيه جا ناليرا ڪهاڻيڪار ڪٿي انهن جي ڪهاڻين جو سبر بيان ڪيو اٿس. ”وکر اهو وهايو اٿس جو پئي پرائو نه ٿئي.“

نڊي ڪهاڻيءَ کي به ڪونه وساريو اٿس. گناهه کي مجبوريءَ جو ڍَڪُ وجهي ڪهاڻيڪار اڳيان بچاءُ جو بند ٻڌي اڪو ڦولو آرتي چئي آهي. اهي حقيقتون مثال تي رهنديون. اڳتي هلي شايد سبب ڳهن.

ترقي پسند -رومانوي دؤر- سنڌ جي يادگيري سماجڪ نئين ڪهاڻي سڀ کي تواريخ ۾ جاءِ ملي آهي. ڪهاڻين کي تمام مختصر ۾ ڏنو اٿس. نئين ٿهي کي مواد لاءِ ضرورت پوندي.

ناٽڪ ساهتيه - ڊاڪٽر جينو لالواڻي -

لکندي ڪا به هيڪ ڪونه ٿي ٿئي ته جينو لالواڻي ناٽڪ جي Theory & Practice ۾ اٽيل آهي . ڊاڪٽر پريم پرڪاش جنهن کي احمدآباد وارا سنڌي ناٽڪ جو ابو ڪري ليکيندا آهن . ان به پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ناٽڪ جي چونڊ تنقيد“ جي مهاڳ ۾ جينو لالواڻي جي ناٽڪي ڪتابن- مگزن ”سٽيج“ ۽ سنڌس ناٽڪ لاءِ اُتساهه ۽ جنون کي خوب ساراهيو آهي. سنڌس به جائزا ”مدن جماڻي هڪ ناٽڪ نويس ۽ ائبسرڊ ۽ تجرباتي ناٽڪ“شامل آهن. ان کان پوءِ هن ڪتاب ۾ شامل ليکه پڙهي من ۾ ارمان رهجي ويو. 60-70 واري ڏهاڪي ۾ ممبئي ۽ آس پاس سنڌي ناٽڪن جي ڌوم مچايل هئي. رميش جاجاڻي، مينگهاڻي، سندر ٻناڻي، جسونت ڪمار، لڇو گيهي، شيلا ساجناڻي، چندر هرداسي..... اڪٽ نالا آهن. جن جو هت جائز ذڪر ڪونه آهي. سمپادڪ صاحب جا هدايت پريا اکر آهن. جيئن ڪوبه ناليرو نالو تواريخ ۾ اڇڻ کان رهجي نه وڃي. خبر نه آهي ڪهڙين حالتن ۾ لالواڻي اهي نالا نه درج ڪيا آهن. سمپادڪ - ليکڪ ۽ به ساڌو واد جا وجينا اهڙي ڀل چُڪ لاءِ جوابدار نهرائي سگهجن ٿا.

لالواڻي نڊي هوندي کان ادب سان سلهاڙيل رهيو آهي. هن هنديءَ ۾ به ناٽڪ جو اتهاس لکيو آهي، هت به سنڌس ليکه شاندار ۽ جاندار آهي. پر جيئن ته هي ڪتاب ايندڙ پيڙهيءَ لاءِ سنڌي ادب جو لائيٽ هائوس ٿي رهندو. اُن ۾ اڻوٽندڙ خال رهجي ٿو وڃي. شخصي طور جيني لالواڻي جي ڪيل ڪارج ڪري سنڌس حرف معتبر ۽ مانائتا ليکجڻ ۾ ايندا.

سنڌي ادب جي 13 مهارٿين معرفت‌ورهاڱي کان پوءِ جي تواريخ جو هيءُ ڪتاب ملهائتو ۽ مانائتو آهي. پر قدر پنهنجي قوم وڌيڪ ڪندي. ضروري نه آهي ته هو هنديءَ ۾ پڙهن. سنڌي ساهتيه جو اتهاس، تواريخ سنڌيءَ ۾ هئڻ لازمي آهي. ساهتيه اڪاديمي جو سنڌي وڀاڳ زوردار آواز ۾ اها گُهر ڪندو . اهڙي اُميد رکي سگهجي ٿي.

**نند ڇڳاڻي**
02/01/2025

◆◆




# ✍ توهان جا خط.....




• پيائرا نند، نمستي

لکين قرب جو ڪونج موڪلي، سرشتي ۾ ادبي ڳونج اُڀاري ٿو. شال ڪونج جڳن جا جڳ ڪرڪندي رهي. ٽورانٽو

**انور فگار هڪڙو**

❄❄❄❄

• Nand hearty greetings for the beautiful editorial and the compilation of the matter of
I shall send you one article and 4 ghazals tomorrow .Regards.
writers.

Devi Nagrani

❄❄❄❄

• مرڪ جي راڻي - ڀڳونتي ناواڻيءَ جو 85 هون جنم ڏينهن ٻئراڳڙهہ ڀوپال ۾ سنگيت ، ڊانس ۽ شاعريءَ جي خاص محفل سان ملهايو ويو.

سنڌو (ساهت، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جو جهرٽو) پاران ديپ مالا ڀڳاراڻي سنسڪار پبلڪ اسڪول جي سهيوگ سان ڇنڇر 1 فيبروري 2025 تي مشهور، معارف ڳائڪا ۽ سنڌي فلمن جي ڪلاڪاره سدا حيات ڀڳونتي ناواڻيءَ جي جنم ڏينهن جي موقعي تي انڊيا جي ٻئراڳڙهہ- ڀوپال ۾ شد مد سان سنگيت، ڊان ۽ شاعريءَ جي انوکي محفل جي روپ ۾ ملهايو ويو، جنهن ۾ شرڪت ڪرڻ واريون سڀ جو سڀ ڳائڪائون، شاعرائون توڙي نرتيہ (ڊانس) پيش ڪندڙ هر عمر جون ليڊيز فنڪار هيون.

سڀ کان پهرين ڀڳونتي ناواڻيءَ جي تصوير ڳيان ديپڪ روشن ڪري، مڙني شرڪت ڪندڙن شرڌا ۽ صدق سان ڦول چڙهايا. تنهن کان پوِ پروگرام جي اينڪر ڪويتا چاندواڻيءَ سهڻي، سنجيده ۽ نماڻي انداز ۾ ڀڳونتي ناواڻيءَ جي رڪارڊ ڪيل سکمڻي کي ڳائڻ لاءِ جيا چوڌري کي سڪ سان سڏ ڏنو. ھُن بہ اهڙي سريلي تانَ ڇيڙي جو ٻڌندڙن کي لڳو ڄڻ ڀڳونتي پاڻ اچي حاضر ٿي هجي.

سچ پچ جيا چوڌريءَ پهرين پيشڪش سان ئي ڀڳونتي ناواڻيءَ جون سڪون لاهي ڇڏيون. هن هڪ ٻيو گيت بہ ساڳئي انداز ۾ ڳائي داد کٽيو. مڌو موهناڻي، سُمن هرچنداڻي، ديپتي سِڏواڻي، پرگتي ۽ ردم آسناڻيءَ پڻ پنهنجو پنهنجو وارو اچڻ تي هڪ کان هڪ سريلا ۽ دلڪش گيت ڳائي خوب پاڻ موکيو.

ساڳئي نموني شاعرائون: هِمانشي لعلواڻي، پارتي آسوداڻي، دروپدي چندناڻي ۽ چِترا چيلاڻي وقتائتي اثردار شاعريءَ ذريعي سيني جي دلين تي ڇائنجي ويون.

سميڪشا لڇواڻي پنهنجي سنجيده آواز ۽ انداز ۾ خود جي لکيل مارمڪ کهاڻي پوڙها ڳوڙها پڙهي ٻڌندڙن جون اکيون آليون ڪري ڇڏيون ۽ ڏنوَنِڌ هاسومل لکاڻي پبلڪ اسڪول جي بالڪائن

ياشيڪا ٻنواڻي، پريرٽا ٻيلاڻي، اِڪشِنا ماڌواڻي، ۽ چاهت ڪرپالاڻي نرتيه (ڊانس) جي اسم ۾ زال - مڙس جي رُسڻ - پرچڻ ، ناٽ - نڙرن سان پرپور پيشڪش سان زبردست اداڪاريءَ جو مثال قائم ڪيو. سڄو هال تاڙين جي خوشنما ماحول ۾ واهه واهه ڪندو رهيو.

اهڙي نموني مرڪ جي راڻي - ڀڳونتي ناواڻيءَ جي جنم ڏينهن جو فنڪشن امت ياد ڇڏي پورڻ ٿيو. ڀڳونتي ناواڻي امر رهندي.

**ناري لڇواڻي**

❄❄❄❄

## شرڌانجلي

### آرٽيسٽ شرت ڀڳتياڻيءَ جي اداڪاري جو شاندار سفر






هندي ۽ سنڌي سنيما جي آرٽيسٽ شرت ڀڳتياڻيءَ جو 27 جنوريءَ تي گانڌي نگر (گجرات) ۾ سرڳواس ٿي ويو. 28 جنوريءَ تي ڪنيو ويو. هڪ ياترا پوري ٿي ويئي. شرت کي سنڌي ٻولي سميت سڀا ۽ سنڌو ڪلا سنگم جي ميمبرن ٻه شرڌانجلي ڏني آهي. شرت اداڪاري جي منچ تي شاندار اينگ پوري ڪري دنيا ڇڏي. شرت جي يوگدان کي ياد رکيو ويندو شرت سال 1973ع ۾ هندي ڀاشا جي فلم جلتي بدن ۾ اداڪاري ڪئي هئي. سال 1984ع ۾ مدن جماڻي جي ڪامياب سنڌي فلم ”هل ته ڀڄي هلون“ ۾ ٻه شرت جو بهترين




رول هو. فلم سنڌي گانو چانڊني رات ۽ اڪيلائي جي ڪري ٻه مشهور ٿي هئي. سال 1989ع ۾ ٽي وي سيريل سرڪس ۽ سال 1992ع ۾ گوواريڪر جي ڊائريڪشن ۾ هندي فلم پهلا نشا ۾ شرت ، جوهي چاولا، سيف علي خان، روينا ٽنڊن، شاهروخ خان، پريش راول، جينت ڪرپالاڻي، سديش ٻيري ۽ اوتار گل سان گڏ ائڪٽنگ ڪئي. رامانند ساگر هندي فلم جلتي بدن ۾ ڪرڻ ڪمار، رضا مراد، پدما کنا، ڪمڪم ۽ پرديپ ڪمار جهڙي مشهور ڪلاڪارن سان گڏ شرت ڪم ڪيو. . ڊائريڪٽر رامانند ساگر جي همراهي فلم ۾ ٻه شرت هڪ شاندار ڪردار نڀايو هو. ان کان سواءِ فلم ڊائريڪٽر سئيد مرزا جيڪي پاپولر ٽي وي. سيريل نکڙ ۾ ٻه شرت ڪردار نڀايو. شريچند ماکيجا صاحب نکڙ سان مشهور ٿيا هئا. مطلب هن سيريل ۾ ٻه سنڌي آرٽيسٽ شامل هئا. شرت فلم سان گڏوگڏ ناٽڪن ۾ ائڪٽو رهيو. حقيقت ۾ شرت فلمن جي ڀيٽ ۾ ڊراما کي پسند ڪيا هئا. سدائين ڊراما کي اهميت ڏني. زندگيءَ ۾ وڏيڪ ڊراما ئي ڪيا اٿئون. جيون جي منچ تي شاندار اينگ ڪيڏي دنيا مان ويا آهن. قرب ڀري شرڌانجلي.

◆◆

Editor<br>Sindhu<br>Sindhu Youth circle<br>Ulhasnagar- 421 002.

20.x.24<br>Mumbai

**Sub.: Sindhu 2020**

**Sir**

With reference to above-cited subject, I express my deep sense of gratitude for getting the issue of Sindhu Magazine. I do not know from where did you get my residential address? any way thank you so much.

The magazine's articles were good specially on Dr. 'Bharti" who was my teacher in school and college in the R.K. Talreja College. The article on "mohanjo Paro" was important one specially it was on history which was my subject of teaching at University Level.

In future publication I would also like to contribute therefore, do inform me for any new publications.

Thanking you

with best regards

Sincerely<br>Dr. R.N, Sharma<br>Cell.: 9322892859

◆◆

## آءِ. آءِ. قاضي

**ايِ. ڪي. بروشي**

مون پنهنجي زندگيءَ ۾ علامہ صاحب جهڙي بي ڪا اثر انگيز شخصيت نہ ڏٺي. جنهن جي روشنيءَ جي ڪرڻن مون تي ايڏو اثر ڪيو هجي. گذريل ٽيهن سالن جي عرصي ۾ مون پاڻ کي انهن ڪرڻن جي گرمائش جي اثر هيٺ محسوس ڪيو آهي. بلڪ مون کي انهن ۾ هميشهہ هڪ قسم جي بدرانہ شفقت ۽ اُڻ-تڻ جو احساس ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح مون محسوس ڪيو آهي تہ شروع ڏينهن کان وٺي، جڏهن پهريون دفعو مون کي ساڻن ملاقات جو شرف حاصل ٿيو. اِنهيءَ عزت ۽ محبتا ۾ روز بروز اضافو ٿيو آهي . جيڪا منهنجي روح جي گهراين ۾ گهر ڪري وئي آهي. تنهن ڪري مون لاءِ هڪ لحاظ کان اهو ناممڪن آهي تہ آءٌ لفظن ۾ انهيءَ گهري عقيدت ۽ سبند جي اُپٽار ڪري سگهان. جيڪا انهيءَ گذريل عرصي ۾ ان عظيم الشان هستيءَ جي روح لاءِ مون ۾ موجود رهي آهي.

نوٽ: وڌيڪ ڏسو پيج نمبر 103

◆◆

## واهہ سنڌي واهہ

**يوجراج ڪيماڻي**

بزرگن ’سنڌ‘ ڇڏي ڏني، پر اسان ڇڏيون پيا سنڌي بولي<br>درد اهو بہ آهي گهرو - جو اسين ڇڏيون پيا سنڌي بولي<br>آهيون اسان سنڌي...، اهو بہ ٿا ٻارن کي هنديءَ ۾ ٻڌايون<br>مٽيءَ مان سون ٺاهيون پيا، پر ٻوليءَ جو پيا ”ڪيماڻي“ ملهہ گهٽايون

◆◆

# پاناما ليڪس

✍ **ڊاڪٽر ايوب شيخ**

عالمي سياست جي ميدان تي اڄڪلهه ”پاناما پيپرز Panama Papers“ جي باري ۾ دنيا جي سموري ميڊيا پوري آب تاب سان ان موضوع تي پنهنجا قلم تيز ۽ تکا ڪري رهي آهي. اهي آمريڪي چونڊن کان اڳ انهن چونڊن جو پاسو پلٽڻ جي ڪوشش آهن يا صدر اوباما، جنهن ”پاناما سان آزاد واپار“ جو ناهه ڪيو هو، ان کي نشانو بڻائي ڊيموڪريٽس کي نقصان ڏنو ويندو. صدر اوباما جڏهن اهو ناهه ڪيو هو ته ڊيموڪريٽس جي پئنل تي موجود صدارتي اميدوار سئنڊرس سخت تنقيد ڪندي ان کي آمريڪا مخالف ناهه سڏيو هو.

پاڪستان انهن ملڪن ۾ آهي جن جي ٻن وڏين اقتداري پارٽين مسلم ليگ نواز ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جا اڳواڻ پڻ انهن ڪاغذن ۾ شامل آهن، جن جي لاءِ چيو ويو آهي ته انهن دنيا ۾ مختلف ملڪن ۾ ڪمپنيون ناهي پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ ٽئڪس ڏيڻ بدران اربين رپيا بچيا آهن ۽ پنهنجو ناڻو پاسيرو ڪري اتي گڏ ڪيو آهي.

**پاناما ملڪ جي باري**

ان کان اڳ، ان سموري معاملي تي لکڻ کان اڳ، اسان کي پاناما ملڪ ۽ ان جي جاگرافي وغيره جي باري ۾ سمجهڻو پوندو.

پاناما وچ آمريڪا ۾ هڪڙو ملڪ آهي، جيڪو اُتر آمريڪا خطي ۾ 772 ڪلوميٽر جي وٿيءَ سان ٻن سمونڊن: ڪيريبيئن ۽ اُتر پئسفڪ ۽ ٻن ملڪ نما ٻيٽن ڪوسٽاريڪا ۽ ڪولمبيا وچ ۾ آهي.

ويجهي عرصي جي تاريخ ۾، پاناما 300 ورهين (1531ع کان 1821ع) تائين اسپين جي ٻينڪيت رهيو. ان ٻينڪيت جي شروع واري سال کان وٺي 1660ع تائين اٽڪل 130 ورهيه اسپين ۾ 60 سيڪڙو سون پاناما وٽان آيو هو، جنهن ڪري ڏکڻ ۽ وچ آمريڪا جي اميرن واسطي اهو ملڪ جنت بڻجي پيو هو.

**پاناما ڪئنال جي اڏاوت**

دنيا جي مختلف ملڪن جيڪي واپار ۽ قبضي جي ايجنڊا کڻي دنيا ۾ گهمندا هيا. انهن اهو ضروري ڄاتو هو ته ٻنهي سمونڊن جي وچ ۾ موجود پاناما تائين پهچڻ لاءِ هڪڙو پئنال هجڻ گهرجي. ”پاناما ڪئنال“ جي اڏاوت آمريڪا 1904ع ۾ شروعات ڪري 10 ورهين ۾ پوري ڪئي ۽ پنڄاهه ميل يا 83 ڪلوميٽر ڊگهو ڪئنال ناهي ورتو. ان ڪئنال ۾ پاناما جي هڪ صوبي جي زمين جو وڏي ۾ وڏو نقصان ٿيو هيو ۽ آمريڪا وعدي ڪرڻ جي باوجود ان جو معاوضو ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. ڪئين ورهيه ان تي تڪرار هلندو رهيو. آمريڪي ڪانگريس ڪيترن ئي موقعن تي ڪيئي قانون سازيون ڪيون، پر ان تي عمل نه ٿيو. نيٺ هلندي 21 ڊسمبر 1921ع تي پاناما نه رڳو ڪاميابيءَ حاصل ڪئي، پر ان ڏينهن کي پنهنجي آزاديءَ جو ڏينهن سڏڻ شروع ڪيو.

ان ڪئنال جي اڏاوت، جنهن کي انجنيئري جي تاريخ جو اهم ڪارنامو سڏجي ٿو، تنهن جي ڪري پاناما ۽ ڪولن شهرن جي اڏاوتن ۾ واڌ ٿي ڪئنال جي ڪري سڄي ملڪ جي نيڪال ۽

زراعت جا ڪيترا اهم ڪم ٿيا ۽ سراسري طور ان ڪئنال پاناما جي لاءِ هاڪاري اثر ڇڏيا. دنيا جي ڊاڪٽرن مڙسي ڪري ملڪ ۾ ”هيدي بخار“ ”Yeollw Fever“ جو خاتمو آڻي ڏيکاريو. ان ڪئنال تان آمريڪي فوج پنهنجو قبضو ۽ فوجي اڏا بند ڪري 31 ڊسمبر 1999 ع ۾ پاناما جي حوالي ڪري ڇڏيو هو.

**پاناما جو اندروني سياسي نظام**

1903 ع کان 1968 ع تائين جا 65 ورهيه پاناما ۾ ٿورڙن ماڻهن جي ملڪيت رهي. 1950 ع کان پاناما جي فوج ان هڪ هٿيءَ خلاف ڪوششون شروع ڪيون. 9جنوري 1964 ع تي آمريڪا جي ڪوشش جي خلاف پاناما ۾ هنگامن جي ڪري 20 ماڻهو قتل ۽ 500زخمي ٿيا. آڪٽوبر ۾ ٻه دفعا فوج مٿان هٿايل صدر ڊاڪٽر ارنلفو ايريس ٽيهر صدر ٿيو. ڏهن ڏينهن کان پوءِ ”قومي گارڊن“ اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ برگيڊيئر جنرل عمر ٽروجوز کي ملڪي ڪمانڊر ڪيو ويو.

جنرل عمر ڪرپٽ ۽ ظالم هيو. ان جي نسبت ڊاڪٽر ارنلفو سوشلسٽ خيالن جو ۽ پرڏيهي پاليسي پاناما جي اُمنگن وٽان اختيار ڪندڙ هيو. هو شهري ۽ ٻهراڙي جي علائقن ۾ هڪ جيترو مشهور هيو.

11 آگسٽ 1981 ع تي هڪ پراسرار هوائي حادثي ۾ جنرل ٽروجو مري ويو ۽ ملڪي بچاءُ جي اڳواڻ جنرل مينوئل نوريگا اقتدار هلائڻ لڳو. هن عوام جي راءِ ۽ اُپار کي چٽڻ لاءِ پنهنجي ذاتي فوج ٺاهي ورتي ۽ مخالفن سان عقوبتون شروع ڪري ڇڏيون. جنرل نوريگا آمريڪي پنيريءَ سان مسلسل پنهنجو دور هلائيندو رهيو ۽ نيٺ جڏهن جنرل نوريگا دنيا ۾ ڊرگس جي ڌنڌي ۾ آمريڪا کان وٽيرڪو ٿي اڳتي وڌيو ته آمريڪي صدر رونالڊ ريگن پاناما جي آمريڪي بئنڪن ۾ موجود سمورا اثاثا مضبوط ڪري انهن تي قبضو ڪري ورتو. پاناما تي 1989 ع ۾ آمريڪا قبضو ڪري جنرل نوريگا کي گرفتار ڪري ورتو. 2004 ع کان مارٽن ٽروجو بيهر ملڪ جو صدر بڻجي ويو.

**پاناما پيپرز** Panama Papers

اهو سڀ مواد آمريڪا ۾ گڏ ڪيو ويو. واشنگٽن ڊي سي شهر ۾ دنيا جي هڪ سؤ ملڪن جي ميڊيا ڪمپنين سان رابطو ڪري تحقيق ڪندڙ صحافين جي مدد سان دنيا ۾ سوشل ميڊيا ۽ پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ هڪ طوفان بڻجي سامهون آيو. 40 ورهين ۾ اهو وڏو ڌماڪو ماضيءَ جي سمورن ڌماڪن کان تيز آواز وارو ۽ وڏيون لهرون پيدا ڪندڙ ثابت ٿيو آهي.

انهن ڳجهن ڪاغذن ۾ دنيا جا لڳ ڀڳ سمورا اهم ملڪ شامل آهن، پر آمريڪا ۽ ان جون شخصيتون انهن ڪاغذن ۾ شامل ناهن، جنهن ڳالهه ڪيئي سوال اُٿاريا آهن. آمريڪا ۾ چونڊن هلندي اها ڳالهه سامهون اچڻ جو مطلب اهو آهي ته هاڻي دنيا جا امير ۽ انهن جي دولت آمريڪا جي رحم ڪرم تي رهندي ۽ جيڪو آمريڪا سان نهي هلندو ان جو خير هوندو. باقين جي دولت جنرل نوريگا وانگر ضبط ٿي سگهندي.

دنيا جا سمورا امير انهن دستاويزن جي ٻاهر اچڻ سان انهن جي واپاري توڙي سياسي ساک کي عالمي نقصان پهچي چڪو آهي.

جرمني جي اخبار ’سديوت زيتنگ‘ جي ايڊيٽر جو خيال آهي تہ ان ايڏي وڏي طوفان کان پوءِ ”هيو سامهون ڇا ٿو اچي“ واري ڳالهہ آمريڪي چونڊن کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندي.

هيستائين لڳ ڀڳ سوا ڪروڙ دستاويز دنيا جي سامهون آيا آهن. پاناما سٽي ۾ موجود ان قانوني ڪمپني ”موساڪ فونيسڪا“ Mossac Fonesca law firm جي باري ۾ ٻڌايو وڃي ٿو تہ ان 2014ع کان اهي دستاويز گڏ ڪرڻ شروع ڪيا هيا.

چين پنهنجي ميڊيا تي انهن خبرن کي سينسر ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

ڀارت جا 500شاهوڪار ، ڪجهہ اداڪار ۽ اهم شخصيتون بہ ان ۾ ڦاٿل آهن.

برطانيا جي وزير اعظم ڊيوڊ ڪيمرون چيو آهي تہ هو يا هن جا ٻار ٽيڪس رعايت وٺندڙ نہ رهيا آهن.

**پاناما ليڪس جي اندرين ڪهاڻي**

اڄ کان هڪ سال اڳ هڪ نامعلوم شخص جرمنيءَ جي سڀ کان وڏي اخبار ”زيدوئچي سائٽونگ“ سان رابطو ڪيو ۽ اخبار کي ”موساڪ فونيسڪا“ جا ڳجها دستاويز/ ڪاغذ پڻ مُهيا ڪرڻ جي آڇ ڪئي. اخبار ان تي رابطو ظاهر ڪيو ۽ ايندڙ مهيني ۾ انهيءَ اڻ ڄاڻ ذريعي طرفان موڪليندڙ دستاويزن جو انگ وڌندو ٿي ويو ۽ اها سموري ڊيٽا 2.6 ٽيندا بئيٽ تائين پهچي وئي. اها سموري ڄاڻ مُهيا ڪندڙ ذريعي ان جي موٽ ۾ ڪو مالي فائدو نہ ورتو، بس رڳو پنهنجي سلامتيءَ بابت پڪ ورتي.

”زيدوئچي سائٽونگ“ انهن سمورن تفصيلن (ڊيٽا) جو جائزو انٽرنيشنل ڪنسورشيم آف انويسٽيگيشن جرنلسٽس يا آئي.سي.آءِ جي. جي مدد سان وٺڻ جو فيصلو ڪيو. جيڪو ان کان اڳ ان اخبار سان آف شوز ليڪس. لڪس ليڪس ۽ سوئس ليڪس تي ڪم ڪري چڪو هو. پاناما پيپرز عالمي سطح تي ان نوعيت جي تعاون جو هڪ وڏو مثال آهي. انهن ڪاغذ پٽن جي جاچ جوچ جي دوران گذريل ٻارنهن مهينن دوران 100 ميڊيا ۽ 80 ملڪن سان تعلق رکندڙ ڇئن سَون جي لڳ ڀڳ صحافين حصو ورتو. جنهن ۾ بي.بي سي جي ٽيم، برطانوي اخبار گاجين، فرانسيسي اخبار لاموند، ارجنٽائن جي اخبار لانيسيون شامل آهن.

اُن تحقيق تي ڪم ڪندڙ ٽيم جو پهريون اجلاس واشنگٽن، ميونخ، لنڊن ۽ للهيمون ۾ ٿيو، جنهن ۾ تحقيق جي حد مقرر ڪئي وئي. پاناما پيپرز / دستاويزن جي ڊيٽا جي سطح جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو تہ اُها وڪي ليڪس جي سفارتي ڪيبلن، آف شوز ليڪس لڪس ليڪس ۽ سوئس ليڪس جي سموري ڊيٽا کان وڌيڪ آهي. جنهن ۾ اي.ميلز، پي.ڊي.ايف فائيل، تصويرون ۽ موساڪ فونيسڪا جي اندروني ڊيٽابيس بہ شامل آهي. جيڪا 1970ع کان 2016ع تائين پکڙيل آهي.

بہ سال اڳ هڪ ٻئي ذريعي موساڪ فونيسڪا جا تفصيل وڪرو ڪيا هئا، پر اهي تمام گهٽ هئا، پر پاناما دستاويزن ذريعي ظاهر ڪيل دستاويزن ۾ بہ لک چوڏهان هزار ڪمپنين بابت معلومات هئي. ان معلومات جي نتيجي ۾ جاچ ڪندڙن ١٠٠ جي لڳ ڀڳ ماڻهن جي آفيسن تي ڇاپا هنيا، جن ۾ ڪومرز بينڪ بہ شامل آهي. ان جي نتيجي ۾ ڪومرز بينڪ ، ايڇ.ايس.ايڇ ۽ هائپورنس بينڪ بہ ڪروڙ يورو جو ڏنڊ ادا ڪيو.

### جاچ جو طريقيڪار

موساڪ فونيسڪا هرشيل ڪمپنيءَ جي لاءِ هڪ فولڊر ٺاهي رکيو هو. جنهن ۾ ڪمپنيءَ جون اي ميلز، رابطا، ڳالهه ٻولهه، نيڪا ۽ ان جا ڳجهه ڳوهه وارا دستاويز شامل هئا. سڀ کان پهرين تحقيق ڪندڙن سموري ڊيٽا کي بهترين ڪارڪردگيءَ وارن ڪمپيوٽرن تي چاڙهيو. جنهن جي نتيجي ۾ فائيل پڙهڻ ۾ آساني ٿئي. انهن کي ترتيب ۾ آندو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ صحافين کي ان سموري ڊيٽا کي گوگل جي سرچ وانگر ڳولهڻ ۾ مدد ملي.

ڪجهه منٽن ۾ سموري ڊيٽا کي سڌارڻ کان پوءِ ان تي جاچ جو ڪم شروع ٿيو جنهن ۾ سامهون ايندڙ هر نانوَ اڳيان سوال آندا ويا ته انهن ڪمپنين ۾ انهن ماڻهن جو ڪهڙو ڪردار آهي؟ پئسو ڪٿان اچي رهيو آهي، پئسو ڪيڏانهن وڃي ٿو. ۽ اهو ته ڇا ان جو ڪارو وهنوار قانوني آهي؟ عام طور آف شوز ڪمپنيون رکڻ غير قانوني ناهي مورڳو آف شوز ڪمپنيون ٺاهڻ کي وڏي پيماني تي ڪاروباري سودا ڪرڻ ڏانهن اهم قدم سمجهيو ويندو آهي.

(بي.سي.سي جي ٿورن سان)
ڊاڪٽر ايوب شيخ

◆◆

## ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن...

✍ ڀولڻ راهي

گذ اسان سان نٽا رهڻ چاهن
ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن..

1. جيءُ جهيڻو، جُسو جڏو آهي
گهر اڳي کان لڳي وڏو آهي
ڇو ته اڱڻ جان نه اچ لڏو آهي
۽ نه تِر تِر تي ڪو ڦڏو آهي
ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن....

2. ٻارڙن سان جو گهر پريل تي لڳو
پيار پاڀوه سان ٽڙيل تي لڳو
مامتا موه ۾ رتل تي لڳو
اڄ ته سوٽو آ، اڱڻ منل تي لڳو
ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن....

3. گهر اڪيلو اُٻاڻڪو آهي
هاڻ نه ڪنهن سان رابطو آهي
جڻ دلين ۾ ٿي فاصلو آهي
دور ڪهڙو عجيب ٿيو آهي؟
ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن....

4. هاڻ بستر جا گهنج گم ٿي ويا
ڪير ديوار تي ڪڍي ليڪا؟
هاڻ پکڙيل نٿا هجن ڪپڙا
۽ نه ڪاڏي تي ڪِتپتيون ڪيتا
ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن....

5. يادگيرين جي لاءِ ماضيءَ جا
ٿا نهارين پتين تان بس فوٽا
هاڻ بي جان گهر جا رانديڪا
ڪوڪون ڪلڪاريون ٽهڪڙا گونگا
ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن....

6. وقت هاڻي ڪٽڻ ڏکيو ٿو لڳي
۽ وڇوڙو سهڻ ڏکيو ٿو لڳي
ڪنهن کي چئجي، چوڻ ڏکيو ٿو لڳي
گهر ۾ بس چپ رهڻ ڏکيو ٿو لڳي
ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن....

7. خالي گهر دل جا خال ڪيئن پرجن
ٻار مشغول گهر ٻه ڪيئن اچن
فون تي بس هدايتون ٿا ڏين
هو ته ٻڍڙن کي ٻار ٿا سمجهن
ٻار هاڻي وڏا ٿيا آهن....

◆◆

# چانهہ جي چُشڪي -18

# اوم شانتي

✍ وڪرم شهاڻي

سُنيتا : اسان جي سنڌي جاتيءَ جيون جي هر کيتر ۾ پنهنجو پاڻ موکيو آهي. واپار - وڻج ۾ تہ سنڌي جاتي اڳري ئي آهي پرسماجڪ ۽ آڌياتمڪ کيتر ۾ پڻ سنڌين جي ڏنل يوڳدان جي اهميت کي اَڄ قبوليو وڃي ٿو.

وڪرم : توهان جي آڌياتمڪ کيتر جي ڳالهہ ٻڌي دادا جشن واسواڻي جي ياد اچي ويئي جيڪي 12 جولاءِ 2018 ڏينهن پنهنجو دُنيوي چولو ڇڏي برهم لين ٿيا.....

سنيتا :مون سندن کيترائي پروچن ٻڌا آهن، جن ذريعي هنن ديش وديش ۾ روحاني رهبري ڪري، جيون جيئڻ جون ڳجهارتون سمجهايون.

وڪرم : سندن دل ۾ هر جيو، هر پراڻيءَ جي لاءِ ممتا ۽ ديا ڀاوَ هئو.... اُن جو هڪ مثال تو ٻڌايان توهان کي هڪ دفعي دادا جشن ممبئيءَ جي ورلي علائقي ۾ پنهنجي ڪار ۾ وڃي رهيا هئا. هنن فوٽ پاٿ تي وينل هڪ ماڻهون ڏٺو، جنهن جي هٿ ۾ هڪ پڃرو هئو ۽ اُن بند پڃري ۾ ڪجهہ قيد ٿيل پکي ڦڙڦڙائي رهيا هئا. دادا هڪدم ڪار روڪائي هيٺ لٿا ۽ اُن شخص کان بروقت ئي پئسا ڏيئي پڃري سوڏا پکي خريد ڪيائون، پوءِ اُن پڃري جي دري کولي، سڀني پکين کي اُڏائي ڇڏيائون. سندن چوڻ هئو تہ پريوءَ پکين کي پر ڏنا آهن اُڏامڻ لاءِ، پر اسين پنهنجي سوارٿ لاءِ کين قيد ٿا ڪريون ۽ ڪي وري اينهن ڳگدام پکين کي ماري، پنهنجو پوڄن ٿا بڻائين. ايشور اسان تي ديا ڪري اسان کي انسان بڻايو آهي. اسان کي پڻ معصوم پکين ۽ پسُن تي ديا ڪري انهن جي سک سهنج جو خيال رکڻ کپي.

سنيتا :دادا جن نہ صرف پکين- پسُن... جي سُکہ سهنج جو خيال رکندا هئا پر ڪمزور ۽ ڏکويل ماڻهن لاءِ پڻ سندن دل ۾ بيحد همدردي هوندي هئيءَ هر حال ۾ اُنهن جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا. گجرات جي ڪڇ- ڀُڄ ۾ ڀوڪمپ سبب جان-مال جو ڪافي نقصان ٿيو. اُن وقت جي وپدا دادا جشن، ڊاڪٽرن جي ٽيم وٺي، هيليڪاپٽر ۾ پونا کان گانڌيڌام ويا ۽ زخملين جي علاج لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ شروع ڪيائون. آديپور ۾ ساڌوواسواڻي نگر ٺهرائي، سوين بي گهر ٿيل پيڙتن کي نوان اجها ڏيئي، اُنهن جي وقتائتي مدد ڪيائون. مهاراشٽرا جي لاتور ضلعي ۾ ڀوڪمپ آيو تہ اُتي پڻ ڀوڪمپ پيڙتن کي نوان گهر ٺهرائي ڏنائون.

وڪرم : ساڌو واسواڻي مشن طرفان داني داتائن جي سهيوگہ سان انلئڪ ٻڌراڻي هاسپيٽل ۽ ٻڌراڻي ڪئنسر ريسرچ سينٽر ، بابا گنگارام هارٽ سينٽر، پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي آءِ سينٽر برپا ڪيا ويا آهن. جن مان هزارين مريض شفاياب ٿي رهيا آهن. چوندا آهن صحت ۽ علم هر انسان جي جيون ۾ سڀني کان وڌيڪ اهم آهن. دادا جشن جي سرپرستيءَ ۾ ساڌو واسواڻي مشن پاران، ميرا يوميءَ ۾ برپا ٿيل ميرا گرلس ڪاليج ۾ بالڪين کي پوترتا، سيوا، سنيهہ، سادگي، سچائي ۽ همدرديءَ جي اخلاقي تعليم پڻ ڏني وڃي ٿي. دادا پاڻ

عالم ۽ تعليمدان هئا جنهن سبب ساڌو واسواڻيءَ جي آکيا سان هوُ 15 ورهيه اُن ڪاليج جا پرنسيپال ٿي ٻالڪين جي رهبري ڪندا رهيا. پُستڪن جي گيان سان گڏوگڏ دادا جن ٻالڪين جي من ۾ روحاني گيان جي گنگا پرواهت ڪري اُنهن جي جيون جي راهه روشن ڪندا رهيا.

سنيتا :عالم ۽ تعليمدان دادا جشن واسواڻيءَ کي آمريڪا جي اِنٽر نئشنل اڪيڊميءَ سندن لکيل انگريزي ڪتاب ”د اِسٽوري آف اَ سِمپل مين“ (The Story of a Simple Man) لاءِ ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي آنرري ڊگري عطا ڪئي.روحاني گيان جي پيندار دادا جشن واسواڻيءَ جي دُنيا جي ڪيترن ملڪن پاران قدرشناسي ڪئي ويئي آهي. ورلڊ هندو ڪانفرنس جيڪا سريلنڪا جي ڪولمبو ۾ ڪوٺائي وئي، اُن ۾ دادا جن کي پڻ پنهنجا املهه ويچار پيش ڪرڻ لاءِ نينڊ ڏني ويئي هئي. يو.اين.او . هائوس آف ڪامنس- لنڊن ۽ ”د گلوبل فورم آف اِسپريچوئل ليڊرس ائنڊ پارليامينٽريئنس“ پاران سڏايل ڌرم سڀائون، ”ملينيم ورلڊ پيس سمِٽ“ ۽ اهڙين ٻين ڪيترن ئي ڌارمڪ سيمينارس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دادا کي نينڊ ڏني وئي هئي.

وڪرم : 1984 ۾ چڪاگو جي ميئر مسٽر هيرالڊ واشنگٽن 5جون 11 جون 1984 درميان ’دادا جي.پي.واسواڻي ويڪ‘ جي گهوشڻا ڪئي هئي.

سنيتا :توهان کي خبر هوندي تہ دادا جن کي 1996 ۾ اِسٽيٽ آف جارجيا، هانرري سٽيزنشپ سان نوازيو ويو هئو. ۽ دادا جن پهريان ڀارتيہ هئا جنهن کي 1996 ۾ آمريڪا ۾ ”يوٿانٽ شانتي پُرسڪار“ سان سنمانت ڪيو ويو هئو.

وڪرم : دادا جن هڪ سؤ پنجاهہ کان بہ وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. جن جو اپياس ڪري ديش وديش ۾ لکين پاٺڪ پنهنجي جيون کي نئين دشا ڏيئي وڌيڪ ۽ وڌيڪ سُکميہ بڻائي رهيا آهن. سنڌيءَ ۾ پڻ دادا جن جا ڪيترا ڪتاب شايع ٿيل آهن. دادا جن کي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تهذيب لاءِ پڻ دل ۾ خاص جڳهه هئي. ان ڪري ئي هوُ ور-ور ڪري پنهنجي هر ستسنگہ ۾ هر روح-رهاڻ ۾، سنڌي پاٺن- پينرن کي پنهنجي ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ عرض ڪندا هئا... ان ڏس ۾ دادا جن جو هي آڊيو سنديش ٻڌو.

سنديش : ٻولي ذريعي اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻي سگهنداسين پر مونکي ڏک سان چوڻو پوي ٿو تہ اڄ ڪلهہ منهنجا پيارا پاٺڪ، پياريون پينرون ٻيون ٻوليون سکن ٿا، ٻيون ٻوليون ڳالهائين ٿا پر سنڌي ڳالهائڻ ۾ الائي ڇو ڪين هٻڪ ٿئي ٿي. ان ڪري منهنجي توهان سڀني کي وينتي آهي تہ سنڌي ٻولي کي زنده رکو. اڳي تہ مان وينتي ڪندو هئس تہ سڀئي سنڌي پنهنجي ٻارن کي سنڌي لکڻ-پڙهڻ سيکارين، پر هينئر اُهو ڪونہ چوندس تہ ٻارن کي سنڌي لکڻ-پڙهڻ سيکاريو ، پر گهٽ ۾ گهٽ پيارا پاٺڪو ۽ پياريون پينرون ،ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو رکو، جيئن سنڌي ٻولي زنده رهي! ان لاءِ سڀ کان پهرين پنهنجي گهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو......

سنيتا :اسان کي ورثي ۾ مليل سنڌي تهذيب ۽ ٻولي جي لاءِ دادا هميشهہ فڪرمند هوندا هئا. ان

ڏس ۾ دادا جن جو ڪتاب ”I am a Sindhi“ پڻ هڪ اثردار ڪوشش آهي.

وڪرم : دادا جن ٻهوگُڻي شخصيت هئا. روحاني رهبر، تعليمدان سان گڏوگڏ هوُ اوچ ڪوٽيءَ جا ڪوي پڻ هئا. هُنن ’انجليءَ‘ تخلص سان هزارين گيت لکيا. سندن گيتن ۾ ڀڳتي، گُرديو دادا واسواڻيءَ لاءِ اُڪير، جيون لاءِ پيار، مُلڪ لاءِ محبت، ورهه ۽ ويدنا جو ڀاوناتمڪ اظهار آهي. سندن ڪويتا ۾ خيالن جي گهرائي ۽ جيون جي انيوتي ڪوٽان - ڪوٽ ڀريل آهي. پوجيه دادا جشن جا سنڌيءَ ۾ پنج ڪاويه سنگرهه شايع ٿيل آهن. ”ٻوڙهن جي مالها“، ”انجليءَ جا گيت“، ”انجليءَ جا آلاپ“، ”ڪر قبول قدمن ۾“،”ڦُٽيل دل جا قول“

سنيتا :نوراني نور ۽ مُرڪ جي مالڪ دادا جشن واسواڻيءَ ۾ ايترين خاصيتن جو نرماڻ ڪيئن ٿيو اهو ڄاڻڻ لاءِ سندن جيون جي شروعاتي دؤر بابت ڄاڻڻ بلڪل ضروري آهي. سونهاري سنڌڙيءَ جي حيدرآباد شهر ۾ 2 آگسٽ 1918 ۾ شري هلاجراءِ واسواڻي جي اڱڻ ۾ پوجنيه ماتا ڪرشنا، هڪ ٻالڪ کي جنم ڏنو . جنهن جو نالو رکيائون ’ويرو‘ پر پوءِ ماتا ڪرشنا محسوس ڪيو تہ هن ٻالڪ جي گهر ۾ اچڻ سان پريوار جي خوشين ۾ اضافو ٿيو آهي تہ ٻالڪ کي جشن جي نالي سان سڏڻ لڳا. ماتا ڪرشنا ديويءَ پريوءَ جي ڀڳتياڻي هئي. هوءَ پرڀات جو اُٿي گرٻاڻي اُچاريندي هئي. ماتا ڪرشنا کي چار ٻالڪ هئا جن مان دادا جشن هڪ هئو ۽ ٽي ٻالڪيون. جن مان هڪ دادي هري هئا. ماتا ٻارن ۾ ڌارمڪ سنسڪار ڀرڻ لاءِ راماين، مهاڀارت ۽ڪيترن ٻين شاسترن جا درشٽانت ٻڌائيندي هئي. جپ صاحب ۽ سکمني صاحب ڪنٺ ڪرائيندي هئي. ساڌو ٽي.ايل واسواڻي، شري پهلاجراءِ جا ننڍا ڀاءُ هئا ۽ دادا جشن جا چاچا . ننڍپڻ کان ئي ٻالڪ جشن جي دل مکڻ وانگر نرم هئي. هوُ ڪنهن جو بہ هلڪو ڏُکہ ڏسي پگهلجي ويندا هئا. ٻالڪ جشن اجان نوَن ورهين جا هئا جو سندن پتا شري پهلاجراءِ پرلوڪ پڌاريا. تڏهن ماتا ڪرشنا دل ٻڌي اِنڊين گرلس هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ اڌياپڪا جي نوڪري ڪئي. دادا جشن ذهين وديارٿي هئا. 13 سالن جي ننڍڙي عمر ۾ ميٽرڪ پاس ڪري هنن ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. دادا جشن ٻين وديارٿين کان نرالا هئا. هوُ هميشه پنهنجي ابياس ۾ مشغول رهندا هئا. 17 سالن جي عمر ۾ بي.ايس.سي ۽19 سالن جي عمر ۾ امتحان ۾ بامبي يونيورسٽيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيا. پياري دادا جشن ڪاليج ۾ پاڙهيندي ۽ ابياس ڪندي، پوجنيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي چرن ڪملن ۾ سمرپت ٿي، آتمڪ گيان پراپت ڪيو. هڪ وگيانيءَ بدران آتم گياني ٿي، دادا لکين ماڻهن کي گيان ڏيئي، سندن جيون جي راهہ روشن ڪئي. دادا جشن پوجيه ساڌو واسواڻيءَ جن جا روحاني وارث هئا. پنهنجي پريتم گُرديو ساڌو واسواڻيءَ جي ورهہ ۾ جي ٻوڙها ڳاريا اُن هڪ هڪ ٻوڙهي ۾ اهو عرض آهي تہ توسان منهنجي سهڻا سائين رهجي اچي شل.

گيت : توسان مُنهنجي سُهڻا سائين رهجي اچي شل،
رهجي اچي شل رهجي اچي - توسان منهنجي...
آءٌ چا ڄاڻان عشق منجهارون،

او برهن وارا بار - توسان منهنجي
طرف نہ ہئي کنهن خيال لنگهايان،
او تنهنجي سدائين سار - توسان منهنجي...
هوندين هميشهہ گڏ اسان سان
او نيڻين وهايم نار - توسان منهنجي
ٻانهہ سچل جي سُهڻل سائين،
او پرتي اٿو سردار- توسان منهنجي...
ڪلام : سچل سرمست
ڳايڪ : گهنشيام واسواڻي

وڪرم : 1939 ۾ دادا جشن سڀ عهدا اقبال ڇڏي پورڻ سمرپت ڀاوَ سان ڳُرديو ساڌو واسواڻي جي سنگہ ۽ سيوا ۾ رهيا. هوُ ڳُرديو سان گڏ جدا جدا شهرن ۾ رٿن ڪندا رهيا ۽ گروديو جي روحاني رنگہ ۾ ، رنگجي ويا. گروديو جنهن وقت پروچن ڪندا هئا تہ دادا جشن سندن گيان جا گفتا نوٽ بوڪ ۾ لکندا ويندا هئا. اِهوئي ڪارڻ آهي جو دادا جشن فصيح زبان ۽ مقناطيسي آواز جا مالڪ بڻجي دُنيا جي کُند کُڙڇ ۾ وڃي پنهنجي گيان جي ڀنڊار مان لکين شرڌالن جي من ۾ روحاني جوت جڳائي. سُڄاڳہ ڪري، سندن جيون روشن ڪيو. سندن پروچن انيڪ درشٽانن ، ڪهاڻين ۽ روحاني رمزن سان پُرتاثير هوندا آهن جيڪي ٻُڌڻندڙن جي من ۾ پيهي ويندا آهن.

سنيتا :ڳُرديو ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن ، پنجويهين نومبر ’ميٽ ليس-ڏي‘ ڪري ملهايو ويندو آهي. اِن سُڄاڳي آڻڻ لاءِ تہ پکين پسُن تي ديا ڪيو. اُهي بہ ايشور جا اُپايل آهن. اُنهن کي پنهنجو لقمو نہ بڻايو. دادا جشن واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن ٻين آگسٽ ڪيترن سالن کان ’گلوبل فر گونيس ڊي‘ طور ملهايو ويندو آهي. جنهن ڏينهن هر سال منجهند جو ٻين بجي ٻن منٽن جي لاءِ شانت چت ٿي، جن بہ جيون ۾ پراڻين کي اسانجي ڪنهن بہ ويچار، وهنوار يا واڻيءَ ذريعي ڪو مانسڪ رنج يا شاريرڪ ڪشٽ پهتو آهي اُن لاءِ دل ئي دل ۾ معافي گهرڻي هوندي آهي ۽ جن بہجيون ۾ پراڻين جي ڪنهن بہ ويچار، وهنوار يا واڻيءَ ذريعي ڪو مانسڪ رنج يا شاريرڪ ڪشٽ پهتو آهي . اُنهن سڀني کي دل ئي دل ۾ معافي ڪرڻو آهي. ائين ڪرڻ سان اسان جي من تان ڪيترا بوجهہ هلڪا ٿي ويندا ۽ اسان جي آس -پاس جي واتاورڻ ۾ پڻ سُک ۽ شانتيءَ جون ترنگون ڦهلجنديون.

وڪرم : هن سال 2 آگسٽ 2018 ڏينهن دادا جن جي جيون جا سؤ سال ، يعنيٖ هڪ صدي پوري ٿيڻ واري هئي. ان موقعي تي ساڌو واسواڻي مشن طرفان 31 جولاءِ کان 2 آگسٽ 2018 درميان ٽن ڏينهن جي شاندار ڪاريہ ڪرم جي رٿا ٿيل هئي. پر چوندا آهن تہ بندي جي من ۾ هڪڙي-مالڪ جي من ۾ ٻي. ٿيندي اُها جيڪا مالڪ کي منظور آهي!

ڪجهہ وقت کان دادا جي طبعيت ناساز هئڻ سبب پونا جي هڪ اسپتال ۾ کين داخل ڪيو ويو هئو. جتي 3 هفتا اُنهن جي سار سنڀال بعد کين 11 جولاءِ تي شام جو موڪل ڏني وئي.

12 جولاءِ جي ڏينهن ئي دادا جن هي دُنيوي چولو ڇڏي برهملين ٿيا.

سنيتا :هنن جي حيات هوندي جڏهن بہ ديش وديش جون ڪي معزز هستيون پونا ۾ اينديون هيون تہ دادا جن جو درشن ڪري اُنهن جي آسيس وٺڻ لاءِ ساڌو واسواڻي مشن ۾ ضرور پيرو ڪنديون هيون. اڳوڻي پرڌان منتري شريمتي اندراگانڌي، پرڌان منتري شري نريندر مودي، راشٽرپتي مهامهيم شري ڪووند، اڳوڻو نائب پرڌان منتري شري لال ڪرشن آڏواڻي، مشهور فلم اسٽار آميرخان جهڙين اعليٰ شخصيتن، ساڌو واسواڻي مشن ۾ دادا جن سان ملاقات ڪري خيالن جي ڏي-وٺ ڪئي آهي. روحاني رهبر دلائي لاما پڻ شدمد سان دادا جي ”فرگيوَ ائنڊ فرگيٽ“ موومينٽ جي پٺڀرائي ڪئي آهي.

وڪرم : دادا جشن جي من موهڪ صورت، شريري روپ ۾ پل اڄ اسان جي وچ ۾ ناهي پر سندن واڻي ۽ ويچار سوين هزارين سالن تائين انساني ذات جي روحاني رهبري ڪندي. انسان جي من ۾ اُمنگہ ، اُتساهہ ۽ اُميد جي جوت جڳائي، ان جي جيون ۾ روشني ڦهلائيندا.

سنيتا :دادا جن جي سکيا جا ڪجهہ اهم نقطا-

بنان مشڪلات زندگيءَ جو ڪوئي وجود ڪونهي. زندگي آهي تہ مُشڪلاتون اينديون. اُنهن کي مُشڪندي منهن ڏيئي مضبوط بڻجون.

وڪرم : ايشور اسان کي اڪثر اهو ڪونہ ڏيندو آهي جيڪو اسين چاهيون ٿا، هوُ اسان کي اُهو ڏيندو آهي جنهن جي اسان کي سچ پچ گهرج آهي ۽ جيڪو اسان جي آتمڪ اُنتيءَ لاءِ ضروري آهي... انڪري ايشور جي رضا ۾ راضي رهڻ سکون!

سنيتا :جيون جو آنند ماڻيون....!!

ٻئي : اوم شانتي ... شانتي... شانتي... شانتي !

(سنگيت)

(آڪاشواڻي احمدآباد تان پهريون پرسارڻ26.07.2018 )

◆◆

---

## ✍ واٽس آپ

عورت هڪ نازڪ گل آهي جنهن کي معمولي نشان بہ منجهائي ڇڏي ٿو. انڪري عورت سان رڳو پيار ئي پيار ڪيو. عورت تي تبصرا ۽ بحث ڪرڻ ڇڏي ڏيو. عورت سانوڻ ۾ وسندڙ مينهن جي ڦڙن وانگر شفاف آهي. عورت ڪڏهن بہ نہ چاهيندي ان سان ڪو مقابلو ڪري. هو تہ صرف پيار جي اُڃايل آهي. جنهن کي محبت جو مٺ پياري هارائي ٿو سگهجي. عورت دنيا جو خوبصورت ترين تحفو آهي. عورت زندگي جي معنيٰ آهي. اگر هن ڌرتيءَ تي عورت نہ هجي ها تہ شاعري جو موضوع ڪسجي وڃي. ها. سمورا رنگ بي رنگ ٿي وڃن ها. عڪس جي اهميت ئي رهي ها. هي معاشرو جهنگ مثل ٿي وڃي ها. جنهن ۾ ڪا تهذيب بہ نہ بچي ها.

◆◆

## وائي ✍ ڊولڻ راهي

- چنتائن ۾ چوُر
وچولي طبقي جو ماڻهون
خواب اُڏامڻ جا ڏسي
بنان پرن مجبور
وچولي طبقي جو ماڻهون
- ڪتنب جي سک سهنج لاءِ
پاڻ نچوئي نوُر
وچولي طبقي جو ماڻهون
سڏون سوين، ساڏن ڪٽي
ڇا تي ڪري غرور؟
وچولي طبقي جو ماڻهون
- زبانَ هاري، هٿ تنگي
ڏِنو ٿئي معذوُر
وچولي طبقي جو ماڻهون
- سبق سکيو بس سهڻ جو
سهسائي هر سور
وچولي طبقي جو ماڻهون
- ڍَڪ پردو رهجي اَڇي
جتن ڪري ڀرپور
وچولي طبقي جو ماڻهون
- قسطن ۾ پورو ڪري
جيوَڻُ بي دستور
وچولي طبقي جو ماڻهون
- پنهنجو حق بہ ڊِجي گهري
سامهون ٿئي نہ موُر
وچولي طبقي جو ماڻهون
پِئي زهر جا ڍُڪ مگر
ڀاڱ جو پائين قصور
وچولي طبقي جو ماڻهون
- سمجهوتن سان عمر ڀر
جيئڻ ڪري منظور
وچولي طبقي جو ماڻهون
- حصو ٻڌجي پيڙ جو
ڀتڪي پيو وهلور
وچولي طبقي جو ماڻهون

◆◆

## ✍ جمن ڀٽي

دل جواني ڏسڻ لاءِ نندپڻ وئي،
ڪئي بزرگي جي ڳولا جوين وئي،
زندگي جي بقا ڪانہ رهندي يڪي
ڏک ڏاڍا وڌيا پاڙ تن جي پڪي
کهڙي ڪئين آ ڪٽي چو ازل سان ملون
ياد ٻچپن ڏي موٽي وري ٿا هلون.

1. مينهن وسندي وساڙا ترپءَ تي رکڻ
وڏي واچڙ ۾ ڳيرا ۽ جهرڪيون جهڻڻ
ياد هڪ ڇتي هيٺ ٻيهڻ تنهنجو
اندلن جاڳئي رنگ ٻڌائڻ تنهنجو
روپ تنهنجو اڃان تائين ساڳيو اهو
ڇڻ تہ فرست ۾ توکي ڏٺي ناهيو
آ تہ ٿڪن تي تاڙي هٽي تڙي ٿا ڪلون
ياد ٻچپن ڏي موٽي وري ٿا هلون.

2. آ مٽي جا اڏي اهڙا گهرڙا ناهيون،
ڳڏ ڳڏا ۽ ڳڏيون جوڙ پرٽا ڪيون
هي ٻلورن جي ٻجڪي چڊا ڪوڏيون
ڪڏهين چوڏيل پينگها ٻڌي لوڏيون
يارهين ٻارهين ڪير ڪنڌ سان ڏئڻ
منهنجو توڏي ۽ مون ڏي تنهنجو اچڻ
ريت پنهنجي پراڻي اباڻي سکون
ياد ٻچپن ڏي موٽي وري ٿا هلون.

3. ڳهوري ڳهوري هر هر موڏي ڏسڻ
تنهنجو ڳولي قولي ياد موڏي اچڻ
پنهنجون اکٽيون ٻڌي ڦيريون ڪائي قرڻ
ٻال هدڙيون ڪٽي هڪ ٻئي کي هٽڻ
ساڳي فرهي سليٽون قلم ڪاپيون،
هاءِ جمن ڀٽي پاڻ ٻئي پيا سکون
آ تہ ٿڪن تي ٿڪي وري ٿا ٽلون
آ تہ ٻچپن ڏي موٽي وري ٿا هلون.

◆◆

# زندگي هڪ ناچ هڪ نغمو

✍ آچاريہ رجنيش

مونکي هڪ آڳاٽي ڪهاڻي ياد اچي رهي آهي - روم ۾ هڪ مهان بت تراش رهندو هو. ان جا ٺهيل بُت ايتري قدر پسند ڪيا ويا جو پهريون پيرو نقادن گڏجي چيو، ”سنائيءَ جو هن کان وڌيڪ اڳيان ٻيو ڪو امڪان ڪونهي. هن جا بُت ايترا تہ جيئرا جاڳندا ۽ جاندار آهن جڻ تہ ڪنهن بہ جهت ۾ ڪوبہ بُت توهان جي آجيان لاءِ پنهنجي جاءِ اُٿي ايندو ۽ توهان سان هٿ ملائيندو ۽ ڀاڪر پائيندو.“ اسان کي اها ڄاڻ ڪانهي تہ ڀاڪر پائڻ جي لائق هوندا يا نہ تنهن هوندي بہ ڀاڪرين ملڻ خطرناڪ بہ ٿي سگهي ٿو. سموري دنيا تاڙيون وڄائي رهي هئي تہ هي شخص فن جي چوٽيءَ تي پهچي چڪو آهي ۽ هاڻي وڌيڪ ڪجهہ نہ رهيو آهي. پوءِ اهو شخص پوڙهو ٿي ويو. جهڙي طرح هر هڪ انسان کي ٿيڻو آهي. هو موت کان ڊڄڻ لڳو. جيئن ئي ڪراڙپ شروع ٿيندي آهي تہ موت جو فڪر جوان ٿيڻ لڳندو آهي. من بہ موت کان بچڻ جون اٽڪلون سوچڻ شروع ڪيون. هڪ بت تراش جي حيثيت سان هن جي ذهن ۾ هڪ ترڪيب سجهي آئي تہ، ”مون کي پنهنجو مجسمو ٺاهڻ گهرجي.“

هن کي پنهنجي فن تي ناز هيو فن جي نقادن جي راءِ هن جي ذهن تي ڇٽيل هئي تہ هو جاندار محسوس ٿيندڙ بت گهڙي ٿو. تنهن ڪري هن موت کي هارائڻ جي اها اٽڪل سوچي تہ پنهنجا ڪيترائي بت ٺاهي هڪ هال ۾ رکي. جڏهن موت جو فرشتو ان جو ساهہ ڪڍڻ ايندو تہ ايترن بتن ۾ اصل ۽ جيئري بت تراش کي ڳولهڻ ، ان لاءِ ناممڪن ٿي پوندو. اهڙي طرح هو ڪڪ ٿي واپس موٽي ويندو. تنهن ڪري انهيءَ نرالي ترڪيب تي هن هڪدم عمل ڪرڻ شروع ڪيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ بت تراشا پنهنجا هم شڪل زنده بت ٺاهي وڌا. انهن کي هڪ وڏي هال ۾ ترتيب سان سينگاريو ويو.

هاڻي ڪنهن بہ ڏسڻ واري کي اهوئي نظر اچي رهيو هو تہ اهو تخليق ڪار هڪ ئي وقت ۾ جدا جدا ڪم هڪ ئي جاءِ تي پورا ڪري رهيو آهي. ڏسڻ وارو پريشان ٿي وڃي ٿو تہ هي ڪهڙي ماجرا آهي؟ هيءَ ڪهڙي ڪيڏ آهي؟

هيڏانهن سنگتراش جو وڌيڪ خيال اهو هيو تہ جڏهن اجل ايندو تہ مان انهن ٻُتن جي ميڙ ۾ ڪنهن جاءِ تي ويهي رهندس. جيترو ٿي سگهندو. اوترو ساهہ ڊيرج سان کڻندس انهن بتن جي باري ۾ ماڻهون چوندا هئا تہ ”جڻ تہ اهي ساهہ کڻي رهيا آهن. اهي ايتري قدر نہ زنده ۽ جاندار ڀاسي رهيا آهن جو ائين ڏسڻ ۾ پيو اچي تہ اهو بہ ڪم ڪري سگهن ٿا. هميشهہ ائين ئي چپ چاپ بيٺا نہ رهندا. “ ۽ پوءِ اجل اچي ويو. حيران پريشان ٿي ويو. اجل پنهنجي گهربل ماڻهوءَ کي ايتري گهڻي تعداد جيئرو ڏسي ۽ ساهہ کڻندو پسي ڦيراٽيءَ ۾ اچي ويو. اجل کي ويساهہ نہ ٿي آيو. هن گهمي ڦري خيال سان ڏٺو تہ ڪٿي ڪا اهڙي علامت نظر اچي جو ان جو گهربل ماڻهو، ظاهر ٿي پوي، مگر سڀ ڪجهہ اجايو ويو. اجل ناڪام ٿي ديوتا جي حضور ۾ پهتو ۽ سموري ڏکيائي ان کي ٻڌايائين. ديوتا ان کي ڪجهہ چيو. ان جي هدايت ٻڌي ڪري سڌو گهربل ماڻهوءَ جي اسٽوڊيو ۾ پهتو . هو وري گهبرائجي ويو ۽ بتن کي ڏسندو رهيو ۽ ڦرندو رهيو. آخر ڪار هن هڪ جملو پنهنجي منهن چيو تہ ”منهنجا خدا! ايتري قدر مڪمل بُت!! مگر هن هڪڙي غلطي ڪئي.“ اهو ٻڌي

ڪري دل ئي دل ۾ اجل جي پريشانيءَ کان حظ حاصل ڪندڙ، پنهنجي فن تي ناز ڪندڙ تخليقڪار هڪدم ٻَالهايو، ”ڪهڙي غلطي .“ موت ٻَالهايان تون پاڻ کي نئو وساري سگهين. اها ئي تنهنجي غلطي آهي.

ديوتا جي هدايت ملڻ کان پوءِ جڏهن مان بيهر آيس ۽ ظاهر ۾ ناڪام ڏسڻ ۾ ايندي. تنهنجي هم شڪل بتن ۾ توکي ڳولهيندو رهيس تہ مان تيڏي اک سان اهو بہ ڏسندو رهيس تہ منهنجي ظاهري ناڪاميءَ سان تنهنجي منهن تي پنهنجي ڪاميابي جا فخريہ تاثرات ڪيئن اُڀرندا رهيا. توکي يقين ٿيندو رهيو تہ تون موت کي مات ڏيئي چڪو آهين. اي اڻ ڄاڻ! موت هار ڪائي سگهي ٿو پر ”انا“ کان ”نہ“

سنڌيڪار: مير سولنگي

◆◆

## وٽائي فقير جي وال تان
## آرسي

**ايم. بچل ميمڻ جي مهربانيءَ سان**

آرسي بہ هڪ عجيب ايجاد آهي. پر اها هڪ خود ساختہ ايجاد آهي. ڪنهن بہ شيشي جي پنيان ليپو لڳايو اها ڪٺاوت شيشي کي آرسي بڻائي ڇڏيندي. بقول چارلي چيپلن جي تہ آئينو منهنجو سٺو ۽ سچو دوست آهي.جيڪو مون سان گڏ کلي ٿو مون سان گڏ روئي ٿو. باقي آئيني جو ڪمال هر چهري سان الڳہ هوندو آهي. هڪ اندر جو آئينو آهي. جنهن ۾ پڻ شڪل نظر اچي ٿي. سچي حقيقت سامهون هجي ٿي. ڪيترو بہ روگرداني ڪجي. نظر انداز ڪجي پر اهو آئينو پنهنجا عڪس ڇڏيندو رهندو آهي. ڪاش ! اسان اصل روپ کي سمجهي سگهون. جنهن انسان جي تخليق ۾ خالق حقيقي پنهنجو نور ۽ جلوو رکيو آهي. انسان جي قلب کي ڪٺاوت ڏئي انسان جي وجود کي هڪ آئيني جي صورت ڏني آهي. جنهن ۾ خود خالق حقيقي پنهنجو جلوو پسندو رهي ٿو. پر هڪ بيقدر انسان آهي. جيڪو ان آرسي جي مٿان غفلتن جا غير يقيني جا ۽ ناداني جا مسلسل تهن جي مٿان تہ چاڙهيندو رهي ٿو.

◆◆

---

* جيڪڏهن توکي- باغيچو ۽ لئبرري ميسر آهي. گويا تو وٽ هر اها شيءِ موجود آهي. جنهن جي توکي ضرورت آهي. (ڪرسٽو)

-----

* اهو ڪتاب يا شعر - جنهن ۾ پيار ناهي. بهتر آهي تہ اهو لکيو ئي نہ وڃي. (آسڪروائلڊ)

-----

* ڪتاب يا اخبارون تي پابندي وجهڻ- قوم جي بيعزتي ڪرڻ جي برابر آهي ۽ اهو ظاهر ڪري ٿو تہ عوام کي بيوقوف يا غلام بنايو وڃي. (ڪلاڊائيڊ رائين)

-----

* ڪتاب - الماڙين لاءِ ڪونہ ٺاهيا ويا آهن. ليڪن بيو ڪجهہ نہ تہ بہ گهر کي خوبصورتيءَ سان سجائين ٿا (هينري وارڊ بيچر)

◆◆

# 'ٻارن بنا گهر منهنجو'

ونيتا موتلاڻي
M. :9977608366

- اُهو بہ ڪو وقت هوندو هو
گهر منهنجو پڪڙيل هوندو هو
پر ٻارن سان ڀريل هوندو هو
اُهو بہ ڪو وقت هوندو هو
- صبح جو سويل اُٿاري
اڇا اُجرا ڪپڙا پهرائي
ڪُلهن تي بستا ڪڍي
هٿ پڪڙي بس ۾ وهاري
اسڪول لاءِ موڪليو ويندو هو
اُهو بہ ڪو وقت هوندو هو
- پاڻ ۾ وڙهن
سڄو ڏينهن گوڙ ڪن
پڙهڻ جي ڳالهہ تي
ماءُ جا چنبا بہ کائن
ڪاوڙ ڪندي ٻيءُ بہ دڙڪا ڏيندو هو
اهو بہ ڪو وقت هوندو هو...
- هڪ لاءِ پيئنديون سوادي تہ
ٻئي کي لڳن واڱڻ بادي
اسڪول ۾ دوست چون
توهان جا کاڌا ڪيڏا سوادي
فرمائشن جو دؤر هلندو هو
اُهو بہ ڪو وقت هوندو هو
- ڪڏهن دوست هتي
تہ ڪڏهن ٻار اُتي
گهٽين ۾ راند ڪندي
گهمندا هئا الائي ڪٿي ڪٿي
ٿڪ تڏهن بہ ڪين لڳندو هو
اُهو بہ ڪو وقت هوندو هو
- جيئن جيئن ٻار وڏا ٿي ويا
الڳ شهرن ۾ ويندا ويا
ڪمائيءَ جا ذريعا تہ ٻڌيا
پر گهر کان جدا ٿي ويا
رڳو هڪ ڪمائي تڏهن بہ پورو پوندو هو
اُهو بہ ڪو وقت هوندو هو
- گهر هاڻي گهر نہ رهيو آ
ٻارن بنا من منجهي پيو آ
چادر تي هڪ گهنج ناهي
گهڻن ڏينهن کان ڪو طعام نہ ٺهيو آ
پهرين تہ ڏينهن رنڌڻي ۾ ئي گذرندو هو
اُهو بہ ڪو وقت هوندو هو
- دل چوي ٿي وري موٽي اچو
گهر پڪڙايو ۽ خوب نچو
گوڙ ڪيو يا وڙهو جُهڙو
بس گهر ۾ موٽي اچو
سک سڄو اُنهيءَ ۾ ئي ملندو هو
اُهو بہ ڪو وقت هوندو هو
جڏهن گهر منهنجو پڪڙيل هوندو هو پر
ٻارن سان ڀريل هوندو هو....

◆◆

## غزل

هرشا مولچنداڻي 'سريتا'
Mob:. 9826687076

- ٻالپڻ گذ جيئڻ وري اَچجانءِ
راند لڪ چپ ڪرڻ واري اَچجانءِ
- زخم منهنجا کُٽڻ لڳا آهن،
پيار سان تون سبڻ وري اَچجانءِ
- شام ٿيندي اُداس ٿي جي وڃي
گيت منهنجا ٻڌڻ وري اَچجانءِ
- ويڙ دل مان ڪڏهن ڪڍي جي سگهين،
سِڪ ڀريو سڏ ڏيڻ وري اَچجانءِ
- ياد جو سمنڊ قيد دل ۾ آ
تون رِهائي گهرڻ وري اَچجانءِ
- شاعريءَ ۾ ڪرڻ جي چاهين نانءُ
علمُ چند جو سکڻ وري اَچجانءِ
موڄ ۾ ڪيئن وهي پئي 'سريتا'
مست لهرون ڏسڻ وري اَچجانءِ.

◆◆

## غزل (۱)

✍ هري چوئٿاڻي ’هري‘

- مورَ جيان پرَ هڻن نَچان جيڪر
غَمَ ڀُلائي اَکِيان وڏان جيڪر
- وِڄُ پتوار، ڪشتي بادل جي
هوائن ۾ وَجِي، تران جيڪر.
- رات تاريڪي، گڏُ ستارن سان
راند لِڪَ چِپُ، ملي کيان جيڪر.
- هيرُ جي شوخُ سرد جهونڪن سان،
گل ٻٽي شاخ تي لُڏان جيڪر
- عَشقُ پنهنجو تو اڄ لڳي بدليل
آئيني کان لِڪي سگهان جيڪر
- ويو لَڏي آ سُڪون ڌرتيءَ کان
چنڊ تي گهر اڏي ڏسان جيڪر
- فِڪرَ دونهين ۾ سڀُ اُڏائي ’هري‘
گنگنائيندو بس رهان جيڪر.

## غزل (۲)

- حال جو ٻُڌائڻ ٿيو مشڪل،
پيار پنهنجو جتائڻ ٿيو مشڪل
- پنهنجي غلطي نظرانداز ڪئي
ٻين جي ليڪن ڀلائڻ ٿيو مشڪل
- سپنا جوڀن جا ٻچپن جون يادون
اڄ ٻه دل تان مٽائڻ ٿيو مشڪل
- درد اوري وڏائي درد ڇڏيو،
درد دل جو لڪائڻ ٿيو مشڪل
- آهه ڪنهن جي متان ڀاري نه پوي
ڪنهن جي دل کي ڏکائڻ ٿيو مشڪل
- آهه رونق اها محفل ۾ ڪٿي،
موَج مستي منائڻ ٿيو مشڪل
- چو لڳي ٿي خفا ڪهڙي ٿي خطا
مُسڪرائي مڃائڻ ٿيو مشڪل
- چا لکي چا لکان ٻيو هاڻ ’هري‘
ان غزل کي وڌائڻ ٿيو مشڪل

◆◆

## غزل

✍ موهن ويرومل روهڙا

۱. باغ ۾ گلن سان گڏ ڪنڊا آهن
مان گل ڏسان ڪنڊا چو ڏسان
۲. ماڻهو ڪي شريف ته ڪي آهن شيطان
مان شريفن کي ڏسان شيطان چو ڏسان
۳. راڄنيتيءَ ۾ آهن ڪي وفادار تي ڪي غدار
مان وفادارن کي ڏسان غدار چو ڏسان
۴. آهن ڪي دانوير ته ڪي آهن لٽيرا
مان دانويرن کي ڏسان لٽيرا چو ڏسان
۵. ڊاڪٽر ماستر ايماندار ته ڪي آهن ڪي بيمان
مان ايماندارن کي ڏسان بيمان چو ڏسان
۶. آهن سچا سنت ڪي ته ڪي ڍونگي بابا
مان سنتن کي ڏسان ڍونگين کي چو ڏسان
۷. ڀلائي ۽ بُرائي سدا رهي آ، هلندي رهندي
موهن خوش رهڻو آ ته مان بُرائي چو ڏسان

◆◆

## ٻچپن

✍ آنجلي روهڙا

- اُهو ٻچپن ٻه ڪيترو نه پيارو هو
جنهن جي روز نئين هڪ ڪهاڻي هئي
- ڪڏهن پيءُ جي ڪنڌن جو
ته ڪڏهن ماءُ جي گود جو سهارو هو
- ڪڏهن بنا چنتا جي مٽيءَ ۾ کيڏڻ
ته ڪڏهن دوستن يارن سان موَج مستي
- ڪڏهن بنا چمپل جي ڊيڪڻ
ته وري ڪڏهن لغڙ نه پڪڙي سگهڻ جو دکه
- ڪڏهن بنا ڳوڙها هڻڻ ڪري روئڻ
ته وري ڪڏهن پنهنجي ڳالهه مڃائڻ جو بهانو
- سچ چوان ته اُهي ننڊپڻ جا ڏينهن پيارا هئا
ڪجهه ڳالهيون لڪائڻ ۾ ۽ دل ۾ جيڪو اَچي ٻڌائڻ

◆◆

## آڱريون

✍ واشديو واڌواڻي- پانڊوپ

Mob:. 9323047115

- پرماتما ڏنا آهن الڳ الڳ انگ
  هر انگ جي ڪم ڪرڻ جا آهن الڳ ڍنگ
- گهڻن انگن جو مقصد آهي خاص ڪم
  جيئن دخل ڪري ڪن نہ پاڻ ۾ جنگ
- آڱرين تي رکيل آهي وڏي ذميداري
  گونگو، ٻوڙو بہ سمجهي اِشارن جا رنگ
- ڪِتي، ٻڌي، هون، يوگ ڪريائون آڱوٺو
  آڱرين جو مطلب آ الڳ يا هجن سنگ
- آنڌن لاءِ بيلي آڌارڪارڊ، هجي Agreement
  موبائيل، Laptop ۾ آڱريون آهن سنگ
- اِشارن ۾ اچ وڃ، ترس، اُٿ، چپ رهہ،
  هجي لکڻ يا ڪنهڻ، آڱريون آهن سنگ
- ڳڻجي ٻڌجن مُٺ، ڏيکاري شڪتي
  ڪٽي هٿيار ڪن ٿيون، دشمن سان جنگ
- چمڻ سان پيار، ڪڏهن ڏين آسيس
  'اوم' هر ڪم لاءِ آهن اسان سنگ

◆◆

## غزل ✍ نيتا لعلواڻي

- ٻاهہ خود ئي وسائي ويناسين
  هٿ بہ پنهنجا جَلائي ويناسين
- پيار سِڪ جي پکِن ئي ڏاڍِن سان،
  روز رِشتا سِبائي ويناسين
- زندگي توسان گڏ ڏُکندي ڏُکندي
  پاڻ کي ئي ٺڪائي ويناسين
- تنهنجي يادُن جي ڪشتيءَ کي خود ئي،
  اَڄ ڪناري لڳائي ويناسين
- زندگي ڀرِ ڏنو هٿ ۾ هٿُ جنِ
  ساٿُ تنِ سان نڀاهي ويناسين
- چَنڊَ تي گهرُ اَڏڻ جي چاهتَ ۾
  خواب ڪوڙا سَجائي ويناسين
- ياد 'نيتا' ڪري ماضيءَ کي ڇو؟
  پاڻ کي ئي روئاري ويناسين

◆◆

✍ پرڪاش آهوجا سيوڪ

Mob:. 9172770066

- پيار ڪرڻ سولو ناهي،
  سچ سان پيار ڪرڻ ڏکيو آ
- موت سان پيار ڪرڻ ڏکيو آ
  ڇئي تہ هرڪو ويندو آ سولو
- پيار جو اظهار ڪرڻ ڏکيو آ
  اَڄ سچائي جو زمانو ناهي
- چور کي چور چوڻ ڏکيو آ
  پاٺ تہ پڙهائي ڇڏيان دنيا کي
- پاڻ کي پاڻ پڙهڻ ڏکيو آ
  پرڪاش ايترو بہ سولو ناهي
  سچ کي آڳ ڏيکارڻ ڏکيو آ
- پي بہ وڃان صبر جو پيالو
  زهر کي امبرت چوڻ ڏکيو آ
- دوست ت ٻڻجي ويندا هزارين
  ڪنهن کي سڄڻ ٻڻائڻ ڏکيو آ
- 'سيوڪ' آهي سياڻو چپ رهہ
  ڇري کي ڇريو چوڻ ڏکيو آ
- سچ سان پيار ڪرڻ ڏکيو آ
  موت سان پيار ڪرڻ ڏکيو آ

◆◆

## غزل ✍ ميناهريش سياڳاڻي 'شمع'

١. منهنجا توکي پيار سڏن ٿا،
هر جنم جا اِقرار سڏن ٿا.

٢. يادن ۾ تنهنجي تڙقان ٿي،
تڙقڻ جا اِظهار سڏن ٿا.

٣. موقعو پائي لِڪي هلي اَچ،
لِڪي ملڻ جا بهار سڏن ٿا

٤. وَٽ سهارو ٻهانن جو ڪو،
ٻهانن جا اَنبار سڏن ٿا.

٥. ڪڏهن تہ وجهبا هار گلن جا
هارن جا انتظار سڏن ٿا

٦. پيار لاءِ 'شمع' پند پوٺو آ
پيار جا خمار سڏن ٿا

◆◆

## غزل

✍ چندر تلريجا ’سچڻ‘

- پري ڪان ڏِسي چو، ڪرين تو ڪنارو
نہ ورتو آ پئسو، ڪڏهن ڪو اُڌارو
- ڪيو آ ڪنو ڏن،محل مال سارو
سچو مال ويندس، ڇڏي هٿ پسارو.
- ڪيون جڳہ اندر بي خبر ڪي لڪايون
ڪبي هاڻ ڪوشش، ڪبو پڻ سڌارو
- ڪئي آ وفا مون، سدا من سچي سان
اُميدون رکي تو، ڏنو آ سهارو
- نگاهون ادائون ’سچڻ‘ ڪي سڏن ٿيون
نٿو ڪيئن سمجهي،ِ منو ڪو اِشارو

◆◆

## مغرور ٿيا آهيو

✍ واشو برجواڻي- 9320729535

1. توهان اسانجي پيار ۾، مشهور ٿيا آهيو
جي نڪتو اَٿو نالو، تہ مغرور ٿيا آهيو
2. اُهو پيي تہ وقت هو، مزا پيي ڪياسين
مُمبئي ۽ گوئا جا، سَئر پيي ڪياسين
مگر سڀ وساري چو دوُر ٿيا آهيو
جي نڪتو اَٿو نالو، تہ مغرور ٿيا آهيو
3. پهرين پيار ڪيڏو ڪيو تو هو مونکي
وچن گڏ رهڻ جو- ڏنو تو هو مونکي
مگر بي وفا چو هاڻي ٿي ويا آهيو
جي نڪتو اَٿو نالو، تہ مغرور ٿيا آهيو
4. ڪيڏي بي قراري هئي، دلين ۾ اسانجي
ڪيڏي انتظاري هئي ملڻ جي اسان ڪي
مگر هاڻي بين جا نوُر ٿي ويا آهيو
جي نڪتو اَٿو نالو، تہ مغرور ٿيا آهيو
5. ڪرڻ پيار دل سان، ڪوئي ڏوهہ ناهي،
ڪرڻ بي وفائي - وڏو ڏوهہ آهي
مگر دل ۾ اڄ پيي، واشوءَ جي تہ آهيو
جي نڪتو اَٿو نالو، تہ مغرور ٿيا آهيو

◆◆

## يادگار ننڍپڻ

✍ ڪشور ڀاڳچنداڻي

- هڪ ننڍپڻ جو زمانو هو
جڏهن خوشين جو خزانو هو
- چاهہ نہ چنڊ کي حاصل ڪرڻ جي هئي
پر دل پرين جي ڪهاڻين جو ديوانو هو
- خبر نہ هوندي هئي ڪجهہ صبح جي
نہ شام جو ٺڪاڻو هو
- اسڪول ۾ نہ وڃڻ جو ڪيترائي دفعا بهانو هو
چو جو راند کيڏڻ بہ ضرور وڃڻو هو
- ماءُ جي ڪهاڻي هئي
پرين جو فسانو هو
- برسات ۾ ڪاڳر جي ٻيڙي هئي
سڀ مندون وڻندڙ هيون
- اُهو ڪجهہ اَلڳہ ئي زمانو هو
هر راند ۾ دوست هيا
- هر رشتو نياڻو هو
نہ ڪنهن ڳالهہ جو دک هو
- روئڻ جي ڪا ڳالهہ نہ هئي
نہ کلڻ جو بهانو هو
- چو ٿي وياسين اسان ايترو جلدي ايڏا وڏا
ان کان سٺو تہ اُهو ننڍپڻ جو زمانو هو

◆◆

तिलकं विप्र हस्तेन, मातृ हस्तेन भोजनम।
पिण्डं पुत्र हस्तेन, न भविष्यति पुन: पुन:।।
अर्थात
ब्राह्मण के हाथ से तिलक,
माता के हाथ से भोजन एवं
पुत्र के हाथ से पिण्डदान का
सौभाग्य बार बार प्राप्त नहीं होता।।

# اِهو چاهي پلا

واشو برجواڻي - 9320729535

1. پھرين پيار ڪرڻ، جاءِ دل ۾ ڏيڻ، وري دل مان ڪيڍڻ
   اِهو ناهي ظلم تہ ٻيو چاهي پلا
2. پھرين عزت ڪرڻ، چانھہ ناشتو ڏيڻ، وري پئسا گھُرڻ،
   اِهو ناهي ظلم تہ ٻيو چاهي پلا
3. پھرين واهہ واهہ ڪرڻ ۽ خوش ٿي ڪلڻُ، وري مُنھن موڙڻ
   اِهو ناهي ظلم تہ ٻيو چاهي پلا
4. پھرين پاڻَ سَڏِڻُ، مينيون ڳالهيون ڪرڻ، وري در تان ڌِڪڻِ
   اِهو ناهي ظلم تہ ٻيو چاهي پلا
5. پھرين غلطي ڪرڻ، پو غلطي مڃڻ، وري هٺُ نہ ڇڏڻ
   اِهو ناهي ظلم تہ ٻيو چاهي پلا
6. پھرين ڏنو ٿيڻ، تہ بہ بحث ڪرڻ، وري ڪين مُڙڻ
   اِهو ناهي ظلم تہ ٻيو چاهي پلا
7. پھرين هڪ کي ڪيڍڻ، واشو ٻئي کي رکڻ، وري ٻِلا کان بچڻُ
   اِهو ناهي ظلم تہ ٻيو چاهي پلا.

◆◆

## غزل

اندرلعل اُداسي (رامشرڻ)

- گرو گرو ڪر منھنجا من، گروءَ بنا ڪو ناهي جڳ ۾
  گرو ڏيکاري سچ جي راهہ ، ڏيئي اُپديش لائي سنئين دڳ ۾
- پھريون گرو ماتا آهي، سؤ سور سهي آندو جڳ ۾
  ٻيون گرو آهي پتا، سنسڪار مليا جنھن جي سنگ ۾
- ٽيون آهي وديا گرو، جنھن گيان پريو رڳ رڳ ۾
  سٺي سمت ڏني گروءَ، رنگيو رام رنگ ۾
- چوٿون گرو پاڻ پرماتما، آهي ساڻ سدا انگ انگ ۾
  چار پدارت سڌ ٿين ٿا، سنتن جي ستسنگ ۾
- گراو ڪرائي پراشچت، ڪري مدد پڳ پڳ ۾
  گروءَ کان سواءِ ”رامشرڻ“ پٽڪي جيو جھر جھنگ ۾

◆◆

ڪويتا

# ڳالھہ گھٽي ڪُنڪي

سنگيتا ڪلواڻي
Mob:. 7383159382

- ڏنو مون جڏهن، مميءَ کي سدائين وسندي ۽
  نانيءَ تي پيار ورسائيندي،
  ڳالھہ گھٽي ڪُنڪي
- ڏنو مون جڏهن، پپا کي اَجاين
  چيزن پنيان ناڻو لٽائِيندي
  بابا کي دوائن لاءِ
  پل پل ترسائيندي
  ڳالھہ گھٽي ڪُنڪي
- ڏنو جڏهن مون بوٽا کي
  پيپکي اڇي مڙس جون دانھون ٻڌائيندي
  ۽ پوءِ اُن ئي مڙس سان
  پارٽيون ڪري شراب جا پيگ لڳائيندي
  ڳالھہ گھٽي ڪُنڪي
- ڏنو مون جڏهن چاچا کي
  انتر جاتيءَ شادين جو
  وروڌ جتائيندي ۽
  پوءِ پنھنجي ئي ڌيءَ جي شادي، هڪ رئيس مرائي
  مالداريءَ جي پٽ سان ڪرائيندي
  ڳالھہ گھٽي ڪُنڪي
- ڏنو مون گھڻن اهڙن کي
  سچ جو سدا راڳ ڳائيندي
  پر پوءِ پنھنجي ئي سوارٿ خاطر
  خوشي خوشي ڪوڙ اَپنائيندي
  ڳالھہ گھٽي ڪُنڪي
- ڏنو مون پاڻ اندر جڏهن
  پانيم هڪ من للچائيندي
  هونءَ تہ ڏسندا مونکي بہ توهان
  نشپاپي هٺڻ جو ڍونگ رچائيندي
  ڳالھہ گھٽي ڪُنڪي

◆◆

# گرو گوبند جا ٻچا

✍ نانڪ منگلاڻي

- ڪٿي پربت جهڪيا پيي آهن،
ڪٿي درياھ روڪيا پيي آهن
نا رُڪندي رواني آ،
نا جهڪندي جواني آ.
- گرو گوبند جا ٻچا، عمر ۾ هئا ڪچا
پر هئا شينهن جا ٻچا، ڌرم ايمان جا سچا
- گرجي ڪري ٻولي اُٿيا هئا اِئين،
شينهن مُنهن کولي اُٿيا هئا اِئين
نا اسين جهڪي نٿا سگهون،
نا اسين رُڪي نٿا سگهون
- اسان کي پنهنجو ديش پيارو آ،
پتا دشميش پيارو آ
اسانجي ڌرم جَنِ جيھ آ،
شري گرو گرنٿ جي جيھ آ
- ڪٿي پربت پيي جهڪيا آهن،
ڪٿي درياھ رُڪيا پيي آهن
نا رُڪندي رواني آ،
نا جهڪندي جواني آ
- زوراور زور سان ٻوليو،
فتح سنھ شور سان ٻوليو
رکو ميرون پريو گارو، چڻو ديوار جتيارو
- اهائي ديوار ٻوليندي، هزارون بار ٻوليندي
نکرندي سُواس ٻوليندي،
اسانجي لاش ٻوليندي
- اسان کي پنهنجو ديش پيارو آ،
پتا دشميش پيارو آ
اسانجي ڌرم جَنِ جيھ آ،
شري گرو گرنٿ جي جيھ آ
- ڪٿي پربت پيي جهڪيا آهن،
ڪٿي درياھ رُڪيا پيي آهن
نا رُڪندي رواني آ، نا جهڪندي جواني آ

◆◆

# आहियो सुहिणा सिंधी

✍स्वामी रामशरण उदासी

धनु:मौका मिले कदी कदी
आहियो सुहिणा सिंधी, , कयो पाण में बधी,
वैर जे रखंदौ, पोइते पवंदौ, धारिया वेंदा सभ वधी।
१. कुलगुरू खे विसारे छडियो अथव,
पंथनि सभ खे, मुंझाए छड्डियो अथव,
ग़ाल्हि चवां थो सिधी
२. धर्म सनातन वड्डो सभिनी खां
मन छो कयो अथव जड्डो जतन सां?
कमज़ोरी वेई आ वधी।
३. सिंधी संतनि जी ब्बाणी घणी आ,
पोइ छो सभ खे बोली बी वणी आ,
कींअं मिले रिद्धि सिद्धि।
४. इहोई वक्त आ पाण संभालियो,
सिंधी बोली सिंधियत खे बचायो,
न त लोक परलोक थींदी बदी।

◆◆

# آخري سٽ لکڻ ڏي

✍ آدسيھ مخدوم قريشي

- گيت تو لاءِ لکيم
تون پڙهين نہ پڙهين
گل تو لاءِ رکيم
تون اَچين نہ اَچين
- تنهنجي واعدن تي
تنهنجي آسرن تي
اعتبار ڪيم
تون ورين نہ ورين
- تو سواءِ زندگي
جڻ اڌورو نظم
هٿ ۾ تنهنجي قلم
تون لکين نہ لکين
- راھ تنهنجي تکيم
روز 'روئي' ڏنم
حال هيڻو اٿم
تون پڇين نہ پڇين

◆◆

# پهاڪو ۽ محاورو ڇاڪي چئبو آهي؟
# (يا)
# پهاڪي ۽ محاوري ۾ فرق

✍ ليک: ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

**’پهاڪو‘ لفظ جي اکري معنيٰ:**

سنڌي ۾ هڪ مصدر آهي ’پُهڻ‘ ان جون مکيه معنائون آهن، ’خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح وٺڻ يا ڏيڻ، ملڻ، سرچڻ، نبرڻ.

مثال طور:

پتنگن ’پهه‘ ڪيو مڙيا متي مچ.

(شاهه)

’پهه‘ ڌاتوءَ ۾ ’آڪو‘ پڇاڙي لفظ ګڏڻ سان لفظ ٺهيو آهي. ’پهاڪو‘. ان ريت فعل- ڌاتوءَ ۾ ’آڪو‘ يا ’ڪو‘ پڇاڙي جوڙڻ سان سنڌي ۾ ٻيا به اسم ٺهيا آهن . جيئن ته:

ميڙ- (ميڙڻ) - ميڙاڪو:

انهيءَ ڪري ’پهاڪو‘ لفظ جي اکري معنيٰ ’اهو نقطو يا ګفتګو، جنهن ۾ هڪ اونهو خيال يا ويچار سمايل آهي.‘ عام ماڻهن جي روزاني جيوت ۾ اهو ګفتګو صلاح يا هدايت طور ڪتب آڻي ٿو. جنهن مان ٻين کي اڪثر صحيح وات تي هلڻ لاءِ اشارو ملي ٿو.

”پهاڪو هڪ اهڙو ننڍڙو ګفتګو آهي. جيڪو ٻاليه ٻوليه ۾ مروج آهي ۽ تسليم ٿيل آهي، اهو هڪ مروج-روپ جملو آهي. جنهن ۾ ګهڻو ڪري ڪا ٻجهي پيٽ يا تجنيس حرفي هوندي آهي. انهيءَ ۾ اهڙي ڪنهن سچائيءَ جو اظهار هوندو آهي. جنهنجو تصديق يا پرک ، تجربي يا جاچ جوچ وسيلي ڪيل هوندي آهي ۽ سيني جي تصديق يا پرک، تجربي يا جاچ- جوچ وسيلي ڪيل هوندي آهي ۽ سيني ۾ جاڻايل - سڃاتل هوندي آهي. (انسائڪلوپيڊيا برٽانيڪا)

’پهاڪا، اهڙا آڳاٽا بچيل جزا آهن، جيڪي پنهنجي ننڍڙي روپ ۾ صحيح معنيٰ سببان ، قديم فلاسافي جي کنڊر مان سالم جي صورت ۾ ڪوٺي هٿ ڪيا ويا آهن.“ (ارسطو)

انهن سمجهاڻين مان پهاڪن جو جيڪو روپ ظاهر ٿئي ٿو. انهيءَ ۾ مکيه طور هي خاصيتيون ڏيکاريل آهن:

1. پهاڪن ۾ ٿورن لفظن ۾ ګهڻا ويچار سمايل هوندا آهن.
2. استعاري، تجنيس، چٽر زبانيءَ ڪري پهاڪن ۾ اظهار جي نرالائي هوندي آهي.
3. پهاڪا روزاني زندګيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪيل سمجهه ۽ سياڻپ سان ڀريل نقطا هوندا آهن.
4. پهاڪا زباني روايت ذريعي صدين کان وٺي سماج ۾ هلندا پيا اچن.
5. پهاڪا نصيحت آميز هئڻ ڪري اڪثر عام ماڻهن لاءِ اڻ لکيل قانون آهن.

6. پهاڪن ۾ گهڻو ڪري ڪنهن قوم يا جاتيءَ جو عڪس ملندو آهي .

**محاوري يا اصطلاح جي اکري معنيٰ:**

’محاورو‘ ۽ ’اصطلاح‘ ٻئي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ به ڪتب ايندا آهن. اهي لفظ پوءِ اردو، هندي، سنڌي، پنجابي، ڪشميري ۽ ٻين ڪن ٻولين ۾ به مروج ٿي ويا آهن. ’محاورو‘ لفظ جو عربيءَ ۾ اُچار آهي - ’محاورت‘ اِهو ’حاور‘ يا ’حور‘ فعل مان نڪتو آهي. جنهن جو مطلب آهي ’موٽائڻ، ورندي ڏيڻ‘ پوءِ انهيءَ جي معنيٰ ۾ وسنار ٿي ويو آهي.پلاٽس انهيءَ لفظ جون اردو - هندي ڊڪشنريءَ ۾ هينيون معنائون ڏنيون ويون آهن:

(1) گفتگو- ڳالهه ٻولهه (2) اصطلاح- لفظي ميڙ، عام ڳالهه ٻولهه جو طريقو، (3) ٻوليءَ ۾ استعمال، (4) روايت، پرمپرا، عادت[1]

جامع سنڌي لغات ۾ ’محاورو‘ لفظ جون معنائون هن ريت ڏنل آهن:

* محاورو - جمع محاورا - مذڪر(عربي ، حَوَرَ هن ورائي چيو)

گفتگو - ٻول - چال - ڳالهه ٻولهه - سوال جواب. علم نحو موجب اُهو جملو جنهن جي لفظي معنيٰ هڪڙي هجي ته عنايت معنيٰ ٻي هجي.

مثلا: اکيون پورڻ ٻي شرم ٿيڻ، مرڻ '' وغيره. اصطلاح - ورجيس.

استعمال - اڀياس - ساڌنا - مشق - آزمودو - تجربو [2]

ساڳئي طرح، اصطلاح پڻ عربي لفظ آهي. جنهن جو بنياد آهي ’صلح‘ يعني مُوافق، سنو يا وڻندڙ ٿيڻ.‘ پلاٽس انهيءَ لفظ جون اردو، هنديءَ ۾ معنائون ڏنيون آهن. لفظي ميڙ، فقرو ، محاورو ٻوليءَ ۾ استعمال، ڪا مقبول معنيٰ مروج ٽيڪنيڪي لفظ [3]

**پهاڪي ۽ محاوري ۾ فرق:**

پهاڪي ۽ محاوري جي روپ ۾ خاصيتن تي هيستائين جيڪو ويچار ڪيو ويو آهي انهيءَ مان ظاهر آهي ته پهاڪو ۽ محاورو ٻئي ٻوليءَ جا اهڙا مروج استعمال آهن. جيڪي اکري معنيٰ بدران ٻوليءَ جي رواج موجب ٻي گهربل معنيٰ ڏيندا آهن. انهن ٻنهي جي استعمال ڪرڻ سان ٻولي دلڪش نزاڪت ڀري اثردار بڻجي پوي ٿي، پر ٻنهي جي وچ ۾ ڪيترين ڳالهين ۾ فرق به آهي جيڪو ٿوري ۾ هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

1. پهاڪو هڪ الڳ پورو جملو يا جملن جو ايڪو هوندو آهي. پر محاورو هميشه ڪنهن جملي جو جزو هوندو آهي جيئن ته:

- ”انڌن ۾ ڪاڻو راجا“

- مينهن پنهنجي ڪارنهن کي ڏسي ڳئونءَ کي چوي، ”هل ڙي پڇ ڪاري“

اهي پهاڪا آهن، پهرئين پهاڪي ۾ هڪ جملو آهي ۽ ٻئين پهاڪي ۾ ٽي جملا آهن.

---

[1] Pluts, John T.A.Dictionary of Urdo, Classical Hindi and English Oxford 1884. P. 1007
محاورا S.M. Dialogue Conversation, confernce, Idiom, Phraseology, Commn or Current Speech, Usage, Practice, habit.

[2] بلوچ نبي بخش خان، ’جامع سنڌي لغات‘ (جلد پنجون)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ 1988. سن 2016

[3] Plats, same اصطلاح s.f. Phrase, Phraseology, Idiom usage, assepted Singnification, Conventional meaning, Conventional terms technical term P. 58

* ساهيڙين جي واتان اها ڳالهه ٻڌي ڪمل ”پاڻي پاڻي ٿي ويئي.“

* سوڊو اٿيئي ”ٻگهلو ڀڳت“ - ڪائنس خبردار رهجانءِ

انهن مثالن ۾ ”پاڻي پاڻي ٿي ويئي“ ۽ ”ٻگهلو ڀڳت“ اهي محاورا آهن، جيڪي جملي جو هڪ حصو آهن.

2. پهاڪي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه لفظ هوندا آهن. جيئن ته ”قرض مرض“ پر محاورو لفظ وارو ٿي سگهي ٿو. جيئن ته ڪنهن ڇوڪري کي چئجي، ”گڏهه ! هيڏانهن ڏيان ڏي.“ ته هن جملي ۾”گڏهه“ (بيوقوف، ڪم عقل) لفظ محاورو آهي. جيڪو اڪري معنيٰ بدران ٻيءَ معنيٰ ۾ ڪتب آيو آهي. ساڳيءَ طرح ”هو ريشما تي مئو ته اگر تگر مٿس لٽائي ڇڏيائين!“انهيءَ مثال ۾ ”مرڻ “ فعل جو مطلب آهي ”فدا ٿيڻ، موهت ٿيڻ“ ان ڪري اهو به محاوريدار استعمال آهي.

3. پهاڪو نثري جملي، گفتگوءَ، سوال جواب، بيت وغيرهه جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو پر محاورو پنهنجي اصلي روپ ۾ گهڻو ڪري مصدر ۾ ختم ٿيندو آهي. جيئن ته:

پر ”وات ۾ مڱ پوڻ“، ”ٻانهون ڍگهيون هئڻ“ محاورا آهن، جيڪي جملي ۾ ڪتب اچڻ کان اڳ پنهنجي اصلوڪي روپ مصدر ۾ ختم ٿين ٿا.

4. بيان ۾پهاڪو ڪنهن ڳالهه جي پٺڀرائيءَ يا ڪنڊن ڪرڻ لاءِ هڪ مثال وانگر جدا ايڪي جي روپ ۾ استعمال ٿيندو آهي. ٻئي طرف محاورو جملي جي بيهڪ ۾ جدا جدا روپن ۾ ڪتب ايندو آهي.

پهاڪو: انگريز هندستان ۾ آيا واپاري ٿي، پر هندستانين جي ڦوٽ جو فائدو وٺي هتي حاڪم ٿي ويا. ”آئي ٽانڊي ڪڻ، ٿي بورچاڻي ٿي ويٺي.“

محاورو: پيٽ تي لت ڏيڻ (روزگار کسڻ، ڪمائي کسڻ) جڏهن ڪنهن جملي ۾ استعمال ڪبو ته اهو جدا جدا روپ اختيار ڪري سگهي ٿو. مثلاً: ”پيٽ تي لت ڏنائينس“. هن جي پيٽ تي لت نه ڏي، هو تنهنجي پيٽ تي لت ڏيندو. ڪنهن غريب جي پيٽ تي اوهين لت ڇو ٿا ڏيو.

5. پهاڪا، بيان ۾ ڪتب نه اچڻ تي به پنهنجي ليکي پوريءَ معنيٰ جو اظهار ڪندا آهن. ٻئي طرف محاورا گهڻو ڪري بيان ۾ استعمال ٿيڻ بعد پنهنجي گهربل معنيٰ ظاهر ڪندا آهن. جيئن ته گڏهه (بيوقوف، مورک) مرڻ (فدا ٿيڻ، موهت ٿيڻ) وغيرهه . جڏهن بيان ۾ ڪتب آڻبا، تڏهن انهيءَ جي حوالي مان ٻڌائي سگهبو ته اهي لفظ اڪري معنيٰ ۾ آهن يا انهن اصطلاحن جي معنيٰ گهربل آهي.

6. پهاڪا گهڻو ڪري سياڻپ جي سخت ۽ نصيحت ڀريا نقطا آهن جيڪي انسان جي زندگيءَ ۾ رهنمائي ڪن ٿا. ٻئي طرف ، محاورا فقط ڪنهن ڪم جي هئڻ، ٿيڻ وغيرهه جو نرالي ۽ اثردار نموني بيان ڪن. انهن جو گهڻو واسطو ٻوليءَ جي سهڻي عبارت سان آهي.

◆◆

---

* وقت ڏسڻ ۾ ناهي ايندو پر ڏيکاري گهڻو ڪجهه ويندو آهي، ان لاءِ بهترين انسان اُهو آهي . جيڪو قوم لاءِ بهتر سوچي ۽ بهتر سوچ تڏهن ٿيندي جڏهن انسان ۾ انسانيت هجي.

* الائي ڇو منفيت اسان جي دماغن ۾ گهر اڏي ڇڏيا آهن. هر ماڻهون چاهي ٿو ته گفتگو ڪرڻ بجاءِ مون کي درست سمجهيو وڃي.

# سنڌي ٻوليءَ وساريل لغت نويس اي. ٽي. شاهاڻي

✍مختيار احمد ملاح

اي. ٽي. شاهاڻيءَ جو نالو سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ وسارڻ جهڙو ناهي. هن صاحب جون لکيل ٻه ڊڪشنريون ”سنڌي-انگريزي ڊڪشنري“ ۽ ”انگريزي-سنڌي ڊڪشنري“ ٻه سنڌ ۾ گهڻو مشهور ٿيون. اُنهن ڊڪشنرين جا ڪيترائي ڇاپا سنڌ ۽ هند ۾ ڇپبا رهيا آهن.

برک لغت نويس ديوان اي. ٽي. شاهاڻيءَ جو پورو نالو آنندرام ٽڏومل شاهاڻي هو. سندس جنم حيدرآباد جي شاهاڻي ڪٽنب ۾ ٿيو. سندس پتا صاحب ڏيوان ٽڏومل شاهاڻي سنڌي، انگريزي، ۽ فارسي ٻولين جو ماهر هو ۽ انگريز عملدارن کي سنڌي ٻولي سيکاريندو هو. سندس پٽن ديوان آنندرام ۽ ڏيارام پڻ ساڳيو ڌنڌو اختيار ڪيو ۽ ان مان چڱو پيسو ڪمايو. هنن پنهنجي پريس ’ايجوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني‘ قائم ڪئي جتان اسڪولن ۽ ڪاليجن جا ڪتاب پڻ شايع ڪندا هئا.

ديوان آنندرام گهڻين ٻولين جو ڄاڻو هو. هن سنڌي، انگريزي، ۽ فارسي، گجراتي، مرهٽي ٻولين ۾ لغتون تيار ڪري ڇپايون. ديوان آنندرام پنهنجي پتا وانگر سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ۽ انگريز عملدارن ۽ ملٽري آفيسرن کي سنڌي ٻولي سيکاريندو هو. ڪائونس ٻولين سکندڙن ۾ سر پرسيول (رين) ٻه هو. جنهن (Wren & Martin's Engilsh Grammar & Composiion) نالي اسڪولي ڪتاب شاگردن لاءِ تيار ڪيو هو. ٻيو ميجر جنرل ايچ.اي. ڪئنڊن هو. جنهن فارسي، بلوچي، هندي ۽ پشتو ٻوليون ديوان آنندرام کان سکيون هيون. مسز لارينس، جيڪا سنڌ جي ڪمشنر، سر هينري، لارينس جي گهر واري هئي ۽ ٻيا يورپين آفيسر ديوان کان سنڌي ۽ ٻيون ٻوليون سکيا. ٻوليون سيکارڻ جو ڪم ديوان صاحب 1897ع کان شروع ڪيو هو. جو برصغير جي ورهاڱي تائين رکيائين.

اي.ٽي. شاهاڻيءَ جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن.

1. Sindhi Self Instructor
2. Sindhi Self Instructor: In Arabic Sindhi and Devanagari scripts with pronunciations in Roman characters
3. The English Sindhi dictionary Wth correctpronunciations in Sindhi characters
4. Sindhi-English Dictionary
5. Gujrati Self Instructor
6. Marathi Self Instructor
7. Sindhi -English Teacher
8. Marathi -English Teacher
9. Hindi - English Dictionary
10. Persian- English Dictionary
11. English - Urdu Dictionary
12. Hindi Primer
13. Europeans' guide to Hindustani : one month's course with key
14. Gujrati Self Instructor ; specially prepared for South Indians ,Christians ,Anglo - Indians, Maharashtrians ,Punjabis ,Sindhis ,foreigners ,etc., etc.

اي. ٽي. شاهاڻي جي مٿي ذڪر ڪيل ٽن ڪتابن مان ٻه ڊڪشنريون ۽ هڪ انگريزي سکيا جو ڪتاب سنڌي ۾ آهن. جيڪي اڄ تائين مشهور آهن ۽ خاص طور تي سندس انگريزي سنڌي لغت سوين دفعا شايع ٿي آهي. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ هو هندستان لڏي ويو. جتي 1949ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس پٽ ڪشنچند شهاڻي پڻ مشهور شخصيت هو ۽ سندس پائٽيو موهنلعل شاهاڻي هڪ سوشل ورڪر طور سڃاتو ويندو هو.

◆◆

# ۽ ٺهوڪو هڻ ته ڪارونجهر ڀري

ڪنهن به شاعر/ڪهاڻيڪار جي فن تي لکڻ هڪ تمام ڏکيو ڪم آهي. خاص طور تي شاعريءَ کي لفظن جي ماپن ۾ قيد ڪرڻ سولو ڪونهي ۽ شاعر به اُهي جن جي شاعري دل ۾ لهي ويندي آهي. شايد اُهو ئي سبب آهي جو مشهور شاعر پئبلر نرودا پنهنجي شاعريءَ کي اندر جي اونهائيءَ جو سڏ قرار ڏنو آهي.



هڪ شاعر جي اندر جي اها اونهائي پاتال جهڙي هن کي شعر کي لکڻ لاءِ مجبور ڪندي هجي. يا وري وقت جون بي رحم ۽ اڻ وڻندڙ حالتون ، جن سان هر دؤر جو شاعر وڙهندو ، ترندو، اُيرندو ۽ ٻڏندو رهندو آهي.

در اصل شاعري ۽ انسان جو لاڳاپو صدين کان رهيو آهي. لکين سال لنگهي ويا (۽ الائي خبر ناهي ٻيا ڪيترا سوين سال لنگهي ويندا) شاعري ماڻهون جي اندر مان زرد گلاب وانگر ٽڙندي رهي آهي. ان شاعريءَ جو سلسلو قديم زماني کان پيو هلندو اچي. قديم دؤر ۾ شاعري ديوتائن سان ڳالهائڻ جو ذريعو هوندي هئي. اتهاسڪ يوناني دؤر جون چيل مناجاتون، مصر مان هزارين سال اڳ پيپارس تي لکيل گيت يا وري نندي ڪنڌ ۾ رچيل رگ ويد به شاعري آهي.

ڪو وقت هو جڏهن شاعر کي غيبي قوتن طرفان سڌو الهامي پيغام پهچائيندڙ ڪري سڏيندا هئا. انگريزيءَ جو هڪ شاعر شار چوي ٿو ته : تخليقي فنڪاري هڪ عارضي ديوانگي هوندي آهي. ورڊز ورٿ شاعريءَ جي مجموعي Lyrical Ballads (سريلا گيت) ۾ اهو سوال ڪري ٿو ته، شاعر ڇا آهي؟ يقينن اهو سوال پنهنجي جواب لاءِ هڪ وڏو ڪئنواس رکي ٿو. سوال اهو به آهي ته شاعر ڪهڙي قسم جو انسان ٿئي ٿو؟

ڪجهه ماڻهون چون ٿا ته شاعر هن ڪائنات جي اڻ ٻڌل آوازن کي ٻڌي ٿو. ان جا حواس ڪنهن تار وانگر هوندا آهن. ان جي وسيلي هو تخيل کي جهٽي ٿو. هڪ سُني ڪاريگر وانگر هو به طاحين طرحين جون عمارتون گهڙي ٺوا ڊاهي ٿو. سچ پڇ ته شاعر بدلجندڙ موسمن وانگر هوندو آهي رُتن جون تبديليون هن تي گهرو اثر ڇڏينديون آهن. فطرت جا مختلف منظر، جهڙوڪ ڪڪر، وهندڙ پاڻي ، چنڊ، ڏارا خوشبو، رنگ حسن ۽ صداقت!

ڏينهن ٿئو، جهڙ پايان، جهڙو وسندو مينهن،
وڃان ته پسنم ڪپڙا، ويهان ته ٿُٽيم نينهن،
توڙي ڪائيم شينهن، ته به قولين ڪوڙي نه ٿيان
(شاهه)

بنيادي طور تي شاعري ۽ راڳ ڏکيا فن آهن. ڪنهن قديم دؤر ۾ شاعري، موسيقي ۽ ناچ جو پاڻ ۾ ويجهو ڳانڍاپو هوندو هو. ديوتائن جي پوڄا وقت راڳ، ناچ ۽ شاعري ضرور هوندي هئي. ان کان پوءِ ڪيترين وقت تائين دنيا ۾ ڪلاسيڪي ۽ رومانوي شاعري ماڻهن جا ذهن بدلائيندي آئي آهي. سمورن قومن جي تخيل، جيڪو سچن ۽ حسين سپنن ڏسڻ جي طاقت جو ٻيو نالو هوندو آهي ۽ اسان جو رومانوي شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ چنڊ، تارن، ڪڙڪبيتن ۽ گلابن کي ٽمڪائي ۽ مهڪائي ٿو:

۽ تارن جڙيل رات جو
ڪڏهن ڪو هوائي جهاز
اڳڻ تان لنگهي ٿو
ته اکيون انهيءَ پار ڏي

مهراڻ تان ڪوريل

## غزل ✍ڪرن پرياڻي ’انمول‘

- ڪوڙا چوندو گفتا هوندو،
نہ نڀائيندا رشتا هوندو
- زير زبر سنڌيءَ ۾ آهي،
بس ڳولهيندو نقطا هوندو.
- چيهون چيهون چوڙيون هٿ ۾،
ڏک سان هو وابسطا هوندو
- قاتل ڪپڙن کي هوءُ ٽوپا
ڏيندو آڏا اُبتا هوندو
- بيزار بڻي ڌرتيءَ ڪان هوءُ
اُپ تي لڪندو مقطع هوندو.
- موتي ملندو پنهنجي مٽيءَ سان
رکندو اِرادا پختا هوندو.
- گلڙن ڪان ڪندا ڌار ڪري
ٺاهيندو گلدستا هوندو
- چو تون ماندي آهين ’انمول‘
راڻو ڏسندو رستا هوندو

◆◆

## غزل ✍ارجن چاولا

- کهاڻي درد جي ڪو مهربان ملي تہ چوان
ذڪر ڪري جا سگهي سا زبان ملي تہ چوان
- مان پٽڪندو ئي رهيس تنهنجي در تي پهچڻ لاءِ
صحيح خبر تنهنجي در جي ڪٿان ملي تہ چوان
- اڪيلو پنڌ اڪيلي الائي ڪيئن ڪٽبو
ڪو همسفر يا ڪوئي ڪاروان ملي تہ چوان
- هلڻ جي ڏن ۾ وساري ويهان نہ منزل کي
قدم ڪٿي تہ پوي ڪو نشان ملي تہ چوان
- جي ڪنڌ ڪٽان تہ تہ مان بي شعور سڏجان تہ
جهڪان ڪٿي جي تنهنجو آستان ملي تہ چوان
- نہ گهر، نہ گهاٽ پتو، نيڻ توکي نينديان ڪٿي،
اول ڪٿي مونکي منهنجو مڪان ملي تہ چوان
- خزان جو ڏوهہ مالهي جي آ شرارت ڪا
ڪٿي ڪو گل، ڪا ڪلي، آشيان ملي تہ چوان
- اُڏڻ لاءِ پنک ۽ پرواز، حوصلو پڻ آ
اُڏام لاءِ ڪوئي آسمان ملي تہ چوان

◆◆

## باهہ جا نفعا ۽ نقصان

✍ مشتاق سعيد

انسان ڪيڏو نہ روشني جو متلاشي رهيو آهي...؟ قديم ارتقائي دور ۾ جڏهن انسان جا وڏڙا جابلو غارن ۾ رهندا هئا تڏهن برندڙباهہ ئي سندن وٽ جيئدان ۽ سهارو هئي، اها باهہ ئي هئي جيڪا انڌيري غار کي روشن ڪندي هئي. اها باهہ ئي هئي جيڪا کيس کاڌو پچائڻ لاءِ ڪتب ايندي هئي. حملاور ۽ خونخوار جانورن کي پچائڻ لاءِ سهارو بڻبي هئي. اها باهہ ئي هئي جيڪا ڪچي مٽيءَ کي پچائي پڪو نڪر جو ٿانءُ ٺاهي ڏيندي هئي. باهہ واقعي هڪ مادي کي ٻئي مادي ۾ بدلائي ڇڏي ٿي. باهہ لوهہ کي پگهاري پاڻي بڻائي ٿي. ڪک پن ساڙي رک ٺاهي ٿي، مٽي کي پچائي نڪر بڻائي ٿي. هزارين طريقن سان باهہ انسانن لاءِ ڪارآمد هوندي هئي ۽ اهي ايترا فائدا ڏيڻ سان گڏوگڏ اها ساڳي باهہ هوندي هئي جيڪا ٻيلا، جهنگ، چراگاهہ ۽ شڪارگاهہ ساڙي رک ڪري ڇڏيندي هئي، جنهن ڪري انسان جو عقيدو پختو ٿيندو ويو تہ اها باهہ هڪ ديوتا آهي جيڪا راضي ٿي ٿئي تہ اِنسان جي سهڪاري آهي ۽ ناراض ٿئي تہ انسان لاءِ تباهي آهي. اهو ئي سبب هو جو انسان باهہ کي ديوتا بڻائي پوڄڻ شروع ڪيو. اها باهہ جيڪا روشني جو ذريعو هئي ۽ قدرت جي قانونن ۾ انقلاب آڻڻ جو سبب هئي. قدرتي ڪتاب ۾ رات جو اونداهي ۽ سياري ۾ سردي لکيل آهي. پر باهہ انهن قانونن کي ٽوڙي ڇڏيو . رات کي روشن ۽ سرديءَ کي گرميءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

◆◆

# ڪتابي سمالوچنا

**✍ نند ڇڳاڻي**

سنڌي ناٽڪ ( تحقيقي اڀياس) ٻہ ڀاڱا (1) 2000-1981ع (2) 2020-2001 - ليکڪ - ڊاڪٽر سريش ٻٻلاڻي -A - 239 -پريم پرڪاش ڪُنج، پنچشيل نگر، اجمير 305004 - فون نمبر 9414314572 - 91 Mob- (1) ڊيمي سائيز - صفحہ ٣٦٨، پڪو ٻهو رنگي جلد، ارپيل آهي - سنڌي ساهتيہ جڳت جي ناٽڪڪار ، هدايتڪار، گيتڪار، سنگيتڪار، گايڪ ۽ ليکڪ سدا حيات گورڌن ڀارتيءَ (2010 - 1929) کي.

سال 2023- قيمت -/700 رپيہ.

ڪتاب جو عالمي نمبر- ISBN-978-93-5967-730-9

ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو - IInd Volume پڪو ٻهو رنگي جلد -صفحہ 504 - قيمت -/900 رپيہ سال 2023.

هن ڪتاب جو عالمي نمبر- ISBN-978-93-5996-219-1

هي ڀاڱو ارپيل آهي -سنڌي جڳت جي ناٽڪڪار ، هدايتڪار، گيتڪار، ڪلاڪار، ڊائريڪٽر شري مدن جماڻي (2017 - 1934) کي.

ٻنهي ڀاڱن جو گڏيل مهاڳ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو لکيل آهي جيڪو ٻنهي ۾ ڏنل آهي.

پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ لکجي ٿو تہ مرحوم ڊاڪٽر پريم پرڪاش ممبئي يونيورسٽي مان ڊاڪٽر ارجن شاد جي نگرانيءَ ۾ ”سنڌي ناٽڪ جي اوسر“ (1980-1880) تي Ph.D تي حاصل ڪئي. لڳاتار احمدآباد کان ممبئي اچ وڃ هن جي صحت تي زوردار اثر ڪيو. ناٽڪ ۽ ڪهاڻي سان هن جو عشق هو. جنهن ۾ هن ڪتنب سوڌو لاعلاج بيماري حاصل ڪري جان گھوري ڇڏي.

جتي ڊاڪٽر پريم پرڪاش (1980-1880 ) اڀياس پورو ڪيو. ڊاڪٽر سريش اُتان (2020-1980) چار ڏهاڪن جو احوال جوڙي ناٽڪ جي تواريخ کي 2020 تائين مڪمل ڪري ڇڏيو. ٻنهي جي ڪيل محنت کي سلام ورائجي ٿو. پريم پرڪاش جي ٿيسز سنڌالاجي - آديپور وارن ڇپائي. سريش ٻن ڀاڱن ۾ پنهنجي خرچ تي پيار جو پورهيو ڪري ظاهر ڪيو آهي. جيڪو ديوناگري لپيءَ ۾ آهي. سندس چوڻ آهي تہ اڄ جي نندي ٽهيءَ کي اوچ تعليم لاءِ ديوناگريءَ ۾ مواد گھرجي.

اسان هت فقط سريش ٻٻلاڻيءَ جي سنڌي ناٽڪ تي ڳالهائينداسين. سريش پنهنجي بايوڊيٽا - وچور ٻنهي ۾ درج ڪئي آهي. سرڪاري دفتر مان رٽائر ڪرڻ کان پوءِ ئي هن درسي تعليم سان هٿ ڳنڍيو آهي ۽ هاڻ باقائدي انهن جا ڪلاس بہ وٺندو آهي. سندس درسي اڀياس يو-ٽيوب تي بہ ايندو آهي. . هن شريمان هري همٿاڻي جي ڪتا ساهتيہ ۾ وٿ-واڀار، ڪلچر ۽ مالي حالتن جي ڪول سول تي پي.ايچ ڊي ڪئي آهي.

هن جو هي ناٽڪ اڀياس- وشيہ جي ڄاڻ - رٿابندي وغيرہ عاليٰ درجي جي آهي. درسي اڀياس لاءِ شاگردن کي عالماڻي طرح اڀياس جي صحيح وات ڏسيل آهي ۽ عوام پڙهندڙن لاءِ وندر جو وسيلو بہ ميسر ڪيل آهي.

1981 کان وٺي 2020 تائين سنڌيءَ ۾ چاليهن سالن کان ستيج تي آيل - کيڏيل ناٽڪن جا انگ اکر گڏ ڪيل اٿس. اُنهن جا ليکڪ - ناٽڪن ۾ ڀاڱہ- پارٽ ادا ڪندڙ اداڪار - ڪردار- انهن

۾ اسٽيج جو بندوبست-ناٽڪن ۾ سمايل رس- چس وغيره ھن پاڻکن لاءِ ھڪيو حاضر ڪيو آھي. اڪيلي سر اھو اٽڪانيو ڪم ھن ڪاميابيءَ سان پورو ڪيو آھي.

ورھاڱي کان پوءِ سنڌي سڄي ھندستان ۾ ٽڙي پکڙجي ويا. ڪٿي ٿورا تہ ڪٿي گھڻا. انھن جدا جدا ھندن تي اسڪول - ڪاليج وغيره برپا ڪيا. انھن ۾ ڪلچر ۽ سوشل وياڳ ڪوليو. ناٽڪ وغيره ٻارن کان ڪرايا. ڪن تہ ڪتاب بہ ڇپايا. ڊاڪٽر سريش ڪوشش ڪري ڇپيل ڪتاب بہ ھٿ ڪيا. انھن ۾ لکيل ناٽڪ ۽ ايڪانڪين جي اداڪارن سان گڏ. ھر ھڪ ايڪانڪي ناٽڪ ڪي محدود ڪھاڻي روپ ڏنو اٿس. جيئن جلد سمجھہ ۾ اچي وڃي. ان کان پوءِ ورھاڱي جا اثر انھن جو اثرائتو ذڪر ڪيو اٿس.

مثال طور : اوپاريون- لھواريون- ريڊيو - ناٽڪ - ليکڪ ڊاڪٽر جينو لالواڻي 1984 - سٽيج پبليڪيشن 31/11 ، نيو جي وارڊ، ڪبير نگر- احمدآباد- تي ايڪانڪيون آھن. اوپاريون لھواريون (2) اوطاق (3) اوپاريون لھواريون.... ساڳئي نالي سان بہ ايڪانڪيون آھن. سڀ سماجڪ ايڪانڪيون آھن. (پيج 138) مڙيو سو جڙيو- پنج ننڍا ناٽڪ - سمپادڪ رامرکياڻي شيام، ڪوتا پبليڪيشن، ساھتيہ مالا، احمدآباد- فيبروري 1985- ممبئي يونيورسٽي جي T.Y.B.A لاءِ منظور ٿيل ڪتاب پنجن ايڪانڪين جي وچور بہ ڏنل آھي.

(1) شاھہ جي مارئي ۽ منھنجي مينو- گورڌن ڀارتي فئنٽسي
(2) منھنجو گھر پاڳلخانو - ليکڪ جي.اين. ناگراڻي
(3) مڙيو سو جڙيو - گوبند مالھي
(4) ملاوت - ڪيرت مھرچنداڻي
(5) نئون آفيسر - ليکراج ھنس - ۽ اِئين انھن ۾ سمايل
اداڪارن جو احوال بہ ڏنو اٿائين
ماچيس ڪٿي آھي. ليکڪ - ايم. ڪمل - بلاڪ C-54، اُلھاسنگر 421004 (1985)
(1) ھيءُ رستو ڪيڏانھن ٿو وڃي، (2) ٻن ڀھرن جو قصو
(3) ماچيس ڪٿي آھي ، (4) جيئرو مردو
(5) جسم جي قبر، (6) ناٽڪ ، (7) انٽيليڪچوئل

۽ انھن ۾ سمايل ڪھاڻي تت بہ ڏنو اٿائين، ٻئين ڀاڱي جي ڀڃاڙيءَ ۾ ڪتاب ۽ ناٽڪن ۽ ايڪانڪين کان پوءِ سڄو چئپٽر-II ورھاڱي کان پوءِ جون ناٽڪ منڊلين جو 90 پيجن تي وِٿنڌڙ احوال آھي. سڄي ھندستان جي جدا جدا شھرن جي سنڌي بستين ۾ ناٽڪ منڊلين جو احوال آھي. دھلي ۽ اُتان جو مکيہ بانيڪار- مثال طور - مينگھراج گرناڻي ۽ شنڪر مولواڻي ، شنپو جئسنگھاڻي راجستان، جئپور، اجمير، ڀمپاڻي، گورڌن ڀارتي، سريش سنڌو، سندر اگناڻي وغيره.

گجرات، احمدآباد- ننڍا وڏا ناٽڪ- شھر سڄو ئي ڀريل آھي، گجرات سنڌي اڪاڊمي ۽ مڙئي ناٽڪڪار- مشڪل ڪو نالو ڪائونس گسڪو ھوندو. سريش جڏھن احمدآباد اچي ٿو يا قلم ھلائي ٿو تہ مٿس پريم پرڪاش جو اثر ٿيو پوي. سائين ڪيس سني صحتمند حياتي ڏئي. جسونت ڪمار چوندو ھو تہ احمدآباد ناٽڪن لاءِ ڪارخانا آھن ۽ ائين سڄي ھندستان جي پکڙيل- وجود ۾ آيل ناٽڪ منڊلين جو احوال ڏنو اٿس. اتان جي بانيڪارن کي بہ نہ وساريو اٿس. سندس ڪيل ان ڪارج تي ٿڌي سيني

سوچجي ٿو تہ حيرت وٺيو وڃي. اڄ جي نوجوان نسل لاءِ هي اثردار مثال آهي.

اهڙو ئي عجب ۾ وجهندڙ مثال آهي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جو هو بہ سچي جمار ناٽڪن سان وابسطہ رهيو. هن سنڌي نثر جي تواريخ لکي. جيڪا شروع ڪان 1947 ورهاڱي تائين آهي.سريش جو ڪارج 1981 ڪان شروع ٿئي ٿو. تنهن هوندي بہ هن شروعاتي بہ چئپٽر ورهاڱي کان اڳ احوال جا ڏنا آهن. جيڪي سندس لکڻ موجب پريم پرڪاش جي ٿيسيز تان سڌاري لکيل آهن. سريش، ملڪاڻي صاحب جو هن جي ناٽڪن جو ذڪر ڪيو آهي پر اهڙو جذباتي نہ ڪيو آهي جهڙو ملڪاڻي صاحب جي منهن تي پوي. دهلي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ وارن ڪي ملڪاڻي صاحب جي نثر جي تواريخ ياءِ ڪونہ پوندي آهي. هنن ور ور ورجايو آهي تہ ملڪاڻي صاحب تواريخ نويس ڪونہ هو. هن جي اها لکيل تواريخ چڻ پساريءَ جو جدا جدا وکر جون پڙيون ٻڌل آهن. ڪنهن کي واڳڻ وائي تہ ڪنهن کي بصر باديءَ. سنڌ وارن ملڪاڻي صاحب کي ڀرپور عزت سان ياد پئي ڪيو آهي. دهلي سنڌي اڪاديمي وارن هاڻ تازو هنجي تواريخ کي ديوناگري لپيءَ ۾ اُلٿو ڪرائي ڇپايو آهي. مان فقط ايترو چوڻ چاهيندس تہ هيرن جواهرن جا واپاري پنهنجو وکر پڙيون ٻڌي تجوڙين ۾ رکندا آهن.

پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي ۽ پروفيسر ڪنهيالال ليکواڻيءَ بہ سنڌي نثر جي تواريخ شايع ڪئي آهي. اُن ڪان پوءِ وڏيڪ ڏس ۾ ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي اثرائتو ڪارج سڌ ڪيو آهي. تواريخ سان گڏو گڏ هن تنقيدي احوال بہ ڇپايو آهي. سندس ”ستيج“ مخزن ناٽڪ ڏس ۾ عاليشان ڪارج سِڌ ڪيو آهي. سريش بہ ڪيترن هنڌ جيٺو لالواڻي جو سبر بيان ڪيو آهي.

ڪجهہ تاثرات سري هيٺ پريم پرڪاش پنهنجي مهاڳ ۾ لکيو آهي:

”ڀرپور خوشي - گرم جوشيءَ سان آجيان - فخر ۽ فخر پريم پرڪاش شايد مشغولين ڪري ڪنهنجو مهاڳ لکڻ ڪان نٽائيندو هو. ڊاڪٽر سريش جي چوڻ موجب ٻنهي ڀاڱن جا ڇپيل پنا موڪليا ۽ پنجن ڇهن مهنن ڪان پوءِ ڪيس روبرو گڏجڻ ويس. ڏاڍو خوش ٿيو. ڪيس ڪتاب جو مواد خوب وڻيو. پنهنجي پسندي موجب ڪم ٿيل ڏنائين ۽ پوءِ مهاڳ لکيائين ۽ خوب لکيائين.

”ڀرپور خوشي - گرم جوشيءَ سان آجيان اٽڪل 900 پيجن ۾ پکڙيل سنڌي ناٽڪ ۽ رنگ منچ جي پنهنجي علحدي نموني جي اٿاهہ ، اٽڪ، ڏکيو وشواس ۾ ايندڙ محنتن جو هي روپ آڪار سامهون مسڪرائي رهيو آهي. اِهو سريش ٻلاڻي جي جاکوڙ جو جنون آهي يا جنون جي جاکوڙ.

رنگہ منچ جي ايڏي وڏي ذخيري خواہ اوکي هِتان هُتان شهرن مان، ديس پرديس مان ڪنو ڪري، ٽائينڪو ڪري نوٽس وٺي رٿائتي ترتيب ڏيندي، هر هڪ ننڍي خواہ وڏي ناٽڪ کي آڪاڻي وستار سان سمجهائيندي پوءِ سنڌي ناٽڪ جا بہ ڀاڱا تيار ڪري اسان سامهون خزانو رکڻ وارو نوجوان ڊاڪٽر سريش ٻلاڻي سان خوش تاڙين جا ٺڪاڪا ڦوڙي سيليبريٽ ڪريون.

”پنهنجي طرفان ۾“ سنڌي ناٽڪ جي ياترا جي سري هيٺ ياترا ۽ رنگمنچ ٿلهي ليکي مقام ٻڌائيندي هن ڪتاب ۾ ڪهڙي قسم جو ڪاريہ درج ٿيڻ وارو آهي. ۽ ان جو وستار ۽ احوال ڇا آهي، اهو ڪتاب جو مقصد آهي. سريش ٻلاڻي سهڻو مثالي يوگدان ڏنو آهي. سنڌيءَ ۾ اهو ائڪڊيمڪ ضرورتن کي پورو ڪندڙ ڪاريہ پڻ آهي. هاير ڪورسن لاءِ سليبس يعني تعليمي ضرورتن کي مکيہ طور ڌيان ۾ رکي ٻلاڻي مڪمل رٿا سان سرانجام ڏنو آهي. سندس پاڙهڻ وارو آزمودو ڪيس ڪم آيو آهي.

پنهنجن کن جاچنائن کي هن بي ڊپائي سان درج ڪيو آهي. محنت، جاکوڙ، اپياس، وڏا جي سمپورڻتا، تيز روشني ۽ ان کي اپلاءِ ڪرڻ جي سوجهہ ٻوجهہ سان ڪيئن ڪارگر معنيٰ خيز ڪم ٿيندو آهي. ڊاڪٽر ٻٻلاڻي جو هي سهڻو مثال آهي.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو لکيل هي مهاڳ ، سريش ٻٻلاڻي جي ڪاميابيءَ جي، ناٽڪ ڏس ۾ ، حد نشان آهي. ٻنهي کي سلام ضرور وڻائبو.

نند ڇڳاڻي
07.10.2024

◆◆

## ٽِڪندڙ

✍ گووردن شرما ’گهايل‘

ساٿيو !
مون کي سَچُ سڃاتو اَٿوَ
مان ماڊرن نہ آهيان
مان سِمارٽ نہ آهيان
نيڪ آ، اَڄَ جاڻ رهجي ويو آهيان
عقلمنديءَ جي وِصف کان
دوستيءَ جي اوٽ ۾
ڀُنيءَ ۾ ڇُرو ٽِنبڻ
پوتر رِشتن جي چادر کي
داغدار ڪرڻ عقلمندي
سَڏجي ٿي
ڪَمُ ڪڍڻ لاءِ
ڪَنَ ڀرڻ، چاپلوسي ڪرڻ
’سِمارٽنيس‘ چئجي ٿي
اَهڙي
عقلندي، ماڊرنٽي، سمارٽنيس
کان ڪٽجي ويو آهيان
سِنيهہ، سچائي، سهيوگ
جي ٽِڪندي ۾
مترتا، نيڪ نيتي، مانُ مريادا،
جي ٽِن لِيڪن کي جوڙي
ڀنهنجي چوڌاري
ٺاهيو اَٿم هڪ ٽِڪندو
اَڄڪل اَسي سالن کان
قيد آهيان اُن ٽِڪندي ۾.

◆◆

## منهنجي سڃاڻپ سنڌي ٻولي

✍ ادل سومرو

پڙهجي، لکجي ۽ سنڌي ڳالهائجي
هي متو آهي دراوڙ ديس جو
سنڌي ٻولي پاڙهجي جنهن ۾ نتي
ٻار اُن اسڪول ۾ چو موڪليان!
سنڌي ٻولي ساهہ ٿي اوکو ڪٽي
شيام جا الڪا اجايا ڪين ها
آئون ان هوٽل ۾ ويهان چو وڃي
بورڊ هڪڙو بہ سنڌيءَ ۾ ڪونہ هو
ديس منهنجي جي هوا ڏس جهومندي
گيت سنڌيءَ ۾ چوي ٿي سومرا
هو ملاحن سان ڪچهريون ٿو ڪري
سمنڊ کي سنڌي اچي ٿي سومرا
پيار جو اظهار دل سان ٿو ڪيان
ماءُ جي ٻوليءَ ۾ توسان روبرو
ها پليون آهن سڀئي ٻوليون مگر
ڳالهہ سنڌيءَ ۾ ڪيون ٿا سومرا
ٻارڙا اسڪول ۾ وينا پڙهن
شاهہ جي ٻولي ٻچي ٿي سومرا

◆◆

# پيارا شوڪت هي پڙهڻ جهڙا خط آهن

✍ رڪيل مورائي

خط ڪنهن بہ ساڌارڻ شخص توڙي ڪنهن عالم ۽ اديب جي اندر ۽ ويچار جو سچو ۽ نج اظهار هوندا آهن جيڪڏهن انهن ۾ ڇپجڻ جي لڪل خواهش نہ آهي تہ ۽ اسان جي



مانواري ڪهاڻيڪار شوڪت حسين شوري ڏانهن لکيل خط ۽ سارنگا پبليڪيشن پاران ڇپايل ڪتاب 'پيارا شوڪت' ۾ هند جي ناميارن اديبن جا خط اهڙي شاهدي ڏئي رهيا آهن تہ اهي ڇپڻ لاءِ نہ لکيا ويا آهن. پڪ سان جيڪڏهن لکندڙن کي اها خبر هجي ها تہ سندن جيئري توڙي مئي اِهي خط ڇپجندا تہ هو لکڻ وقت ان احتياط کي نظر ۾ رکن ها. جنهن کي ادبي ٻولي ۾ مصنوعيت ۽ زباني طور منافقي چيو ويندو آهي.

شوڪت شوري صاحب جا هند جي دوست اديبن جا خط سانديي نہ رکيا هئا. پر شايد ڪيس ڇپائڻ جو روح نہ هئو يا اندر ۾ ڪجهہ ٻيو هئو. جنهن سبب اهي خط اسان جي دوست اسحاق سميجي ترتيب ڏيئي پنهنجي موجود ايمانداري هيٺ انهن جو هڪ بہ لفظ بہ ڪاٽڻ کان سواءِ اهي ڇپائي ڇڏيا آهن، جن خطن ۾ ڪي اهڙا اظهار بہ آهن جن جي ڪري شوڪت حسين شورو صاحب اهي خط ڇپائڻ کان لنوائيندو رهيو ۽ اهي خط سندس وفات کان پوءِ اهي سچ ڪٽي ظاهر ٿيا آهن. جيڪي هند جي اديبن اظهاريا آهن ۽ اهي بہ لکت ۾.

”پيارا شوڪت“ ڪتاب ۾ شامل هند جي اديبن جي خطن کي ڇپڻ وقت ايڊٽ نہ ڪيو ويو آهي. اهو مرتب اسحاق سميجي جو چوڻ آهي. ان ڪري اهڙي پڪ هجڻ گهرجي تہ ڪتاب ۾ شامل هند جي اديبن جي خطن ۾ سندن من اندر جون ڳالهيون آهن ۽ اهي ڪنهن بہ مصنوعيت کان آجيون آهن ۽ اهي ڪنهن جي رنج ٿيڻ ۽ ڪنهن جي خوش ٿيڻ واري ارادي سان نہ لکيون ويون آهن. جيئن اسان وٽ اڪثر ٿيندو رهيو آهي.

هند جي ناميارن ڏاهن اديبن جا خط هن ڪتاب ۾ شامل آهن جن جا نالا هند جي سنڌي ادب جي امانت آهن، ان ۾ بہ ڳالهيون نہ آهن

هي خط هڪ ادبي ڏي وٺ آهن ويچارن جي. جيئن تہ اديب سڀ کان اول انسان آهي ان ڪري خطن ۾ ڪي انساني سڀاءُ موجب شخصي حال احوال پڻ اچي ويا آهن. ادب ۾ اهو قبول ڪيو ويو آهي اعليٰ اديبن جي زندگين کي سمجهڻ لاءِ سندن آتم ڪٿائن کان وڌيڪ سندن خط سهڪاري ٿيا آهن. سندن زندگين جي ڪن باريڪين کي جاچڻ لاءِ اهي خط ئي اهميت وارا هوندا آهن ڇو تہ اهي خط فقط ٻن ماڻهن جي اندر جو اظهار هوندا آهن. ادب يا ڪوبہ شعبو پوءِ اچي ٿو. شوڪت شوري صاحب ڏانهن لکيل خط بہ انهن انساني ڪمزورين کان آجا نہ آهن. جيڪي ڪمزوريون انسان ڪنهن بہ طرف پنهنجين ڪٿائن لکڻ وقت لڪائڻ چاهيندا آهن. جن جو اظهار هو خط ۾ ڪري ويندا آهن. جو ڪين پڪ هوندي آهي تہ اهي ٻن لکندڙن ۽ پڙهندڙن جي پهچ ۾ آهن.

”پيارا شوڪت“ ڪتاب جا خط ٻنهي حوالن ۾ پڙهڻ جهڙا آهن. خطن جي هن ڪتاب اها اميد

بہ جاڳائي آهي تہ اديبن جي لکيل خطن کي ڪتابي صورت ۾ ضرور اچڻ گهرجي. ڊاڪٽر اسحاق سميجو جس لهڻي جو هن اهي خط ڇپائي شوڪت شورو صاحب جي دل ۾ رهجي ويل خواهش جو پوراءُ ڪيو آهي. ڪتاب ۾ شامل خط لکندڙ آهن موهن ڪلپنا، لعل پشپ، شيام جئسنگهاڻي، وشنو ڀاٽيا، لڇمڻ ڪومل، هري موٽواڻي، ڊاڪٽر موتي پرڪاش، نند جويري، پروفيسر هيرو شيوڪاڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، واسديو سندو ڀارتي، آنند ٿهلراماڻي، ديوي ناگراڻي ۽ ڪمل ڀياسي.

هڪ سؤ ٻارهن صفحن ۽ ٽي سؤ رپين جي ملهہ وارو هيءُ ڪتاب جڏهن پڙهيو ويندو تڏهن شوڪت شورو صاحب ياد ايندو. سندس مانيٽي مرڪ ياد ايندي ۽ سندس ڪهاڻيون ياد ايندين. سنڌي ادب ۾ خطن جي ڪتابن جو انگ ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ بنهہ ٿورو آهي. ڪتاب فقط انگ جو واڌارو نہ آهي. پر هڪ ادبي خطن جي ڪتاب جو واڌارو آهي. جيڪو سنڌي ادب جي غربت گهٽائڻ ۾ واڌارو ڪندو.

◆◆

## غزل

✍ ڪنعيو شيواڻي - ڀوپال

- وٽي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
سونهين ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
- جتي گهر جاياتي نہ پنهنجا لڳن ٿا
هجي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
- ڪڏهن پٽ هئان ۽ هُئان پٽ ڪجي ٿي
نهي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
- نہ اوطاق ڪائي، اڱڻ ڪو بچيو آ
لڳي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
- نندا ٻارڙا جت رهن چپ چاپ ۾
کلي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
- هئان ڪان هتي بس ڦرن گهر جا ڀاتي
ڦري ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
- لڳي ٿو اِئين جڻ هت سُتل سڀئي
اُٿي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
- نندين مان وڏا سڀ اتي ئي ٿياسين
وڌي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو
- ڇا ماحول آهي، جهان جي خبر اَٿن
پڇي ئي نٿو اَڄ ڪو ماحول گهر جو.

◆◆

## جِيون

✍ ڪي. ٽي. دادلاڻي 'ڪانها'

جيون ۾
زندگيءَ کي
جي سگهان ٿو
ڪرم
امرت آ
ان کي
پي سگهان ٿو
هرش ڀير سان
نڀائڻ
سَي سگهان ٿو
ڳولهي ڪي
پريم جا
موتي سگهان ٿو
ڦري
گيان جي
چولي سگهان ٿو
مرلي
ڪانها جي وڳي
آنند ۾
ٻڏي يوڳي
سگهان ٿو

◆◆

# سائنس ۽ سوچ

✍ صاحب ڏنو شمو

* دنيا ايترن تہ خوبصورت گوناگون رنگن سان ڀريل آهي جو ماڻهوءَ جو انهن رنگينن ۾ گم ٿي وڃڻ ڪڏهن ڪڏهن اٽڪر ٿي پوندو آهي.

* هر ماڻهون جي اندر اها خواهش موجود رهي ٿي تہ خوبصورت پرسڪون هنڌ ڏانهن هليو وڃي، پر انسان جي هڪ سماجي جيو هجڻ جي ناتي مٿس مختلف ذميواريون بہ موجوده رهن ٿيون. جيڪي سندس خواهش کي دٻائي ڇڏين ٿيون. جنهن جو اثر سندس ذهن ۽ دل تي پوي ٿو. جيڪو وري مختلف بيمارين جي شڪل ۾ اثر انداز ٿئي ٿو.

* اهڙي حالت ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي حال ۾ رهڻ سڀ کان وڌيڪ فائديمند ٿي سگهي ٿو. حال ۾ رهڻ جا بہ طريقا آهن. انهن ۾ هڪ طريقو پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ وارو بہ آهي. پنهنجي چوڌاري انسانن کان پري هليو وڃڻ بجاءِ انهن جي وچ ۾ رهڻ بہ ٿي سگهي ٿو. انهن تڪليفن جي باري ۾ سوچڻ ۽ انهن تڪليفن کي ختم ڪرڻ/گهٽائڻ جي باري ۾ اپاءُ وٺڻ تي بہ سوچي سگهجي ٿو.

مثال ڪو شخص پنهنجي دل ۾ ڪنهن خوبصورت هنڌ تي وڃي رهڻ جي خواهش رکي ٿو. ٻيو شخص پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي پنهنجي سماج ۽ حالتن کي بدلائي ان کي خوبصورت بڻائڻ بابت ويچاري ٿو. ٻنهي منجهان بهتر عمل ڪهڙو آهي اهو اسين پاڻ سوچي سگهون ٿا.

* اربين انسانن جي هن گولي جي ماضيءَ تي جڏهن نظر ڪبي تہ ماضيءَ جا وحشي ترين ماڻهون اڄ مثبت روين جي ڪري دنيا ۾ پنهنجن ملڪن کي بهترين ملڪ بڻائي ٻين لاءِ مثال قائم ڪري چڪا آهن. جن ۾ يورپ ۽ يورپ ۾ سويڊن ٻنهي حالتن ۾ (منفي ۽ مثبت) نمبر ون نظر ايندو. ڪلهہ هو منفي هيا اڄ مثبت آهن.

اسان جو سائين مشتاق ميراڻي صاحب چوندو آهي تہ يورپ ۾ اوهان ڪنهن بہ هنڌ هجو ۽ اوهان جي چهري تي ٿوري بہ پريشاني جو تاثر اچي وڃي تہ توهانجي آس پاس ڪونہ اچي چوندو can I help you جيڪو هڪ مثبت رويو آهي.

سائنس ايجاد وسيلي پنهنجي ايجاد جو جيترو جاڳندو ثبوت ڪٿي دنيا آڏو پيش ڪري ٿي. جيڪي قومون سائنسي بنياد تي عمل پيرا آهن سي ڪنهن بہ قسم جو خطرو محسوس ڪرڻ بجاءِ انجي منفي ۽ مثبت پاسن تي سوچين ٿا ۽ مثبت پهلوئن کي پنهنجو بڻائين ٿا.

انڪري ئي اسان کي چيو ويندو آهي تہ سائنسي سوچ پيدا ڪريو تہ جيئن توهان جي اندر تبديلين سبب ٿيندڙ افاديت منجهان فائدو حاصل ڪري سگهون.

سو اڄو تہ سائنسي سوچ جو ڏس ڏيندڙ ڏاهن جو چيو وٺو. پاڻ کي پنهنجي حالتن کي مثبت انداز ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ اپاءُ وٺون.

◆◆

# تندرستيءَ جو خزانو

✍ چونڊ - حنيف عبدالله

## پسيل ڪشمڪش جا ڇهه حيران ڪندڙ فائدا



اهو اهم ذريعو قرار ڏنو ويندو آهي اها حقيقت ۾ انگورن کي خشڪ ڪري تاهي ويندي آهي ۽ ان جو شمار به خشڪ ميون ۾ ٿيندو آهي. ڪشمڪش فوري طور تي توانائي فراهم ڪرڻ جو هڪ اهڙو آزگينڪ جز آهي. جيڪو بنان ڪنهن نقصانن جي صحت لاءِ تمام فائديمند هجي ٿي.

**ڪشمڪش کي پاڻيءَ ۾ ڀسائڻ جو طريقو:** ڪشمڪش جا مختلف طريقا هوندا آهن جن ۾ ذائقي جا به فرق هوندا آهن پر فائدن جي حوالي سان سڀ قسم هڪ جهڙا هوندا آهن ان کي پاڻي ۾ پسائڻ وارو طريقو به تمام بهترين هوندو آهي. ان لاءِ پندرهن کان ويهه داڻا خشڪ ڪشمڪش کڻو ۽ پوءِ ان کي صحيح نموني ڌوئي وٺو، ان کان پوءِ ان کي هڪ گلاس پاڻي ۾ وجهي سڄي رات پيل رهڻ ڏيو ان کان پوءِ صبح نيراني اها کائي ڇڏيو ۽ باقي کي پي ڇڏيو.

پاڻ سڳورن جن جي دور ۾ مختلف بيمارين کان بچڻ لاءِ سائين جا نبيذ پيئڻ جو چوندا هئا. سائين مبارڪن پاڻ به مختلف نبيذ جو استعمال ڪيو آهي، نبيذ اهوئي هوندو آهي ته ڪشمڪش، بادام ۽ ٻيا خشڪ ميوا رات جو پاڻي ۾ پسيل رهڻ ڏيو. ۽ صبح جو اهو ميوو کائڻ کان پوءِ پاڻي پي ڇڏيو. ڄاڻايل طريقو ڪشمش جو نبيذ به آهي.

**ڪشمڪش کي پاڻيءَ ۾ پسائي ڇو کائجي:** ڪشمڪش کي پاڻي ۾ پسائي کائڻ سان ان جا فائدا وڌي ويندا آهن ۽ اها فوري طور تي رت جو حصو بڻجي ويندي آهي. جنهن جي ڪري صحت تي هاڪاري اثر پوندا آهن. ان کان سواءِ ان جي اينٽي آڪسيڊنٽس اثرن ۾ به واڌ ٿيندي آهي.

**پسيل ڪشمڪش جا فائدا:** هوئڻ ته پاڻي ۾ پسيل ڪشمڪش جا ڪيترائي فائدا آهن. پر اسان هتي انهن مان ڪجهه هيٺ ڄاڻايون ٿا.

جسم کي زهريلي مادن کان پاڪ ڪرڻ

جڏهن ڪو ماڻهون نيراني ڪشمش وارو پاڻي پيئندو آهي ۽ ڪشمش کائيندو آهي ته ان سان جسم ۾ موجود زهريلا مادا ڊيٽوڪسيفائي ٿي ويندا آهن. ائين ڪرڻ سان هڪ پاسي ته صحت بهتر ٿيندي آهي ته ٻئي پاسي ڪيترين ئي بيمارين کان به محفوظ رهندو آهي ۽ مدافعتي قوت ۾ واڌ ٿيندي آهي.ڦيق جا نتيجا جرنل جاما نيورولوجي ۾ ڇپيل آهن.

◆◆

* خراب ڪتاب اهڙو زهرآهن- جيڪي جسم کي نه روح کي ماريو ڇڏين. (ٽالسٽاءِ)
* اهو گهر ويرانين کان بدتر آهي - جتي ڪتاب نه هجن (حضرت علي ڪرم الله)
* ڪتابن کي اجازت ڏيو ته توهان کي سيکارين ته جڳ ۾ ڪيئن جيئبو آهي.

# اوارڊ واپسي

✍ نند ڇڳاڻي

ساهتيه اڪاڊيمي خود مختيار ادارو آهي. جنهن ۾ اڄ تائين سرڪار ڪابه حد دخلي نه ڪئي آهي. اڪاڊيمي هندستان جي ٢٤ٻولين ۾ انعام ڏيندي آهي. اهي سرڪاري انعام ڪونه آهن. ساهتڪارن جي قدرشناسي آهي. هن جو اِنعامي جلسو به جڳه مشهور آهي. انعام به صاف سٿري طريقي سان ڏنا ويندا آهن.٣٠.٠٨.٢٠١٥ ڏينهن ڌاروار ڪرناٽڪ جي ساهتيه اڪاڊيمي انعام ڪٽيل مسٽر ايم.ايم. ڪلبرگي کي سندن گهر وٽ خون ڪيو ويو. اهو ساڄي ڌر ۽ کاٻي ڌر وچ ۾ خيالن جو ٽڪراءُ ثابت ٿيو. انهيءَ ٽند کي کڻي جدا جدا ٻولين جي ٣٩ساهتڪارن-عاليِ اديبن ۽ شخصيتن حاصل ڪيل ساهتيه اڪاڊيمي انعام اعتراضن طور واپس ڪيا.

2017 جي پارليامينٽ واري اجلاس ۾ انهن انعامن جي واپسي کي کڻي بحث ٿيو ۽ اُن کي 'سياسي رنگ' ڏئي سرڪار خلاف آواز طور پارليامينٽ ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي. جنهن جي رپورٽ هاڻ هلندڙ اجلاس ۾ منظوريءَ لاءِ رکيل آهي. ٻڌجي ٿو ته سرڪار هاڻ اڪاڊيميءَ جي خودمختياريءَ تي ڪاٽ هڻڻ واري آهي. انعام حاصل ڪندڙن کان قانوني طور اڳ۾ ئي لکائي وٺندا ته اڳتي ڪنهن به صورت ۾ انعام واپس نه ڪندا. جيتوڻيڪ اهو انعام واپس ڪرڻ وارو قدم سرڪار خلاف اصل ڪونه هو. خيالن جي ٽڪراءُ کي واڪو ڪرڻ جو وسيلو رهيو. ان تي نشاندهي ڪرڻ جڳائي.

ننڊ ڇڳاڻي

(ڪونڄ) 05 آگسٽ 2023

◆◆

## غزل

✍ مسڪان ٻچاڻي

- تنهنجي منهنجي سوچ، فرق آ،
غزل لکڻ يا گيت، ترڪ آ.
- قلم هٿن ۾ آ پنو پڻ آ،
ڏيان مگر ٻئي هنڌ غرق آ
- هيٺ مٿي ڪٿي آهي سو،
هت ئي سرڳ، هت ئي نرڪُ آ.
- عام جڌهن جذبو جاڳايو،
بدليو تاريخ ورق آ.
- جيون ۾ ڀٽڪڻ کان پوءِ ڄاتو،
چاهت ئي 'مسڪان' عرق آ .

◆◆

## سنگ جو رنگ

✍ چندرلعل ٽڪر 'غافل'

Mob:. 9969634405

- زندگيءَ ۾ جي تون سُک چاهين
ڪر ست پُرشن جو سنگ.
- اَڄُ نه سُڀاڻي توکي به
پڪ لڳندو اُنهن جو رنگ.
- ايندو تنهنجي سوچ ۾ ڦيرو
ڦري ويندءِ جيئڻ جو ڍنگ
- سڃاڻ تون پنهنجو پاڻ کي
آهين تون به ايشور جو انگ
- رکندءِ پڪو وشواس دولهه تي،
جهولڻ ڪٽندو تنهنجو ننگُ
- نه رکندءِ ڏيان شين جو پورو،
سر سبز باغ ٿي ويندءِ جهنگ

◆◆

# To avert 'award wapsi', Parl panel bats for 'no return' undertaking

✍ **Ambika.Pandit**

timesofindia.com

**New Delhi:** Upset over literary figures returning their awards to protest against the rise of " intolerance" but staying engaged with the Akademies that gave them the recognition, a parliamentary panel has reiterated its suggestion that the relevant bodies ask for an undertaking from potential recipients that they would not disrespect the recognitions.

The panel on transport, tourism and culture, headed by JD(U)'s Sanjay Jha, said the govt's concern that taking prior commitment would breach the privacy policy where names of recipients are kept a secret until publicly disclosed, could be addressed by getting them to sign a non-disclosure agreement. The culcure ministry had said taking prior commitments might be difficult to enforce legally.

"Alternatively, the ministry should explore other measures to prevent similar issues in the future. Additionally, a policy should be established to monitor artists who have returned their awards but remain affiliated with the Akademi," the panel said.

The report, which was presented in Lok Sabha on "Monday, recalled recipients returning awards given by various Akademis in protest against certain political issues which it said were "outside the ambit of the cultural re- alm and the autonomous functioning of the concerned Akademi". The committee said return of awards undermined achievements of otherawardees, besides impacting the prestige and reputation of the awards.

The committee said the awards given by each Akademi were the top honours for an artist in India and they emphasised that Sahitya Akademi and other Akademis are a political organisations. Pointing out that there was no space for politics, the committee had recommended that a system may be put in place where an undertaking is taken from the proposed awardee citing acceptance of the award and that the "wardees cannot dishonour the award.

**- FromTimes of India, Mumbai**
**Feb-04-2025**

◆◆

---

# चूहा और हीरा

✍ **मुकेश कीमतानी**

एक चूहे ने हीरा निगल लिया तो हीरे के मालिक ने उस चूहे को मारने के लिये एक शिकारी को ठेका दिया। जब शिकारी चूहे को मारने पहुँचा तो वहाँ हजारों चूहे झूंह बनाकर एक दूजे पर चढ़े हुए थे। मगर एक चूहा उन सबसे अलग बैठा था शिकारी ने सीधा उस चूहे को पकड़ा जिसने डायमन्ड निगला था।

अम्भित डायमन्ड के मालिक ने शिकारी से पूछा, हजारों चूहों में से इसी चूहे ने डायमन्ड निगला यह तुम्हें कैसे पता लगा? किारी ने जवाब दिया बहुत ही आसान था, जब मूर्ख धनवान बन जाता है तब अपनों से भी मेल-मिलाप छोड़ देता है।

◆◆

# پيارا ٻالڪ تہ ٻڌ مُنهن هيڏي ڪري...

✍ يوڳراج اين. ڪيماڻي ’ڪرانتي‘
سنڌي ڀاشا پرچارڪ
Mob:. 9821607039



پيارا ٻالڪ تہ ٻڌ، مُنهن هيڏي ڪري،
سنڌي ٻولي سنڌين کان، سِڪ تي گُهري.

1. پنهنجي ٻوليءَ کي، جو ڀُلائي ڇڏيئہ
چو عقل کي تالو، لڳائي ڇڏيئہ،
پنهنجي ٻوليءَ کان پيارا، رهہ نہ پري
سنڌي ٻولي سنڌين کان، سِڪ تي گُهري

2. چو خود کي ڏوهاري، بڻائين پيو!
چو پيرن تي ڪُهاڙي، لڳائين پيو!
ذرا هوش ۾ آءُ، پيارا ڏيان ڌري،
سنڌي ٻولي سنڌين کان، سِڪ تي گُهري

3. بچائن ٻولي تا، سچا سنڌي سُهڻا
وڃائن ٻولي تا، تو جهڙا ڏِٺا
ٻولي تہ سنڌين لاءِ پيئي سِڪ ۾ مَري
سنڌي ٻولي سنڌين کان، سِڪ تي گُهري

4. سِڪ سان ڏِٺُہ جنهن، صدين کان سهارو
مڃ احسان اُن جو، ڪرين ڇو ڪنارو
ٻوليءَ جا ميون ڦورا، دل درياهہ ڪري
سنڌي ٻولي سنڌين کان، سِڪ تي گُهري

5. اسين آهيون سنڌي، سڏايون سنڌي
اسين شانُ ٻوليءَ جو، وڌايون سنڌي
ٻالڪايون سنڌي، ٻاتُ اوچو ڪري
سنڌي ٻولي سنڌين کان، سِڪ تي گُهري

◆◆

ڌرتيءَ جي ڌنارن کي ڌڙڪا پيلي ڏيو، پر ڌرتيءَ جي ڌنارن کي جُهڪائي ڪڏهن بہ نہ سگهندو.
(سائين عطا محمد ڀنڀرو)

## غزل ✍ ناري لڇواڻي

- گهر ۾ جاءِ نہ پانيان
ڦُن کي ڪيئن گهرايان
- بَندِشِ غير - خُدائي
رشتا ڇو نہ بڻايان
- من اندر ڪاتُ لڳو
ڪنهن وٽ دانهن لِکايان
- جسم اندر آهي ڪجهہ
موڪل ڏي چورايان
- دل ٽوڙي، ٽوڙي هوُ،
پوءِ بہ تو مُسڪايان
- تون چاهين تو جهڙو
مون جهڙو، مان پايان
- تنهنجي منهنجي فطرت
جڳہ کي ناچ نچايان
- رُئڻ - رُئڻ سڀ جا سڀ
ڪنهن ڪنهن کي پرچايان
- ماءُ چيو گُلُ مون کي
روز ٽڙان، مُرجهايان.

◆◆

اگر محبت ورهائڻ جي سگهہ نٿا رکي سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ نفرتن کي هوا ڏيڻ جو سبب نہ بڻجو.

-------

منهنجا محبوب جيڪڏهن درياهہ ۾ پاڻي نہ هوندو تہ پنهنجي ڪهاڻي بہ نہ هوندي.
درياهہ تنهنجي منهنجي محبت جو ضامن آهي.

-------

گر تعليم حاصل ڪرڻ سان شعور اچي ها
تہ پوءِ آفيسن ۾ ويٺل آفيسر
بداخلاق ۽ رشوت خور نہ هجن ها.

-------

انمول تہ ناهيون مگر خيال رکجان
اسان کان پوءِ متان اسان جهڙو نہ ملئي

-------

ڪنهن جي حيثيت سان ڪو تعلق ناهي
پنهنجي زندگي جا نواب آهيون اسين

# ماڻهپي کي ڳنڍيندڙ ست جذبا

عبدالرحمن پيرزادو

ماڻهوءَ جو ارتقائي تجربو پيچيد طور تي ڪيترن ئي جذبن سان متاثر هوندو آهي. جيڪو اسان جي حياتيءَ جي اسان کي جوڙيندو آهي. انيڪ جذباتي منظر جن کي اجان ڪو نانءُ بہ ڏئي ناهيون سگهيا. انهن مان جن جذبن مان تڙڳي اسين پار پئون ٿا. انهن مان ستن بنيادي جذبن کي سائنسي طور ثقافتن ۽ نسلن ۾ اپياس ڪري تسليم ڪيو ويو آهي. اهي جذبا ماڻهپي جي بنيادي احساسن ۾ شامل آهن ۽ اسان جي سوچن، روئين ئو رشتن کي ترتيب ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. انهن ستن جذبن کي سڃاڻڻ، سمجهڻ ۽ ماڻڻ ۾ اسان جي ڀلائي آهي. جيڪي اسان کي چؤطرف وارو منڊل ۾، سماج ۾ ڪائنات ۾ باقي هڪجهڙن ۽ ساهوارن ڪئون ويندي مڙني لقائن سان پنهنجائپ ۽ همدردي پيدا ڪرڻ ۽ اُنهن سان ڳانڊاپي ، سنگت ۽ نسبت لاءِ اهم آهن. هتي انهن ستن جذبن جو ٻعارف، وصفون، اهميت، بنيادي طريقيڪار ۽ اسانجي حياتيءَ تي انهن جو اثر ڪيئن ٿئي ٿو، جو هڪ مختصر تعارف لکڻ جي ڪوشش ڪندس.

جيئن مون اڳ ۾ لکيو تہ، ماڻهوءَ جا بنيادي جذبا سَت آهن. جيڪي سائنسي طور مختلف سماجن، ثقافتن، نسلن، علائقن، ٻولين، طبقن،رهڻين ڪهڻين ۾ جانچي ۽ تسليم ڪيا ويا. جيڪي ارتقائي عمل مان گذري جهڙوڪمن جو جُڙُ تي ويا آهن. اُهي آهن : (1) ڪاوڙ، (2)ڊپ، (3)پريشاني (4)آنڊ مانڊ، (5) خوشي، (6) اُداسي يا ڏک، (7) پئو.

هر جذبي جون منفرد خاصيتون ، جسماني رد عمل ۽ روئين جو اظهار ماڻهوءَ کي سندس جَهانَ کي سمجهڻ ۽ ساڳاهڻ جي توانائي ۽ سگهہ ڏين ٿيون.

جينوٽيڪ مختلف سماجن ۾ اهو مختلف بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي جذبا ڪيئن بيان ڪيا ويا آهن ۽ ثقافتن ۾ ڪيئن سمجهيا وڃن ٿا. انهن ستن جذبن جا بنيادي تجربا ماڻهپي کي ڳنڍيندڙ هڪ اهم سلسلي طور ڪم ڪن ٿا. انهن جذبن کي سمجهڻ ۽ سکڻ سان، اسان نہ رڳو پنهنجي اندروني منظرنامي جو شعور حاصل ڪن ٿا. پر ماڻهوءَ جي مختلف حالتن ۽ ڪيفيتن جي ڄاڻ پڻ ملي ٿي.

(1) **ڪاوڙ** : ڪاوڙ هڪ طاقتور ۽ شديد جذبو آهي. جيڪو ڪنهن اڻ ڄاتل خوف، ڌمڪي، ناانصافي يا مايوسيءَ جي ڪري پيدا ٿئي ٿو ۽ جيڪو وري ناراضگي، ساڙ ۽ مهاڏو اٽڪائڻ ، ڪنو جواب ڏيڻ يا بدلي وٺڻ جي خواهش کي جنم ڏئي ٿو.

ڪاوڙ هڪ فطري بچاءُ جو طريقو آهي. جيڪو اسانجي توانائيءَ کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيل ڪيفيت جو حل ڳولهڻ لاءِ آهي، تنهن هوندي جيڪڏهن ان کي سمجهي ۽ پنهنجي وس ۾ نہ رکيو وڃي تہ اهو جاريت ۽ اڳرائي وارو جذبو بہ پيدا ڪري سگهي ٿو. ڪاوڙ کي صحتمند انداز ۾ ڏڪرڻ ۽ زور ذريعي ڪو مسئلو حل ڪرڻ بدران ان جذباتي توازن برقرار رکي پنهنجي انهن خدشن جو برطلا اظهار ڪرڻ جيڪي ناراضگي، ساڙ، مهاڏو اٽڪائڻ، ڪُنو جواب ڏيڻ يا بدلي وٺڻ جي خواهش جو سبب بڻجن ٿا.

(2) **ڊڄ** : ڊڄ يا خوف هڪ بنيادي جذبو آهي. جيڪو لاشعور ۾ پيدا ٿئي ٿو. جڏهن اسان حالتن کي حوصلي سان منهن ڏيون ٿا. اهي حالتون جن کي اسان پنهنجي لاءِ خطرناڪ يا خطرو سمجهون ٿا. اهو سمجهه جي جواب ڏيڻ جي سگهه يا ڀڄڻ کي متحرڪ ڪري ٿو. اسان کي خطري کي منهن ڏيڻ يا ان کان ڀڄڻ لاءِ تيار ڪري ٿو. ڊڄ حقيقي يا تصوراتي خطرن مان پيدا ٿي سگهي ٿو اهو عقلي يا هرهر منطقي به ٿي سگهي ٿو.

ڊڄ جتي اسان کي نقصان کان بچائي سگهي ٿو. اُتي اجايو سجايو يا گهڻو يا غير معقول خوف اسانجي حياتين کي به محدود ڪري سگهي ٿو. ۽ اسانجي صلاحيتن کي پڻ محدود ڪري سگهي ٿو. ڊڄ جي بنيادي سببن کي سڃاڻڻ ۽ پاڻ کي ڊڄ وارين حالتن ۾ پاڻ هرتو وجهي پنهنجي خوف کي منظم ڪرڻ ۽ ان تي ضابطو حاصل ڪرڻ سکي سگهون ٿا.

(3) **پريشاني** : پريشاني امڪاني خراب نتيجن يا غير يقيني صورتحال تي مسلسل ۽ بار بار سوچڻ جو هڪ روپ آهي. جيڪا گهڻو ڪري تڏهن پيدا ٿئي ٿي ، جڏهن اسان غير يقيني محسوس ڪندا آهيون يا مستقبل جي واقعن تي وَسَ ۾ لاچاري محسوس ڪندا آهيون. پريشان ٿيڻ ممڪن مسئلن جي توقع ڪرڻ ۽ ان ڏس ۾ پاڻ کي تيار ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. پر جيڪڏهن اهو سمجهي نه سگهجي ته پاڻ پريشانيءَ جو سبب به بڻجي سگهي ٿو ۽ پريشانيءَ کي به وڌائي سگهي ٿو.

خدشا سمجهڻ ۽ انهن جي سببن کي جانچڻ اسان کي مسئلو حل ڪرڻ ۽ افواهن ۾ فرق ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. دٻاءُ گهٽائڻ وارين سرگرمين ۾ مشغول ٿي ذهن‌سازيءَ جي مشق ڪري ۽ مدد طلب ڪري پڻ پريشانيءَ کي ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ متوازن ذهني ڪيفيت کي همٿي ڏئي سگهجي ٿي.

(4) **آنڌمانڌ** : آنڌ مانڌ اها ڪيفيت آهي جڏهن پريشاني به ماڻهوءَ جي پريشانيءَ کان ٻاهر ٿي وڃي ٿي ۽ عام رواجي حالتن جي باري ۾ اڻ تڻ، بيچيني ۽ گهڻو پريشاني جي مسلسل حالت ڏانهن اشارو ڪري ٿي. جنهن ۾ ڪو هڪ انڌو خوف يا آسرو، ڪا اڻ ٿيڻي اميد، اڪثر ڪري ٻين جسماني علامتن جهڙوڪ دل جو تيز ڌڙڪڻ، پگهر اچڻ، ساهه نه کڻي سگهڻ سان گڏ ٻاهر ٿيندي آهي.

پريشانيءَ جي اها خرابي روزاني زندگيءَ ۾ نه رڳو مداخلت ڪري سگهي ٿي. پر هڪ مصيبت جي شڪل وٺي ماڻهوءَ جي جملي ڪارڪردگيءَ کي پڻ خراب ڪري سگهي ٿي. ان ڪري اهڙي لڱائيءَ جو بروقت علاج ڪرائڻ ضروري آهي. جنهن ۾ دلاسو، دوا. ذهني دٻاءُ جي حالت مان نڪرڻ جي سين ۽ حياتيءَ جي معمول ۾ تبديليون شامل آهن. انڪري اهڙي ڪيفيت جيڪا فطري طور هر ماڻهوءَ ۾ پيدا ٿي سگهي ٿي. تنهن مان نقصان کان بچڻ لاءِ مستند ذهني ۽ نفسياتي معالج سان مشورو ڪجي ۽ اتان کان پاسو ڪجي.

خاص ڪري اهڙيون شيون واپرائڻ کان به پاسو ڪجي. جن جي وري اڳتي هلي عادت پئجيو وڃي. منهنجو اشارو نشي وارين شين ڏانهن آهي جيڪي وقتي طور ته اهڙي ڪيفيت مان نڪرڻ جو وسيلو ٿين ٿيون. پر اڳتي هلي وري پاڻ ساڳي ڪيفيت جو سبب بڻجن ٿيون. جيڪا هڪ لڱائيءَ مان ڦري بيماري ٿي وڃي ٿي.

(5) **خوشي** : خوشي هڪ هڪاري جذبو آهي. جيڪو ڪاميابين، ڪامرانين، حاصلات ۽ خوشحالي

سان لاڳاپيل آهي. اهو خوشگوار تجربو، جيڪو ڪاميابين يا ٻين سان رابطن مان پيدا ٿئي ٿو. خوشي ڪنهن چمڪندڙ مسڪراهٽ ، کلڻ يا ٽهڪن جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿو. خوشي جو تجربو مجموعي خوشحاليءَ کي هٿي وٺرائي ٿو. رشتن ۾ نکار پيدا ڪري ٿو. ۽ ماڻهون ۾ سهپ پڻ وڌائي ٿو. اهڙن ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ جيڪي خوشين جو سبب بڻجن. تعلق جو وسيلو بڻجن، ڪاميابين جو دڳ ٿين. رشتن کي پالڻ، خوشين کي وڌائڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ اهم هجن.

(6) **اُداسي يا ڏک :** اُداسي يا ڏک هڪ گنڀير جذبو آهي. جيڪو نقصان، مايوسي يا خواهشن مان پيدا ٿئي ٿو. اهو حياتيءَ جي تجربن جو هڪ فطري رد عمل آهي. جيئن فوتگي، ڪنهن پياري جو وڇوڙو، رشتي جو خاتمو، يا اڻپوريون اُميدون.

اداسي جذبن جي هڪ حد کي بيان ڪري سگهي ٿي. جن ۾ اڪيلائي، نراسائي، نااميدي ۽ خالي پڻو شامل آهي. ڏک وري ڪنهن گهري ظلم ۽ ماتم جو تجربو آهي. جڏهن ڪو ماڻهو ڪا شي يا ڪجهه اهم گم ٿي ويندو آهي. پنهنجو پاڻ کي آئت ڏيڻ ۾ غم گذري ڪرڻ، اداسي يا ڏک کي ساري سنڀاري ان جي مداوا ڪرڻ مان پار پوڻ ۽ برداشت ڪرڻ جو ڏانءُ سکڻ پڻ حياتيءَ جو هڪ اهم حصو آهي. ٻين مان مدد ڳولهڻ، شغل ڳولهڻ ۽ اظهار لاءِ صحتمند ماحول ڳولهڻ انهن جذبن کي سهسائڻ ۾ مدد گار ٿي سگهن ٿا.

(7) **ڇرڪ :** اندر جو ڇرڪ، ڊپ کان اڳ جي ڪنهن اوچتي ۽ غير متوقع خطري لاءِ هڪ مختصر ۽ شديد رد عمل آهي. اهو هڪ فوري جسماني رد عمل کي متحرڪ ڪري ٿو. هڪ سيسراٽي جهٽڪي يا ڇرڪ جو سبب، دل جي ڌڙڪڻ ۾ واڌ ۽ ڪاوچتي اڻ ساريل سارَ.

ڇرڪ هڪ فطري ۽ خود ڪار جواب آهي. جيڪو اسان کي خطرن تي تکڙو رد عمل ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. ٿوري گهڙيءَ لاءِ اهو اسان کي پريشان ۽ ڪمزور ڪري سگهي ٿو. وڌا گهرا ٿڌا ساهه کڻي ۽ پاڻ کي آئت ڏيڻ جا گُر سکي، پاڻ کي شانت ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهجي ٿي. ڇرڪ محسوس ڪرڻ کان پوءِ جسم ۽ دماغ کي منظم ڪرڻ ضروري هوندو آهي.

هاڻي جيڪڏهن ائين چئجي ته اهي ست جذبا ماڻهوءَ جي احساسن جي منظرنامي کي سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ لاءِ هڪ بنياد فراهم ڪن ٿا ته وڌاءُ نه ٿيندو. ڪاوڙ، ڊپ،پريشاني، آنند مانڊ، خوشي، اداسي يا ڏک ۽ ڇرڪ ماڻهپي جي بنيادي جذبن جي عڪاسي ڪن ٿا. جيڪي اسان جي سوچن، روين ۽ مجموعي چڱيلائيءَ تي اثر انداز ٿين ٿا. انهن جذبن کي سڃاڻڻ ۽ قبول ڪرڻ سان اسان جذباتي ذهانت کي هٿي وٺرائي سگهون ٿا. پاڻ ۾ همدردي پيدا ڪري سگهون ٿا. پنهنجي پاڻ ۽ ٻين سان صحتمند رشتن کي استوار ڪري سگهون ٿا.

◆◆

---

✍ **واٽس آپ**

* مسڪراهٽ به انسان جو عظيم رازآ.
* زندگيءَ ۾ اهڙو دوست به رکو جيڪو آئينو به هجي ۽ پاڇو به
* آئينو ڪوڙ نه ڳالهائيندو آ
  ۽ پاڇو اڪيلو ناهي ڇڏيندو

# لاڪ ڊائون جا ڏينھن ۽ راتيون

ليک : امداد سولنگي

ڪينسر جي بيماريءَ ۾ انسان ويچارو ڪھڙي عذاب ۾ ونبو آھي. اھا بيماري رڳو ان ھڪڙي گھر جي ڀاتي تائين محدود ناھي رھندي پر مرض جي جر ھر ڀاتيءَ کي بہ ساڙي رک ڪري ڇڏيندي آھي. ۽ ھر ڏينھن ڄڻ يوم الحساب جھڙو ڏيک ڏيندو آھي. موت اڌ دم، سڄو دم سوال جي نشاني يان وري عجب جي نشاني تہ ضرور ٿي سگھي ٿو. پر اھو پورو دم نہ آھي. جڳ مشھور آمريڪي شاعر والٽ وٽمئن بہ ساڳي خيال کي پنھنجي شاعري جي اھم ڪتاب ليوز آف گراس ۾ ور ور ڪري ورجايو آھي. سندس ان ڪتاب جو مرڪزي خيال بہ اھوئي آھي. ايتري تائين جو ڪجھہ سھيوڳي ليکڪن والٽ وٽمئن کي موت کان اتساھيل ليکڪ پڻ قرار ڏنو. والٽ وٽمئن اھو مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ آھي تہ ڪو موت سان انسان جو مڪمل خاتمو ٿي وڃي ٿو. والٽ وٽمئن ان خيال کي چٽي ڪرڻ لاءِ Total Ceasation جو اصطلاح پڻ رواج ۾ آندو ۽ چيو تہ death is not total ceasation of personal identity اڄ جڏھن سرحد پار کان ننڍي ننڍي کنڊ جي اھم آرٽسٽ عرفان خان جي چالاڻي جو ڄاڻ پھتو آھي. والٽ وٽمئن جا لفظ منھنجي خيالن جا در کڙڪائڻ لڳا آھن. فطرتي طور ڏک جي تمام وڏي ديوار منھنجي چوڌاري کڄي وئي آھي. ڪينسر جي مرض جو خبر ناھي تہ ڪو عشق آھي آرٽسٽن سان الاءِ ڇا جو ننڍي کنڊ جي نوجوان پاپ ڳائڻي نازيہ حسن بہ ان مرض جو شڪار ٿي نوجواني ۾ موڪلائي وئي ھئي. آمريڪن اينيميشن انڊسٽريءَ جو باني والٽر ڊزني بہ ڪينسر ۾ موڪلايو، آمريڪن آسڪر انعام حاصل ڪندڙ اداڪار پال نيومين بہ ڪينسر ۾ وچڙي ويو. جڳ مشھور راڳي باب مرلي بہ ڪينسر وگھي اکيون بند ڪيون. بالي ووڊ جي تمام وڏي اداڪار ونود کنا بہ ڪينسر جي چنبي ٿيو. مشھور انڊين اداڪارائن سونالي بيندري، منيشا ڪورالا ۽ ليزاري جا ڇا حال ھوندا جيڪي ان مرض سان مڙس ماڻھوءَ وانگر جھيڙي رھيون آھن. ڪافي سال اڳ سنجيہ دت جي امڙ نرگس، پھريون سپر اسٽار راجيش کنا، معمر اداڪارفيروز خان بہ ڪينسر جي مرض جو ٻک ٿي وچڙي ويا ھئا. ڪينسر جي بيماريءَ ۾ انسان ويچارو ڪھڙي عذاب ۾ ونبو آھي. اھا بيماري رڳو ان ھڪڙي گھر ڀاتي تائين محدود ناھي رھندي پر مرد جي جر ھر ڀارتي کي ساڙي رک ڪري ڇڏيندي آھي ۽ ھر ڏينھن ڄڻ يوم الحساب جھڙو ڏيک ڏيندو آھي. عرفان خان جو وڇوڙو ھڪ وڏي آرٽسٽ جو وڇوڙو آھي. جڏھن ڪو آرٽسٽ وچڙي ٿو وڃي تہ در اصل فطرت پنھنجي ھڪ ڪاتب کان محروم ٿي وڃي ٿي. فطرت جو اصل حسن آرٽسٽ جي اکين جي زاويئي ۾ ھوندو آھي ڇو تہ آرٽسٽ جا لفظ فطرت کي بينائي بہ ڏيندا تہ گويائي بہ ڏيندا آھن. اگر آرٽسٽ فطرت جي رازن کي بيان نہ ڪري تہ دنيا جو حسن ڪاراڻجي ويندو . جڏھن آرٽسٽ تي موت لھي ٿو تہ اھي اکيون پٿرائجي ٿيون وڃن جيڪا ٻڪ ۾ بحيره احمر جھڙا سمنڊ ڇنائين ٿيون. ڪيڏو نہ وڏو سانحو آھي. تڏھن اياز سر لوھيڙا ڳيا ۾ رقم ڪيو آھي. نظم شيخ اياز تہ مون توکي در ٻاھران سال کان وڌيڪ ترسايو آھي ۽ ان وچ ۾ جيتري ڪويتا پوري ٿي سگھي آھي. مون لکي ورتي آھي. ائين آھي تہ زندگي جو ڪارج ڪيترو ئي پيو آھي ۽ مان سمنڊ تي اجان ڪيئي سج اُيرنداءِ

ڪيئي ٻڌندا ڏسڻ چاهيان ٿو.

ڪيڏي نہ اڃا آهي مون ۾ تہ مان سمنڊ کي اڃان چنڊ ڏانهن اُڏامندو ڏسان ۽ منهوڙي جي پهاڙين سان ٽڪرائي موٽندو ڏسان ۽ اونهي تي ڪاري ڪيڙائو سڙهہ تان پر مار ماريندو. ۽ ڪِينا پکي اُڏائيندو ڏسان! جيتوڻيڪ مان غالب ڪان گهٽ ارمان ڪٽي ٿو وڃان. تڏهن بہ مان وڃڻ نٿو چاهيان. هي زندگي تيستائين مني آهي مڙي ويل عمر جي حد ۾ آرٽسٽ فطرتي طور تي زندگي جي حسناڪين ۾ پيدا ٿيل پيار کي چٽيندو آهي. ان کي موت جو خوف نہ پر مختصر ٿيندڙ عمر جو ڏک ڏيل ڏڪائيندو آهي ڇو تہ فطرت جي حسن کي نروار ڪرڻ جي قوت آرٽسٽ وٽ هوندي آهي هو جيئڻ جي تمنا انڪري ڪندو آهي جيئن هو فطرت پنهنجي آرٽ جو ڇهاءُ عطا ڪري فطرت جي حسن کي پابندگي عطا ڪري ڇو تہ اهو ڪم صرف آرٽسٽ جي اک ڪري ٿي سگهي. جي اگر اها بوتجي ٿي وڃي تہ فطرت جي حسن جو عظيم نقصان ٿئي ٿو. آرٽسٽ جي اک جي ماٺڪين جو منجمند ٿي وڃڻ هڪ وڏي سانحي جي برپا ٿيڻ جي برار آهي. آرٽسٽ قدرت ڪان رعايت انڪري گهرندو آهي تہ جيئن هو فطرت جي حسن کي آرٽ جي گرفت ۾ آڻي دنيا جو عظيم آرٽ ڪري سگهي آرٽسٽ جي اها ڪيڏي نہ نيڪ خواهش هجي ٿي جيڪا هر ذاتي خواهش ڪان مٿي آهي. آرٽسٽ زندگي پنهنجي لاءِ نہ پر حسن ازل کي دوام بخشڻ لاءِ باڏائي گهرندو آهي. عرفان خان بہ تہ اهڙو آرٽسٽ هو. جنهن پنهنجي آرٽ جي ذريعي لافاني ڪردار تخليق ڪرڻ ٿي گهريا پر موت هن کي مهلت نہ ڏني. عرفان ڪيڏو نہ جلد هليو ويو. الوداع پيارا عرفان الوداع. جيتوڻيڪ مان غالب ڪان ڪهٽ ارمان ڪٽي ٿو وڃان، تڏهن بہ مان وڃڻ نٿو چاهيان. هي زندگي تيستائين مني آهي.

◆◆

## تون ۽ اُهي چار پل

✍ اين. ايس. ناز

- تون حقيقت ڪان تمام دور آهين
پر پوءِ بہ اُميدن جي آس تي
مان هر روز صبح جو
ڪنهن چمڪندڙ ستاري جيان جاڳندو آهيان
تنهنجي لاءِ راهن ۾ گل وڇائيندو آهيان
هر روز ڪنهن آزاد پکيءَ جيان
تنهنجي ڳولها ۾ جهر جهنگ ڀٽڪندو رهندو آهيان
۽ جڏهن ٿڪجي پوندو آهياهہ تہ پوءِ
ڪنهن مندر جي چائنٺ تي ويهي
پکوان کي پکاريندو آهيان
گهنٽين جي آواز کي پنهنجي دل ۾ محسوس ڪري
اهي چار پل ياد ڪندو آهيان
جيڪي اسان گڏ گذاريا هئا
اهي شام، جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي ويهي
اسين حسين لمحن جو سرور ماڻيندا هئاسين
۽ وقت ڄڻ هڪ جادوءَ جيان بيهي رهندو هو.

◆◆

## सी.एम. योगी आदित्यनाथ के बारे में महत्वपूर्ण बातें

✍ **वॉट्स-अप**



ऐसा मुख्य मंत्री न १९४७ के बाद हुआ है न होगा, सबको चुनौती है आज तक जितने मुख्यमंत्री हुए हैं और जितने वर्तमान समय में हैं उनको भी अपना संक्षिप्त परिचय देना चाहिए।

बहुत से लोग सोचते हैं कि उत्तरप्रदेश के मुख्यमंत्री भगवा पोशाक पहनते हैं, इसलिए एक ''सन्यासी'' हैं। लेकिन उनके बारे में जो तथ्य सामने आए हैं वो ये हैं: अवश्य पढ़ें:

- ✻ अजय मोहन बिष्ट (Original name) सन्यास के बाद योगी आदित्यनाथ।
- ✻ आयु - ५० वर्ष
- ✻ जन्म स्थान - पंचूर गाँव, गढ़वाल, उत्तरप्रदेश
- ✻ एच.एन.बी विश्वविद्यालय से उत्तरप्रदेश के इतिहास में सर्वाधिक अंक (१००%)
- ✻ योगी जी गणित के छात्र हैं, जिन्होंने बी एस.सी गणित स्वर्ण पदक के साथ उत्तीर्ण किया है।
- ✻ भारतीय सेना की सबसे पुरानी गोरखा रेजीमेंट के आध्यात्मिक गुरू हैं।
- ✻ नेपाल में योगी समर्थ का विशाल समूह है जो योगी को गुरू के रूप में पूजते हैं।
- ✻ मार्शल आर्ट में अद्‌भूत उत्कृष्टता। चार लोगों को एक साथ हराने का रिकार्ड।
- ✻ उत्तरप्रदेश के जाने-माने तैराक । कई विशाल नदियाँ पार की।
- ✻ एक लेखा विशेषज्ञ जो कंप्यूटर को भी हरा देता है। प्रसिद्ध गणितज्ञ शकुंतला देवी ने भी योगीजी की तारीफ की ।
- ✻ रात में केवल चार घंटे की नींद। रोजाना सुबह ३.३० बजे उठ जाते हैं।
- ✻ योग, ध्यान, गोशाला, आरती, पूजा प्रतिनि का दिनचर्या है।
- ✻ दिन में दो बार ही खाते हैं।
- ✻ पूर्णत: शाकाहारी भोजन में शामिल रहता है कन्द, मूल, फल, और देशी गाय का दूध।
- ✻ वह अब तक किसी भी कारण से कभी अस्पताल में भर्ती नहीं हुए ।
- ✻ योगी का परिवार अभी भी उसी स्थिति में रहता है जैसा उनके सांसद या मुख्यमंत्री बनने के पहले रहता था।
- ✻ योगी सालों पहले सन्यास लेने के बाद सिर्फ एक बार घर गए हैं।
- ✻ योगी का सिर्फ एक बैंक अकाउंट हैं और कोई जमीन संपत्ति उनके नाम नहीं हैं और न ही उनका कोई खर्च हैं।
- ✻ अपने भोजन, कपड़े का खर्च वो स्वयं के वेतन से करते हैं और शेष पैसा राहत कोष में जमा कर देते हैं।

ये हैं योगी के आदित्यनाथ का प्रोफाइल

- ✻ योगीजी के सोने वाले कमरे में कोई AC या रूम कूलर नहीं है केवल ,क सीलिंग फैन हैं
- ✻ योगी के एक लकड़ी के तख्त पर एक कम्बल उसके ऊपर चादर बिछाकर सोते हैं ,

No Dunlop Cushion & Pillow

भारत में एक सच्चे लीडकर की प्रोफाइल ऐसी ही होनी चाहिए।

ऐसे संत ही भारत को फिर से विश्व गुरू बना सकते हैं।

◆◆

# ضربيان پيار

✍جئديو ايس. وگاريا
Mob:. 9422686735

اِنسان جي فطرت ۾ پريم ۽ نفرت جا جذبات هوندا آهن. اُنهن جذباتن ۾ ڪن ۾ پريم جو تہ ڪن ۾ نفرت جو انداز وڌيڪ هوندو آهي. پر بنياد طور نفرت اسانجي اندر جي مُنفي (Negative) احساس آهي ۽ پيار هڪ سهڄ ۽ وڌندڙ احساس آهي. اسان جيترا بہ نفرتي ٿا ٿيون تہ اسان جي اندر جي ڪارنهين وڌندي ويندي. ڇو جو ويچارن جي سڙڻ اندر واري جا ويچار ڪارا ڪندي آهي.

پريم انسانيت جي نشاني هوندي آهي. پل اُن لاءِ ڪنهن مهل ڪا حاصلات پي پئدا ڪري سگهي ٿو. پر پوءِ بہ پريم جو اثر من تي قائم دائم رهندو آهي. جيڪو زندگيءَ ۾ اسانجي رويئي تي هميشه رهندو آهي. اسان جي خرابي تڏهن ظاهر ٿيندي آهي جڏهن ڪو ٻيو غصي ۾ يا حقارت سان اسان کي آئينو ڏيکاري ٿو تہ اِهو اسان جي منفي ويچار اُن جي مخالفت جو خيال پئدا ڪري ٿو. پر اها نفرت اسان کي اسهڄ ئي ڪندي آهي. پريم هميشه هڪ ڇاپ ڇڏيندو آهي.

هڪ سچي واقعي تي هڪ پرسنگ آهي تہ هڪ هندستاني جپان ۾ هڪ ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيو هو. ريل جون گهڻيون ئي سيٽون خالي هيون. اُهو هندستاني جيڪو پڙهيل لکيل هو پر پوءِ پاڻ کي سُستائڻ لاءِ پيرن جا جوتا هيٺ لاهي ٻئي پير سامهون واري خالي سيٽ تي رکيا. اُتي پر ۾ ويٺل هڪ جپاني زناني (عورت) اهو منظر ڏٺو ۽ جيئن تہ اُن وقت موبائيل جو چلن ڪونہ هيو. پنهنجي مادريءَ ٻوليءَ سان لڳاءُ ۽ پرڏيهي ماڻهن جي عزت مان جي رويي ڪارڻ گهڻي ئي جپاني پاڻ سان جپاني - انگريزي ترجمي جا ڪتاب پرڏيهي ماڻهون جي ڪري، خاص ڪري مسافريءَ مهل کڻي گهمندا هئا. اُن عورت کي بہ ايهو ڪتاب ساڻ هيو. ٻوليءَ جي ڪري اُن ڪتاب کوليو ۽ ڪجهہ پڙهي ڪري اُنهيءَ هندستاني کي انگريزيءَ ۾ چيو، ”ايڪس ڪيوز مي، يو مئي هيوِ سم پرابلم اِن يوَر فيٽ آر اِن يوَر ليگس، يو مئي نيڊ رليڪسشن.“ اُن کان پوءِ اُن عورت هڪ ننڍو ٽوال پنهنجي پرس مان ڪڍيو ۽ اُن هندستاني جي هڪدم سامهون واري سيٽ جي پر واري سيٽ تي ويهي پنهنجي گوڏن تي ننڍو ٽوال رکي اُن هندستانيءَ کي چيائين، ”پليز ڪيپ يوَر فيٽ آن دس، بٽ ڪائنڊلي ڊونٽ ميڪ فلٿي ٿو سيٽ آف ماءِ ڪنٽريز ٽرين.“ اُن هنستاني کي ڏاڍو شرم آيو ۽ سيٽ تان پير هڪدم هيٺ لاهي ڇڏيا. اُن عورت اُن هندستاني کي اهو پڻ چيو تہ قانونن سيٽ تي پير رکڻ معنيٰ ڏنڊ ڀرڻ جي سزا آهي. مان پوليس بہ گهرائي سگهان پيئي. پر توهين شڪل شبهيءَ ۾ پرڏيهي پيا لڳو ۽ انڪري اسان جا مهمان آهيو. اگر جي توهان کي پيرن يا ٽنگن ۾ ڪا تڪليف آهي يا سور آهي تہ منهنجا گوڏا حاضر آهن. “ هندستاني چيو، ”نو پرابلم ائٽ آل. “ اُن تي اُن عورت چيو، ”ٿئنڪ يو وري مچ ۽ اُٿان هلي وئي.“

هن پرسنگ ۾ پريم جو اظهار آهي. اِن ۾ هن هندستانيءَ جي من تي ڇاپ بہ ڇڏي ۽ هڪ سُڌاروادي ويچار جو نرماڻ هميشه هميشه لاءِ اُن هندستانيءَ جي من ۾ ڇڏيو. اِهو ئي گانڌيواد آهي. ٻئي کي پريم ڀاو سان محسوس ڪرائڻ. ان سان ئي پريم ضربون (Multiply) ڪري وڌندو رهندو آهي.

◆◆

## غزل

✍ گوپ ڪمل

- رات ڪاري اچي وڃي تہ چڱو
خوف سڄ جو لهي وڃي تہ چڱو
- صرف خط ۾ لکي ٿي مان تنهنجي
دل مٿان جي لکي وڃي تہ چڱو
- زندگيءَ ۾ بچيو ڇا اُن ڪان پوءِ
ڪنڌهرن کي ڏسي وڃي تہ چڱو
- منهنجو قاتل الائي ڪير آهي
ڏوهہ مون تي لڳي وڃي تہ چڱو
- پيار جي قيد ۾ رهڻ مشڪل
ڪاش بيهر رُسي وڃي تہ چڱو
- سورداسن جي آهي هيءَ محفل
زندگي هت نچي وڃي تہ چڱو
- گوڙ هيڏو سهڻ ڏکيو ٿي پيو
مات اندر چٽي وڃي تہ چڱو
- مون سان نفرت اٿس يا پيار ’ڪمل‘
بار دل تان لهي وڃي تہ چڱو.

◆◆

## غزل

✍ ڪيمن يو مولائي

- هي ڪميٽپ جو ڏؤر آ يارو،
شهر پنهنجو پنپورُ آ يارو.
- ڪو ڪٿي بي سبب ڏنگي نہ وڃي،
خود اُنهيءَ ڊپ ۾ نورُ آ يارو.
- بي حيائيءَ جي هنر ۾ ماهر،
ڪانگ محفل جو مورُ آ يارو
- جي جهليوُن ٿا تہ وويڪ جو دامن،
سڀ چون ٿا تہ ڊورُ آ يارو.
- ڏاچي آ ڏهہ تہ توڏو آ تيرهن
سڀ ڪو هڪ ٻئي ڪان زورُ آ يارو.
- ڪهڙا ناٽڪ پلا اچان ڏسنديں
هر ڪو ڪردار بورُ آيارو.

◆◆

## اڌورا اڌورا ✍ آڪاش انصاري

- اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا
نڪي عشق آتش فشان تي اُپاميو
نہ هي ديپ دل مان اوهان جو اُجهاميو
نہ سورن جي شدت ڪان شعلو بڻياسين
نہ سگريٽ جو ڪو ڦلو تي چٽياسين
دکياسين جلياسين اڌورا اڌورا
- دکن ڪان بہ دل پنهنجو رشتو نہ ٽاهيو
سکن ۾ بہ من کي سڪون ڪونہ آيو
ڪلياسين تہ خلقت جي دردن تي روڪيو
رناسين تہ دنيا جي نظرن تي ٽوڪيو
نہ خوش ٿي ڪلياسين نہ رنج تي رناسين
ڪلياسين رناسين اڌورا اڌورا
اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا
- ڦاهي جا ڦندا چمڻ ڪان بہ وياسين
۽ دنيا جا ڏنڊا ڪرڻ ڪان بہ وياسين
نہ تون ئي مليئين نہ ڪنهن جا ٿياسين
هتان ڪان بہ وياسين، هُتان ڪان بہ وياسين
مرڻ جي مزي ڪان بہ محروم ٿياسين
۽ جيئندا رهياسين اڌورا اڌورا
اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا
- تارڪ ٿي دنيا تہ تياڳي سگهياسين
جهان جو جهنجهٽ بہ نہ جهاڳي سگهياسين
عمر اڌ اٽڪت عبادت ۾ وئي
۽ باقي ٻُتن سان بغاوت ۾ وئي
خدا بہ نہ مليو ۽ نہ ان جي خدائي
او آڪاش جندڙي ائين وئي اجائي
۽ ڳولا جي رڻ ۾ رلياسين اڌورا اڌورا
اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا

◆◆

### شرڌانجلي



وقت جي چيچ ۾ زندگيءَ جو ڇلو
پيو ٿيڻي گهر گهلو
يار جلدي ملو
اي سنڌ تنهنجو آڪاش وڃڙي ويو

**آڪاش انصاري**
D.O.D .15.02 .2025

# ڪتابي سمالوچنا

✍ نند ڇڳاڻي

”سامي ۽ جا سلوڪ“ -مرتب - بي.ايڇ. ناگراڻي - سهيڙ-محمد ابراهيم جويو- لغت- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو-ڊيمي سائيز -صفحا 964، سال جنوري 2015، قيمت - /1000 روپيه-ڇپائيندڙ- شاهه عبداللطيف يونيورسٽي - خيرپور - سنڌ

ها اهو منهنجو ڌهراءُ آهي ته 2019 - ڪونج ڊائمنڊ جبلي انڪ سڪر ساڌ ٻيلي ۾ سنت شرومڻي ڊاڪٽر يڌشٽرلال گوبندرام شداڻي جي سڀ هٿن سان مهورت ٿيو. سڪر سنڌي سڀا - ڊاڪٽر خادم منگيءَ جي اڳوانيءَ ۾ جوڳو بندوبست ڪيو. سنتن جي ستسنگ ڪري سوَن ۾ سنڌن مريد حاضر رهيا. ڪتاب جي مهورت مهل ڊاڪٽر اياز گل، ڊاڪٽر ادل سومرو ۽ ڊاڪٽر خادم منگيءَ ڪي به سڌ ٿيو. پروگرام کان پوءِ دوستن ڪيترا ڪتاب سوکڙيءَ طور ڏنا.جن ۾ مٿيون ڪتاب به آهي. هت هند ۾ پروفيسر ناگراڻيءَ ٽن ڀاڱن ۾ ”سامي ۽ جا سلوڪ“ گڏ ڪري ظاهر ڪيا. اُهي ٽيئي ڀاڱا هن ڪتاب ۾ شامل آهن. ان کان سواءِ محمد ابراهيم جويو صاحب جو شاهه-سچل-سامي ڪتاب به درج ٿيل آهي. اصل هيءَ ڪتاب جويو صاحب جي ادبي شناسي جي قدرشناسي طور ظاهر- شايع ٿيل آهي.اڃان به سامي سلوڪن تي ليکراج ڪشنچند عزيز ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي وغيره جا ڪتاب شايد پوءِ ڇپايا ويندا. ڪتاب جي مقدار ۽ معيار ۾ ڪو فرق ڪونه آهي.

ڪجهه وقت اڳ شڪارپور جو هڪ ناميارو وڪيل اندور شهر ۾ آيل هو. جنهن ٻڌايو ته شڪارپور جي سنڌي سڀا وارن به سامي ۽ تي جدا جُلد ڇپائي ظاهر ڪيو آهي. جيڪو هن ڪتاب کان به قدبت ۾ سرس آهي. ڏسڻ جو موقعو ڪونه مليو آهي.

سامي صاحب جي سلوڪن ۾ چار-ڇهه- اٺارهن ويد- پراڻ اپنشند جو گيان سمايل آهي. (صفحو 487) رشي ڏيارام گدومل شهاڻي فقط ڇٽن پيڄن ۾ سمورن سلوڪن جو تاتپرج سمايو آهي. سچ پچ عاليشان نچوڙ ڏنل آهي. پاڻ شريمد ڀڳوت گيتا جو هن مهاڳ لکيو آهي. ان ۾ به ڪيترا سلوڪ گيتا کي سمجهڻ لاءِ لکيا اٿس. جيڪي ويد-پراڻ جي ڳوڙهي معنيٰ کي سوَلو ڪري سمجهائين ٿا.

ٻئي هڪ ودوان لعلسنگهه اجواڻي 16 پيڄن جي مهاڳ ۾ سامي صاحب جي ڏينهن ۾ هندي - فارسي سان گڏوگڏ انگريزي سنت ڪوين جي ڀيٽ ڪري ٻڌايو آهي ته سامي جي شاعريءَ جي وڏي خوبي آهي. سادگي ۽ پختگيءَ سان گڏوگڏ هڪ قوت جنهن کي جادو به سڏي سگهجي. ساڳي ساڳي ڳالهه - اوديا ۽ مايا ، ستگروءَ جي مهر ۽ سهاڳڻ جو ست.... انيڪ بيتن ۾ ڌهرائي وڃي ٿي پوءِ به پڙهڻ واري جي دل تي شاعر جو راڄ ساڳيو قائم رهي! شاعر گهڻيئي بردبار، شاندار ڏناسين، پر سامي ۽ جهڙو شاعر ڪو مشڪل ليندو، جنهن وٽ نه هجي دربار نه ڍنگ، نه سانگ نه رنگ، نه احساس نه اُمنگ، ته به سندس ٻاڻيءَ ۾ اهڙو شان، اهڙي فضيلت اهڙي سڦلتا! سامي وٽ ڪي ٿورا اِشارا- ڪي ٿوريون تشبيهون آهن، نوڙي ۽ نانگ، ڪنول گل، انل پکي، سپني منجهه راڄا، دسوان دوار، موهن جي مرلي، چڪور ۽ چنڊ، سهاڳڻ ۽ گهوٽ، ستگرو ۽ سُرڪي....پر اُنهن وسيلي دلڪش ڪوتا رچي سگهيو آهي. سنڌي جنتا وٽ هي شلوڪ بلڪل قبول آهن ۽ پنڊتن وٽ پسند آهن. جنهن مان ظاهر آهي ته هي شلوڪ هڪ اوچ ڪوٽيءَ جي شاعر جي رچنا آهن.

سامي جي هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي. ان ڪري ”سامي جا سلوڪ“ جو هي علحدو ڪتاب سلوڪن کي سمجهڻ ۾ ڪافي حد تائين مددگار ثابت ٿيندو.

ناگراڻي صاحب ساميءَ جو جيون چريتر لکندي گيتا، ويدن جي واڻي، اپنشندن جا انبار پلٽيا آهن. لکندي هو ٿڪجي نٿو. پڙهڻ واري کي دهراءُ لڳائي نٿو. سليقي سان سندس بيان جدا جدا ڀاڱن ۾ موضوع مطابق فنائتي نموني ڇپايو ويو آهي. ناگراڻي صاحب ”سامي جا سلوڪ“ تي ڪم ڪندي، ادبي ڇمار اُن کي اربي ڇڏي. اجواڻي وارو مهاڳ ور ور پڙهڻ لاءِ لالچائي ٿو.

پروفيسر بي.ايڇ. ناگراڻي ، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، پرنسيپال لال سنگهه اجواڻي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، رشي ڏيارام گدومل، پروفيسر محمد سليم ميمڻ سڀني گڏجي ”سامي جا سلوڪ“ هڪ شاندار يادگار ڪتاب ڇاپيو آهي. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي - خيرپور جا تهدل شڪرگذار رهنداسين جن جويو صاحب جي سوَسالين جي ڇمار تي ڪيس پيش ڪيو آهي.

نند ڇڳاڻي

◆◆

## غزل

✍پريا وڇاڻي

- ڪلندي ڪلندي روئندي آهيان
روئندي روئندي ڪلندي آهيان
- ٻاهه هٽي يادن جي گل کي
هٿ ۾ ٽاندا چمندي آهيان.
- عڪس ڏسي آئيني ۾ چو،
خود کان خود ئي ڏڪندي آهيان.
- ڪانگ ڏسان جي پٽ تي ڪو مان
من ئي من ۾ چلندي آهيان
- ڄاڻان ٿي تون پٿر آهين
ور ور در تي جهڪندي آهيان
- ٻاهه هتي پنهنجي ئي بدن کي
ڇانو ٿڌي چو گهرندي آهيان
- پڪ آ سپنا ورندا واپس
هر هر پلڪون ڇپيندي آهيان،

◆◆

جڏهن الله پاڪ عطا ڪرڻ تي
ايندو آهي تہ توهان جي مخالف
کي بہ توهانجو وسيلو بڻائي ڇڏيندو آهي

## افسانا

✍ منٿن ٻڇاڻي

- ڪنهن کي ٻڌايان،
افسانا منهنجا آهن گهڻا
تنهنجو منهنجي درد کان
بي خبر هئڻ جو ذڪر آهي
- گولهيان پيو
گهٽي ءِ چوراها گهمي ڪري
تنهنجا ديوانا
هن اڻڄاتل شهر ۾
- تون هلائي ڏسُ تير
محبت جي وفاداريءَ جا
ڏسندس مان بہ
تنهنجو نشانو
- مان سُڃاڻان ٿو
منهنجي هر درد کي
پڇجو نہ مون کان هر هر
تہ زخم ڪيترا پُراڻا آهن
- سڀ نظم لکيم
بس تنهنجي لاءِ
فيصلو تون ڪر
ٻڌندين تون گهٽيون.

◆◆

# لطيفي ٻول

✍نند ڇڳاڻي

”لطيفي ٻول“، سهيڙ، ترتيب ۽ شرح صاحب ٻجاڻي، شاهه عبداللطيف جا چونڊ سلوڪ (فقط 100)، ڪرائون سائيز ۽ صفحا 104، قيمت 300رپيا. پبلشر اُسات ساهتيه مالها، آديپور- ڪڇ - 370205، مو. 9586422011، ليڪ- ڪتاب پنهنجي ماتا صاحب کي ارپيو آهي.

شري صاحب ٻجاڻي هن وقت انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو فل ٽائيم ، هڪيو حاضر ڊائريڪٽر آهي. سڪول، لئبرري ۽ ٻيون مڙئي ٽيبل ٽاپ جوابداريون هن نبل جسم جي مضبوط ڪلهن تي آهن. چوندا آهن ته جنهن تي پريو پرماتما جي ٻاجهه وارو هٿ هجي اُن تي آتمڪ ۽ دنيوي مهر جو مينهن پيو وسندو آهي. اسان وٽ صاحب ٻجاڻي اُن جو جيئرو جاڳندو مثال آهي.

صاحب ٻجاڻي (جنم 25 Jan 1946) ننڍي هوندي کان هڪ ٽنگ ۾ لقوي جي اثر ڪري هلڻ ۾ لنگ اٿس. جيڪو پوءِ آهستي آهستي ڏکا ڪائيندو وڌندو ويو آهي. هاڻ هو چئن ڦيٿن واري اسڪوٽر تي سواري پيو ڪندو آهي. جنهن کي ’منهنجو هوائي جهاز‘ ڪري چوندو آهي. پنهنجي ايپاس ڪري سدائين ڪلمڪ ڏسڻ ۾ ايندو. ٻڙودا (وردرا) يونيورسٽيءَ مان آرڪيٽيڪٽ جي ڊگريءَ کان پوءِ هن راڄڌاني دهليءَ ۾ پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيو. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سان ننڍي هوندي کان ئي لڳاؤ اٿس. هڪ پيرو ٻڌل- پڙهيل ، بيت - پاٺ پڙهڻ-ٻڌڻ سان سندس دل تي اڪرجي ويندو آهي ۽ باز وقت تي پيو دهرائيندو آهي. شاهه عبداللطيف-منگهارام ملڪاڻي، جي.ايم.سيد وغيره، اٽڪيٽيل ساهتڪارن جو عاشق آهي. هن کان اڳ شاهه تي ٻه ٽي ڪتاب ظاهر ڪيا اٿس. ’لطيفي ٻول‘ ۾ شاهه جا 100کن سلوڪ ڏوهيڙا، وغيرهه گڏ ڪري ڇپايا اٿس. سندس چوڻ آهي ته هاڻ ٻار شاهه کي سندس ٻولي الهجي ڪري نه ٿا پڙهن. ٻن ٻن سٽن مان ٻه 5-7 کن ڏکيا اکر ڳولهي ان جي معنيٰ ڏني اٿس. جيئن پڙهندڙن کي تڪليف نه ٿئي. پر هاڻ هن ڏکار ۾ پڙهندڙ ڪٿان ايندا !؟ اهو ڪونه سوچيو اٿس. 5-7 اکرن جي معنيٰ ڏسڻ لاءِ ڪنڌ ضرور هيٺ مٿي ڪرڻو پوندو. شاهه جا اهڙا شيدائي هن هلندڙ يگ ۾ ڪٿان ايندا؟

سنڌالاجي جي اڱڻ ۾ ڏڻ وار پيو ملهائيندو آهي. جتي ڳهڻو ٽٽو ٻارن کي تيار ڪري منگهارام ملڪاڻي جا ناٽڪ پيو ڪرائيندو آهي.

شروعات ۾ جڏهن سنڌالاجي ۾ داخل ٿيو ته وٽس سگهه هئي. پر ٻانيڪارن کيس لئبرري انچارج ڪيو. جيڪو فرض هن بخوبي نڀايو. هاڻي سڄي هندستان ۾ نالي واري لئبرري ۽ ناليوارو لئبررين آهي. ڪنهن کي ٻه ڪا تڪليف هوندي ته اُن جو اُپاءُ (حل) صاحب وٽ هڪيو حاضر هوندو. سرڪاري آفيس توڙي اڪاڊميون ٻه سنڌي ساهتيه ۽ ادب سان واسطو پنهنجي مونجهاري جو حل هن وٽ اچي ڳولهيندا. پنهنجي نبل جسم ڪري هو شهر کان ٻاهر ڪونه وڃي سگهندو آهي. ’کڙڪاءِ ته کلندو‘ جي هر ڪنهن کي پڪ هوندي آهي. ’ڪنڌڙي ۽ ڪتاب‘ ٻئي هن کي سنڌالاجيءَ ۾ هڪيا حاضر آهن. جن سان هي سنتشٽ آهي.

هاڻ هند ۾ سنڌي ساهتيه ادب جو سڄ اولهه پاسي لڙي چڪو آهي. سنڌي اسڪول بند آهن. ان

لاءِ جوابدار شخصيتون بہ سرگواس تي چڪيون آهن. جن جي ورسي بہ مشڪل ملهائبي آهي. پر ڪن پنهنجا پيرا چڏيا آهن. سندن شاگردن بہ اهو پيرو ڪنيون آهي. هاڻ فقط ۽ فقط ديوناگري لپيءَ جو بول بالا آهي. پر ساهتيہ اڪاديمي وارا اڄ سوڌو انعام فقط عربي لپيءَ جي ڪتابن کي ڏيندا پيا اچن. انڪري سمجهو- سياڻو انعام ڪانڪي هڪ ئي ڪتاب ۾ ٻنهي لپين کي درج ڪندو پيو اچي. ڪي وري شاگردن جي ڀلائي لاءِ ٻنهي لپين ۾ ڇپائين.

صاحب جو زير ويچار ڪتاب ٻنهي لپين ۾ آهي. ڏکين اکرن جي معنيٰ بہ ڏنل آهي ڇڻ ڪمائتي ڊڪشنري بہ تي پئي آهي. پر اڄ سوڌو صاحب جي ان محنت کي ڪنهن بہ واڪاڻيو ڪونہ آهي. برابر صاحب کي ان جي گهرج بہ ڪونہ هوندي پر محنت جو قدر ڪرڻ جڳائي.

اڄ بہ سڪولي توڙي ڪاليجي درسي ڪتابن ۾ شاهہ ضرور ملندو. ڪٿي شاعري تہ ڪٿي مضمون. اتي اها ڊڪشنري بہ ڪم اچي ويندي. سنڌ ۾ ڀٽ شاهہ جي هر سال ميلي تي نوان نوان ڪتاب ظاهر ٿا ٿين. ٻنهي ملڪن ۾ هاڻ سالن کان سهوليت ڀري اچ وڃ بہ ڪونہ آهي. جاڳہ ڀٽائي گهوٽ ، جاڳہ.

سڪولي جيون کان شاهہ ، صاحب جو پسنديده رهيو آهي. واندڪائيءَ ۾ پيو شاه کي جهونگاريندو آهي ۽ هاڻ ڪتاب ڇپائي پاڻ کي واڻڪو سمجهندو هوندو. فون تي ڳالهائڻ مهل توهان شاهہ جو ڪوبہ بيت غلط نموني اچاريو، بس پوءِ صاحب توهان کي صحيح نموني ۾ ڏاڪو ڪن بيت ۽ ڏوهيڙا ڏيندو.

ڪتاب پڙهندي توهان ائين سوچيندا تہ اجايو پئسا وڃايا اٿس، پر صاحب ور ور ڪتاب هٿ ۾ کڻندي ايشور جا ٿورا مڃيندو آهي تہ سائين جي مهرباني جو ڪتاب ڇپجي ويو. سندس ذهني پورهيو سنڌي سماج لاءِ آهي. ڀٽ شاهہ تي شاهہ باقاعدي ڳايو ويندو آهي. شاهہ عبداللطيف جي ڏينهن ۾ فارسي جو بول بالا هو. پر شاهہ صاحب روايت جي برخلاف وڃي سنڌي ۾ شاعري ڪئي. 'لوڪ لهوارو وهي تون اوچو رهہ او يار' هن عوام سان سندن ئي ٻوليءَ ۾ ٻوليو.

پانڪن جي جاڻ لاءِ ڪجهہ بيت ڪتاب مان هٿ ڏجن ٿا. جيئن ترتيب ڏيندڙ صاحب ٻڃاڻي جي ڪيل محنت ماڻي سگهجي. ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

وينِي جَنين وَٽِ، ڏُکَندو[١] ڏوُرِ [٢] ٿئي،
تَن [٣]! تَنين سين کَٽِ [٤]، اوڏا [٥] آڏي [٦] پَکڙا [٧].

١. پيڙا ٢. دوُر-پري ٣. اي منهنجا جسم
٤. گذار ٥. ويجهو ٦. ٻڻائي ٧. گهر- اَجهو

جن جي ويجهو وهڻ سان ڏک دور ٿئي، اي منهنجا سريرا!
انهن جي ويجهو ئي پنهنجو اَجهو اَڏي گذار.

مَڇِڻِ [١] وَرَ [٢]! وسارئين، آري [٣]! لَڳ [٤]،اَللهہ،
توکي ساريو [٥] سَاهہ اُکنديو [٦] آهوُن کَري

١. متان ٢. گهوٽ-ڪانڌ ٣. آري ڄام (پنهل جي ذات)
٤. واسطي ٥. ياد ڪندي ٦. سڪ - اُڪير

منهنجا ڪانڌ ! آري ڄام! ڏٿيءَ جي واسطي مٺان مونکي وسارين. منهنجو ساهه اُڪير وچان توکي ياد ڪندي آهون ٿو ڀري.

سَڀِ نَنگِيون[1] ٿي نِڪرو، لالڻ چَڏي لوپَ،
سُپيرِيان سين[2] سوپَ، نِنڊوُن ڪندي نه ٿِئي.

١. بي حجاب- ڪجهه به لڪائڻ کان سواءِ ٢. سان

اَوهان لالڻ ڇڏي، ڪجهه به لڪائڻ کان سواءِ ، بي حجاب ٿي نڪري نروار ٿيو. ننڊون ڪري وقت وڃائڻ سان سڄڻ هٿ ڪرڻ جي سوڀ نٿي هٿ لڳي.

ڪُتو جي[1] ڪانءَ، پِريان[2] سندي[3]! پارَ[4] اجو،
اُنهين مَٿان آئُون، ڪوڙين[5] قُرِباني ٿِيان.

١. يا ٢. پريتم ٣. جي ٤. طرف

٥. ڪروڙين ڀيرا- بيشمار دفعا

منهنجي سڄڻ جي طرف کان ڪتو يا ڪانءُ به مون وٽ اَچي ته مان اُن تان ڪروڙين دفعا پاڻ گهوري ڇڏيان.

سمورو ڪتاب آرٽ پني تي ڇپايل آهي. . جيڪو صاحب ۽ سنڌالاجيءَ جي منهن تي سونهين ٿو ۽ ڪتاب جي قيمت -/300روپيه آهي.

◆◆

## غزل

✍رؤف جمالي

- برسيا نيڻ ته ساگر ٿي پيا
  ڏنڌلا سارا منظر ٿي پيا
- نظرين تان ويا هٿ ڪٽي چو
  ماڻهو ڪيڏا منڪر ٿي پيا
- تهذيبن ۾ ٽڪراءُ آهي
  روح سمورا پٿر ٿي پيا
- خوشبوءَ جهڙا خواب هئا
  صحرا ۾ جڻ ٿوهر ٿي پيا
- بيقدريءَ جي ساگر ۾ ڏس
  موتين داڻا ڪنڪر ٿي پيا
- وڪڻن ٿا ويساهه ٽڪن تي
  رهبر ڪوڙا ڪانئر ٿي پيا
- دريا ڪسجن پوءِ نه ڇئجو
  کيت اسان جا بنجر ٿي پيا
- پورهيت جو رت چوسڻ وارا
  ناٽي وارا اجگر ٿي پيا

◆◆

## قطعو

✍ ديولڻ راهي

ياد اَچي تون منهنجي آڱر پڪڙي هلڻ سِکِئين
اڄ ٿا مونکي سيئي سڄاڻن تنهنجي نالي سان
هاڻي تنهنجو دور هلي ٿو مان ته مُدي خارج
مونکي ماڻهو ٿا بس ڄاڻن سنڌ ۽ حوالي سان

◆◆

# قبرستان ۽ ڪتبخانا

✍آءِ. آءِ. قاضي

(علامہ صاحب هن موضوع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي اُستادن ۽ شاگردن کي يونيورسٽيءَ لئبرري ۾ خطاب ڪيو. اها تقرير پهرين تڏهوڪي انگريزي رسالي 'Echo' ۾ شايع ٿي هئي.)

ڪي ڏينهن اڳ جڏهن لطيف جي ٻہ سوَ سال ورسي ملهائي ٿي ويئي تہ منهنجي هڪ اهڙي شخص سان ملاقات ٿي جنهن کي مون ان بحر جو غواص ٿي سمجهيو. ڪيس عرض ڪيو تہ هو ان پاتال ۾ پيهي ڪجهہ ماڻڪ موتي سوجهي اچي تہ جيئن اُنهن ماڻهن کي آڇي سگهون جيڪي پاڻ ائين ڪري نٿا سگهن، آئون هن کي هميشہ بصيرت جو صاحب ۽ فاضل شخصيت سمجهندو هوس.

ليڪن منهنجي اچرج جي حد نہ رهي جڏهن هن شخص انهن سيني ڳالهين تي ٺٺولي ڪئي ۽ انهن جي ندا ڪرڻ شروع ڪئي جن کي مون پيارو ٿي سمجهيو.

هن شخص قلم، لکڻ، پڙهڻ ۽ ڪتابن جي گلا شروع ڪري ڏني ۽ آخر ۾ يونيورسٽين ۽ لئبررين کي بہ نہ ڇڏيائين. هوءَ ڪنهن شيءَ مان نہ مڙيو. هن انهن سيني شين جي گهٽتائي ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. جن جو انساني ذهن سان واسطو آهي. مطلب تہ هو ڪٿان آيو ٿي ۽ ڪٿان ويو ٿي ۽ آخر ۾ انهن سيني شين کي بلڪل بي سود ۽ بيڪار چئي رد ڪري ڇڏيو. ان کان وڌيڪ تعجب جي ٻي ڪهڙي ڳالهہ چئجي جو هن سمجهيو ٿي تہ ائين ڪرڻ سان هو خود لطيف جي خيالات جي ترجماني ڪري رهيو هو. هن کي اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ نٿي آئي تہ قلم جي تحقير ڪندي هو خود، قرآن شريف جي ٻن اهڙين سورتن جي توهين ڪري رهيو هو جن ۾ پڙهڻ تي زور ڏنل آهي. هن کي شايد اها خبر نہ هئي تہ قرآن خود هڪ ڪتاب آهي: ان جي هڪڙي سوره ۾ تحرير کي زندگيءَ جو مکيہ مقصد ٻڌائڻ لاءِ انسان ذات کي تلقين ڪئي وئي آهي. هو ان ڳالهہ کان بہ بي خبر ٿي ڏٺو تہ قرآن اهل ڪتاب کي دنيا جي ٻين قومن کان وڌيڪ معزز چيو آهي ۽ انهن سان لاڳاپا رکڻ کي ترجيح ڏني آهي. اسين پڻ لاکيڻي لطيف جي ان ڪري عزت ۽ تڪريم ڪريون ٿا جو هو 'صاحب ڪتاب' آهي.

اهڙيءَ طرح اسين عظيم شاعر مولانا رومي جي تعريف ان ڪري ٿا ڪريون جو جيتوڻيڪ هو پيغمبر ناهي پر هو بہ 'صاحب ڪتاب'[1] آهي. اهي سڀيئي ڳالهيون هن عجيب شخص يا تہ وساري ڇڏيون هيون يا انهن کان بلڪل اڻ واقف هو. ان واقعي کان بہ ڏينهن اڳ اهو ساڳيو شخص لطيف جي مزار تي ويو هو جتي ماڻهن جو هڪ وڏو تعدا اچي گڏ ٿيو هو. ليڪن اچ وري اهو ماڻهو هڪ وڏي لئبرري ۾ اچي وينو آهي. جتي گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ هزار ڪتاب رکيل آهن. هاڻي اهڙي ماڻهوءَ جي ڪور چشميءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي!

ماڻهو صدين کان وٺي پيرن فقيرن جي مزارن تي ويندا رهيا آهن ۽ اوليائن جي مقبرن جي زيارت ڪندا رهيا آهن. هنن نہ رڳو اهڙن ولين ۽ شاعرن جي ماڳ مڪان کي ساهہ سان سانڍي رکيو آهي. بلڪ انهن جي پوشاڪ، ننهن ۽ وارن کان سواءِ سندن جي قدمن جي فرضي نشانن کي بہ تبرڪ طور پئي سنڀاليو آهي. اڄ جڏهن مسلمان ڪنهن قبرستان وٽان لنگهن ٿا تہ هيئن چئي مخاطب

ٿين ٿا:”السلام عليڪم يا اهل القبور“ يعني اي قبرن جا رهواسيو، توهان تي اش جي سلامتي هجي. عيسائي وري قبرستان کي، ’خدائي زمين‘ (God's Acre) ڪوٺين ٿا.

هو اڪثر ڪري قبرستان وڃن ٿا ۽ اتي وڃي تازا گل رکن ٿا. خاص ڪري ”ارواحن جي ڏينهن“ (All souls day) تي هو قبرن کي گلن ۽ روشنين سان ڏاڍو سينگاريندا آهن. قبرن جي معمولي بيحرمتيءَ کي بہ هو سخت ڏوهہ تصور ڪن ٿا ئو اهڙي بيحرمتي ڪرڻ واري کي سخت سزا ڏني وڃي ٿي. ويچاريءَ نورجهان[٢] تڏهن تہ اهڙو خدشو ظاهر ڪيو هو تہ سندس قبر تي ڪوبہ گلن جي ورڪا ڪرڻ نہ ايندو ۽ نہ ئي وري ڪو اچي شمع ٻاريندو. مطلب تہ قبرستانن کي ايتري عزت ۽ اهميت ڏني ويندي هئي.

مصر جي فرعونن اهرام صرف انهيءَ ڪري ٺهرايا تہ جيئن مئلن جي لاشن کي مصالحا لڳائي محفوظ رکي سگهن. اهي اهرام اڄ سوڌو دنيا جي عجائبات ۾ شامل آهن. دنيا جي بهترين فن تعمير جي ايڏو وڏو حصو اُنهن مقبرن ۽ مزارن تي مشتمل آهي جو اهو سوال ڪرڻ تي دل ٿيندي آهي تہ، جا انساني تاريخ ۾ اهڙو دؤر بہ ايندو جڏهن هو هن ڌرتيءَ جي لائق ۽ فائق اِنسانن لاءِ بہ واقعي ايڏيون خوبصورت ۽ عاليشان عمارتون جوڙائيندا؟

البت هڪڙي ڳالهہ پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ اسين پنهنجن بزرگن جا بيحد ٿورائتا آهيون. ايتري قدر جو پنهنجي وڏن جي تقديس بہ قابل جواز آهي. اسان وٽ جيڪي ڪجهہ آهي اهو اسان کي هنن کان ئي مليو آهي. اسان کي انهن کان چا چا نہ مليو آهي. خود اسان جو وجود هنن جو مرهون منت آهي. انهيءَ ڪري اسان جو وڏ اهو آهي تہ ڪين عزت ۽ مان سان ياد ڪريون. هائو، اسان کي پنهنجي مئلن جي تعظيم ڪرڻ گهرجي. پر سوال آهي تہ چا اسين بہ ڪين ساڳئي دقيانوسي طريقي سان ياد ڪريون جنهن مطابق سندن تبرڪات ۽ مٽيءَ کي مان ڏنو ٿو وڃي يا ان جو ڪيو ٻيو طريقو ٿي سگهي ٿو.

پيغمبر اسلام : سندن ڪتاب کي هينئر دنيا ۾ تيرهن سؤ سالن ٿيڻ تي آهن. انهن ٻنهي هن ڳالهہ تي زور پئي ڏنو آهي تہ معمولي قسم جا معاهدابہ لکت ۾ ڪرايو. اها صرف ذهني يا فڪري زندگي آهن. جيڪا عزت جي لائق آهي. پر اسان جي طريقي ۾ اڃا تائين ڪا تبديلي ڪونہ آئي آهي. اسان اڄ بہ قبر پرست آهيون.

ڪو وقت هو جڏهن اسانجن ابن ڏاڏن جي فڪر جو سمورو دارومدار روايتن، لوڪ ڪهاڻين، ڏند ڪٿائن ۽ فرضي داستانن تي هو. ليڪن جڏهن کان وٺي انساني ذهن پوري ريت ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي تڏهن کان وٺي انساني فڪر کي محفوظ ڪرڻ جا الائي ڪيترا طريقا وجود ۾ آيا آهن. اڄ انسان جو پنهنجو آواز هوبهو محفوظ ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح هن جي شڪل ۽ مهانڊا بہ محفوظ ڪيا وڃن ٿا. ڏنو وڃي تہ عملي طور تي انسان پاڻ کي پنهنجي فڪر کي تاريخ ذريعي نہ، بلڪ پنهنجي تخليقي ڪوشش جي ذريعي محفوظ رکي سگهي ٿو. انهيءَ لحاظ سان ڪنهن ڪتاب جو مصنف، شعر جو خالق ۽ ڪنهن تصوير جو مصوّر لافاني آهن ۽ هو اسان سان گڏ زنده آهن.

اِنهيءَ ڪري موجوده دؤر ۾ ڪنهن بہ قوم جي امرتا کي پرکڻ جو اهو طريقو آهي جو معلوم

ڪجي تہ منجھس ڪيتري قدر زنده جا ويد اجزا موجود آهن ۽ هن موت تي ڪيئن فتح پاتي آهي يعنيٰ اها قوم هر سال ڪيترا ڪتاب ۽ فنون لطيفہ جا ڪيترا شاهڪار پيدا ڪري ٿي. هتي اُهو ٻڌائڻ ضروري ٿو لڳي تہ اها تلوار جنهن کي ماضيءَ ۾ فيصلہ ڪن حيثيت حاصل هئي. جينوٽيڪ ان جي جڳهہ ”عقل“ ۽ ”قلم“ والاري آهي، پر اڃان تائين ان جو استعمال ترڪ نہ ٿيو آهي.

پيغمبر اسلام جي هن قول ڏانهن تہ ”مصنف جي قلم جي مس شهيد جي خون کان وڌيڪ مقدس آهي.“ ڪو ڌيان نہ ڏنو ويو آهي. واقعي انسان اڃان تلوار کي نہ ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري هو مذهبي خيال کان اڄ بہ قبرستانن جي تعظيم ۽ تڪريم ڪري ٿو پر ڪيس ڪتب خانن لاءِ ڪا عزت يا پيار ڪونهي. اهڙي طرح جڏهن هو تصويرن جي ڪنهن گئلري ۾ گهڙي ٿو يا ڪنهن لئبرري ۾ داخل ٿئي ٿو تہ ڪيس انهن جي عظمت جو خيال اچي ٿو. انهيءَ ڪري هن ڳالهہ ۾ ڪو تعجب ٿيڻ نہ کپي تہ مذهب کي ڇو مدي خارج سمجھيو پيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ مذهب انسان جي صرف هيٺين درجي جون ضرورتون پوريون ڪيو آهن ۽ اوسنائين مذهب جي رسائي نہ ٿي آهي. جتي اڄ جو انسان بيٺو آهي.

اسان کي خبر آهي تہ اوائلي مسلمان ڪڏهن بہ ڪنهن خوبصورت گل کي پنهنجي پيرن هيٺان نہ لتاڙيندا هئا. اهڙيءَ طرح هو هڪ لکيل ڪاغذ جي ٽڪري کي بہ زمين تان کڻي وٺندا هئا تہ مبادا پيرن هيٺان اچي ان جي بيعزتي نہ ٿئي. لکڻ پڙهڻ ڏانهن اهو لاڙو ئي سندن مذهب جو روح هو، تڏهن بہ اها ڳالهہ مسلم حيثيت اختيار ڪري نہ سگهي. ان ڪري اڄ جا مسلمان قبرن تي تہ ويندا رهن ٿا . پر هو ڪتب خانن کي بيڪار ۽ بيسود سمجهن ٿا. ڇا هو سمجهن ٿا تہ ڪتب خانو يا لئبرري ڪهڙي شيءِ آهي؟ ڇا لئبرري اهو عاليشان گهر ناهي جنهن ۾ ڏهہ هزار بهترين انساني دماغ دفن ٿيل آهن؛ بلڪ اهي اتي واقعي زنده رهن ٿا. اهي لائق ۽ فائق شخصيتون جن سان اڄ بہ صلاح مشورو ڪري سگهجي ٿو. جن جي صحبت ۾ رهي سگهجي ٿو ۽ ڪائڻ پنهنجي مسئلي جو حل پڇي سگهجي ٿو. اهي اسانجي اصلاح ترقيءَ روشن خياليءَ جو باعث بڻجي سگهن ٿا.

ٿورن لفظن ۾ هيئن چئجي تہ هو زنده آهن. بلڪل زنده انسان! هوڏانهن جڏهن اسين نام نهاد وڏن ماڻهن ڏانهن وڃون ٿا تہ ادب وچان جهڪي بيهون ٿا. هي اُهي ماڻهون آهن جيڪي وقت اچڻ تي پنهنجي خيالات جو پورو اظهار بہ ڪري نٿا سگهن. حالانڪ اها انسان جي بنيادي صفت آهي جنهن کان سواءِ ڪيس انسان ڪوني نٿو سگهجي. ڇو تہ ان بيءَ صورت ۾ انسان ٻوڙن ۽ گونگن وانگر هڪ جانور آهي.

اڃو تہ هن بيءَ ڳالهہ جو ڪجھہ وڌيڪ وضاحت ڪريون. اسين انسان ان ڪري ڪونجون ٿا ڇاڪاڻ تہ اسين پنهنجا خيالات بيان ڪري سگهون ٿا، نہ تہ اسين حيوانن يا پسون وانگر گونگا ۽ ٻوڙا چئباسون. ان لحاظ سان جيڪڏهن ڪا قوم ڪو معياري ڪتاب پيدا ڪري نٿي سگهي تہ پوءِ اسين ان قوم کي گونگو ۽ ٻوڙو سمجهڻ ۾ حق بجانب آهيون؛ يعنيٰ اها هڪ جانورن جي قوم آهي. اهڙيءَ طرح وري جيڪڏهن هو خدا جي هن حسين ترين ڪائنات جي مشاهدي جي سگهہ نٿا رکن تہ اهي پنهنجو پاڻ کي انڌو ثابت ڪن ٿا. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اها قوم جانورن جي هڪ اهڙي ڌڻ وانگر

آهي جيڪا بينائيءَ کان محروم آهن، تہ ڪنن کان گهبرا پڻ آهن. بي زبان آهن، بي سمجھہ آهن ۽ انهن تي ڪنهن نظاري يا آواز وغيرهہ جو ڪو اثر ڪونہ ٿو ٿئي. هو پنهنجي طرفان ڪجھہ نٿا ڪري سگهن ۽ نڪو پنهنجي راءِ ظاهر ڪري سگهن ٿا. دنيا ڀلي ڪٿي انهن کي ڪيڏو وڏو ماڻهو ڇو نہ سمجهي. اهي بادشاهہ هجن يا وزير يا حڪمران؛ انهيءَ سان ڪو فرق نٿو پوي. اهي در اصل اڃان انسانيت جي درجي تائين نہ پهتا آهن. انهن جا ذهن خالي آهن. غير ترقي يافتہ آهن. يا ٻاراڻي سطح تي آهن. بلڪ دماغي طور تي هو مفلوج ۽ مرده آهن.

اڄ کان سوين سال اڳہ حافظ چيو[3] هو:

”سويل ئي پنهنجي روح جي زندگي ڳاهڻ جي ڪوشش ڪر، ڇو تہ هيءَ فاني دنيا تنهنجي مٽيءَ مان رڳو سرن ڳاهڻ جي انتظار ۾ آهي.“

حافظ جون اهي سٽون وري مون کي شيڪسپيئر [4] جي هيمليٽ منجهان هي خوبصورت سٽون ياد ڏيارين ٿيون.

”شهنشاهہ قيصر مري ويو ۽ سندن هڏا بہ مٽي ٿي ويا
اها مٽي جيڪا هينئر شايد صرف هڪ سوراخ بند
ڪرڻ جي ڪم اچي تہ جيئن هوا کي روڪي سگهجي.“
”ڪاش ڌرتي جي انهن جوڏن جي مٽي جن جو
دنيا ۾ ڌاڪو هو، اينتري ميسر ٿئي ها، جو ان مان ديوار
ڪڙي ڪري سياري جو اولو ڪري سگهجي ها!“

واقعي اسان جي مٽي ان کان وڌيڪ ڪجھہ ڪم جي ناهي پر اسان سالن کان وٺي هزار نمونن ۾ ان جي شيوا ڪندا رهون ٿا. حقيقي انسان تہ صرف پنهنجي تخليقات ۾ ملندو. جيئن زيب النساءَ[5] چيو هو:

”جيڪڏهن توهان مون کي ڏسڻ چاهيو ٿا تہ مون کي منهنجن شعرن ۾ ڳولهيو.“ مولانا رومي[6] تہ نهايت واضح طور تي چيو هو:

”مونکي مرڻ پڄاڻا قبر ۾ نہ ڳولهجو!“

ساڳي ڳالهہ ڪيتري اثرائتي نموني ۾ اسان جي جديد شاعر اصغر [7] ڪئي آهي. جڏهن هو چوي ٿو:

”اسين اصغر سان ملياسين، پر اسان هن کي ڏٺو
ڪونہ ! اسان کي چيو ويو تہ اصغر توهان کي البت
ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شعرن ۾ ملي سگهي ٿو!“

وقت اچي ويو آهي تہ اسان مان ڪو ماڻهون انهن جهنگلي ماڻهن کي اهو چئي ڏين تہ جڏهن لئبرري ۽ ڪتب خاني جهڙي مقدس جاءِ ۾ داخل ٿيو. بلڪ اسين ڪين ائين چو نہ چئون جيئن خدا تعاليٰ حضرت موسي [8] کي حڪم ڪيو هو: ”اي موسي تون منهنجا جوتا لاهہ ڇو تہ هيءَ مقدس جاءِ آهي، ڇا لئبرري“اي قبرستان جيتري عزت بہ نہ لهڻي جو توهان ان باري ۾ ايڏيون عاميانہ ڳالهيون ٿا ڪريون؟ جيڪو ماڻهو اها سوچ رکي ٿو سو هڪ لفظ بہ پرائي نہ سگهندو. توڙي جو ڪٿي هزارها

ڪتاب سندس آڏو کولي رکو. وڏ ۾ وڏ هو وينو انهن کي اٿلائيندو قرآن آ پاڪ انهيءَ ڪري چيو آهي:
”لايمسه الا المطهرون“ يعني ”دل جي پاڪائي کان سواءِ مون کي ڪوبه نہ ڇُهي.“

مطلب تہ جيستائين اسان صدق دل سان ارادو نٿا ڪريون، تيستائين اسان کي ڪجھ حاصل نہ ٿيندو. اسين پڙهڻ خاطر ڪجھ پڙهي ويندا سين. پر ان جو مثال اِئين آهي جيئن ڪا ٻلي ڪتاب سان راند ڪندي هجي يا جيئن ڪو گڏھ ڪتابن جو بار کڻي ويندو هجي!

تنهن ڪري اها ڳالھ سمجھي ڇڏيو تہ اوهان جڏهن ڪنهن لئبرريءَ ۾ داخل ٿيو تہ ائين سمجھو تہ اوهان ڪنهن مقدس جاءِ ۾ داخل ٿيا آهيو؛ جو تہ اها جڳھ عظيم ۽ مهان انسانن جو آستان آهي. جن کان جيڪڏهن فيضياب ٿيڻ چاهيو ٿا تہ نهٺائي ۽ نياز جو مظاهرو ڪيو. توهان جيڪڏهن واقعي روشنيءَ جا متلاشي آهيو ۽ فيض پرائڻ گھرو ٿا تہ اهو تڏهن ملندو جڏهن اوهان جي نيت سچي هوندي جڏهن اوهان علم جي چوري ۽ ناجائز استعمال کان پرهيز ڪندا. ياد رکو اها جڳھ مئلن جي ناهي. بلڪ زنده هستين جي آهي. توهان کي انهن سان مئلن وارو سلوڪ اختيار ڪرڻ نہ گھرجي. بلڪ هو تہ توهان لاءِ روشنيءَ جا مينار آهن.

◆◆

## بيت

✍ دولت راهي

- سنڌي مون لاءِ مارئي
  جنهن سان جيءَ جُڙاءُ
- سگهڙي، سهڻي، سباجهڙي،
  سادي، سرل، سياءُ
- جيجل وانگر ٿي ڏئي
  حُب، هُبڪار، هُڳاءُ
- گونج لطيفي لاٽ جي
  سچل جو سوداءُ
- ساميءَ جي ميراث
  صوفين جو پڙلاءُ
- وارث هيءَ ويدانت جي
  وحدانيت جو واءُ
- منهنجو سُرت سماءُ
  منهنجا ڳوڙها ٿڪڙا....

◆◆

## غزل

✍ گيتڪار گووندا

مُکڙو مان ساقيءَ کان، محرومُ رَهيُس،
پوءِ بہ نشي سان، ڏوُم جھوُم رهيُس

1. مُنهنجي اوطاق خاني، شَرابُ هو،
پيتو ڏُک ڏِک مان نالو، خرابُ هو،
ڪنهن ڏِنو نہ ٻڌو، معصوم رهيُس،
مان ساقيءَ کان ........

2. پيالا پيالي سان ، ٽُڪرايا مان،
ٽُڙيا ديوارين کي ٻڌايان مان،
آئينو چهرو ڏسي، شوُم شوُم رهيُس
پوءِ بہ نشي سان .....

3. شَل اَهڙي خِطا ڪنهن سان نہ ٿِئي،
”گووندا“ يارُ نہ ڪو، اَهڙو حالُ نہ ٿِئي
تِنها پيئندو رَهيس، مجلوُم رَهيُس
پوءِ بہ نشي سان .....

◆◆

# ٻولي منهنجو آ سنسار

✍ بخشيل باغي

- منهنجي ٻولي ٻهه ٻهه ٻهڪي
چِٽ مان اُڀري ڇهه ڇهه ڇهڪي
لفظن ۾ تہ لطيفي لار
ٻولي منهنجو آ سنسار

- اکرن جا آواز سُريلا
زيرون زبرون پيش رسيلا
ڳالهائڻ ۾ ماکي منڙي
اِتهاسڪ آ ساکي منڙي
جنهن تي ڌرتيءَ جو آڌار
ٻولي منهنجو آ سنسار

- لوڪ ادب سنگيت متيءَ جو
ٻولي آهي گيت متيءَ جو
سمبارا جو نِرت اِنهيءَ ۾
هي تہ ڳنڍيندڙ ڪوريءَ ڪار
ٻولي منهنجو آ سنسار

- ويدن جا سڀ شَبد سَلوڻا
ازلي سنڌوءَ جا ساروڻا
جن ۾ ٻولي ساهہ کڻي ٿي
سُر سُر تندن منجهہ تڻي ٿي
موهن مُهرون ڪوتا ڪار
ٻولي منهنجو آ سنسار

- لوڪ ادب ۾ لوڪ ڀهاڪا
لوليون لالڻ ٻول ليئاڪا
سامڪ جهڙي ٻاجهاري آ
اکرن جي هيءَ ڦلواڙي آ
لهجي ۾ هي لالا ليار
ٻولي منهنجو آ سنسار

- جنهن کي لکندي ٿَڪَ پچن ٿا
ڳالهائيندي لاڪ لڳن ٿا
سنڌي ٻولي ساهہ سيباڻي
جُڳ جُڳ جي جُهوني آکاڻي
جنهن جا جهونا سڀ ڪردار
ٻولي منهنجو آ سنسار

- ٻولي ٿان ٻلهار وڃان مان
جنهن کي ئي ٿو ماءُ مڃان مان
لڳ لڳ ۾ آ منهنجي لولي
رت ۾ جنهن جي ٿِڃ رِتولي
منهنجي آ پالڻهار
ٻولي منهنجو آ سنسار

◆◆

## غزل

✍ ڪنعيو موٽواڻي 'ماندو'

- چوطَرَف ڪوسو ئي ڪوسو واءُ آ،
بيحيائيءَ جو رڳو ورتاءُ آ.
- خوف اڇي اهڙا ٿا ويڙهي وڃن،
ڇانو ۾ پيي ٿو لڳي جڻ تاءُ آ.
- دل ٽٽل ۽ سخت ڇهرا ٿو ڏسان،
پيار سان ڪنهنجو نہ ڪو بہ لڳاءُ آ.
- روشنيءَ ۾ جي ڏسين چمڪاٽ ٿو،
ڪو تہ اوندهہ پيي ڪندي پڙلاءُ آ
- ماڻهو ئي ماڻهوءَ جو ناهي اَڄ رهيو
ڪونہ سڏجو پڻ ڪٿان ورجاءُ آ
- لفظ سان ئي لفظ ڳالهائي سدا،
لفظ سان ئي زندگيءَ ۾ ساءُ آ.
- زندگي پر ياد 'ماندا' ٿو رهي
لفظ جنهن دل تي ڪيو ڪو گهاءُ آ.

◆◆

# सिंधियत जी जोति
# “शिव जो ड्डींहं”

✍तमन्ना मतलाणी – गोंदिया

अजु भगवान शिव जो ड्डींहं आहे। अजु असां सभई गड्डिजी करे शिव जो ड्डिणु मल्हाए रहिया आहियूँ। मञिता मूजिब चयो वेंदो आहे त अजो के ड्डींहं भगवान शिव ऐं माता पार्वतीअ जो विहांउ थियो हो।

अजु जो ड्डींहं भगवान शिव जो मञियो वेंदो आहे। इन ड्डींहं ते असां सभेई शिव मंदिरु वञी करे भगवान शिव जी भगिती भाव सां पूजा करे हुननि खां मन जी मुराद पूरी करण जो वरदान घुरंदा आहियूँ।

भगवान शिव खे जल्दु प्रसन्न थियर वारो देवता जी मञिता मिलियल आहे। इन करे अजु जे ड्डींहं सचे मन सां पूजा अर्चन करे भगवान खे खुश करण जूँ कोशिशूँ करण घुरिजे इन सां असांजे मन जूँ मुरादूँ अवसि पूरीयूँ थींदियूँ आहिनि।

भगवान खे प्रसन्न करण जो सरल उपाउ रूद्रभिषेक आहे। हिंदू धर्म जी मञिता आहे त अजु जे ड्डींहु सुबह असुर जो कंहिं पवित्र नदीअ में स्नानु करे  शिव मंदिरु में भगवान शिव जो दर्शनु करण सां जीवन जा सभेई कष्ट दूर थी वेंदा आहिनि।

मञिता मूजिब सजे संसार में १२ जयोतिर्लिंग आहिनि– इहे पृथ्वीअ ते पाण ई प्रकट थिया आहिनि। इहे १२ ज्योतिलिर्गं असांजे देश जे अलग अलग जगहियुनि ते विराजमान आहिनि।

१. सोमनाथ शिवलिंग गुजरात जे सौराष्ट्र में आहे।
२. मलिकार्जुन शिवलिंग चेनई (मद्रास में कृष्णा नदीअ जे किनारे आहे।
३. महाकालेश्वर शिवलिंग उजगजैन में आहे।
४. ॐकारेश्वर मध्यप्रदेश जे ॐकारेश्वर स्थान ते आहे।
५. नागेश्वर गुजरात में आहे।
६. बैजनाथ बिहार में आहे।
७. भीमाशंकर महाराष्ट्र में आहे।
८. त्र्यंबकेश्वर महाराष्ट्र जे नासिक में आहे।
९. घुश्मेश्वर महाराष्ट्र जे औरंगाबाद में आहे।
१०. केदारनाथ शिवलिंग हरिद्वार खां १५० मील जी दूरी ते उत्तराखण्ड में आहे।
११. रामेश्वरम शिवलिंग तमिलनाडू में समुंड्र जे भरिसां आहे।

अचो त असां सभेई सिंधी परम्परा याने कि धार्मिक भावना सां शिव जे ड्डींहं भगवान शिव जो दर्शनु करे जीवन खे सवलो करण जी कोशिश कयूँ ऐं पंहिंजे परिवार सां गड्डु ज्योतिर्लिंग जो दर्शन अवसि कयूँ।

◆◆

# دهشت

ڀڳوان اٽلاڻي




ماحول ۾ ڊپ هو. ڪورونا ڪان وڌيڪ وايرس جي وچڙ جو ڊپ هو. نه ويڪسين، نه دوا، اونده ئي اونده هئي. دنيا جي هر ڪنڊ ۾ چرم ۾ هئي. هر هڪ ننڍو - وڏو، اَمير-غريب، اُسريل - اَڻ اُسريل، اڳيون پنيون ديس هجي يا شخص لاچار محسوس ڪري رهيو هو. تيسمارخان ڪان شروع ڪري ٻين جو منهن تڪڻ واري ڪنڊ تائين، سڀ اَڻڄاڻ ڊپ ۾ ٻڌل هئا. اِسپتال، اؤزار ، ماهر ڊاڪٽر، سهوليتون پريل طريقا، شرير جو ذري ذري ڪي چڪاسڻ ۾ قابل جاچون ۽ ويما چيڙائڻ ڪان سواءِ ٻِيو ڪجهه ڪرڻ جي حالت ۾ نه هئا. هر-هر صابڻ سان هٿ ڌوئڻ، سئنٽائيزر، ماسڪ، ٻه وال فاصلو، لاڪڊائون ۽ ڪرفيو ڪان سواءِ ڪو هٿيار نظر نه پيو اچي. هوائن ۾ سيسات هئا ته اخبار جي پنن تي ڏسڻ ۾ نه اچڻ وارو پوشيده ڪورونا وايرس پير ڪوڙي وينو آهي، ڪنگهه ۽ ڇِڪ ڪورونا جا واهڻ ٺهيل آهن. زڪام ۽ نڙيءَ ۾ سُر سُر ڪي ڪورونا جو دستڪ ٿو مڃيو وڃي.

رات جا ساڍا اَٺ ٿيا هئا. موبائيل جي گهنٽي وڳي. اِسڪرين تي شڪوءَ جو نالو چمڪي رهيو هو. شڪوءَ؟ سندس فون ڪيئن آيو آهي؟ ڪا اَڻٽيڻي ته نه ٿي ويئي آهي؟ ڊپ ڳاڙ ڌڙڪنن جي لهه وچڙه جي وچ ۾ فون کنيوم. ”هيلو!“

”لاڪ ڊائون جو اَعلان ٿي ويو آهي. توهان آيا نه آهيو اڃا تائين؟“

”رات جو ٻارهين بجي کان آهي نه لاڪ ڊائون؟ دڪان وڌائي ڏيڊ - ٻن ڪلاڪن ۾ اَچان ٿو. “

”جلدي اَچو نه؟“ شڪوءَ جو آواز ڊپ ۾ ڀڳل هو.

”ٻار اَچي ويا؟“

”ها، فون ڪري مون ٻنهي کي گهرائي ورتو آهي، توهان اَچو مونکي ڊپ ٿو ٿئي.“

”ڊڄ نه. ٻار آهن نه توسان گڏ، نه ڄاڻ ڪيترا ڏينهن دڪان بند رکڻو پوندو. حساب - ڪتاب، مال اَساب، سهج - سنور، الماريٰن جا تالا - چاٻيون، چست درست ڪري جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهندو، اچي ويندس . تون چنتا نه ڪر.“

”ڏسو...“ گهبراهٽ سان لچندڙ اِڏڇيل لفظ موبائيل ۾ نه ماپي رهيا هئا.

”اَچان ٿو، جلد ٿو اَچان.“

هميشهه غير رضامندي، نافرماني، بي پرواهي، بدزبانيءَ سان ٿيڻ وارو مخاميل چنتا ۾ ڪيئن متجي ويو؟ لاڪ ڊائون ضرور هاڻي ٿيو آهي. پر ڇا ڪورونا وايرس جي دهشت فقط اَعلان سان ايتري وڌي ويئي آهي جو شڪوءَ ۾ ؟ موبائيل تي سندس آواز شايد ئي ڪڏهن ٻڌڻ لاءِ ملندو هو. آمهون سامهون ٿيڻ واري هر هڪ ڳالهه بارود جي بوءِ جي ويڙهيل هوندي هئي. ساڳي شڪوُ ڊڳل هرڻي جيان ڇڻ نه ورلاپ جو ٻولي ڳالهائي رهي هئي. ڪنهن لوڻ مرچ لڳائي ڪجهه چيو ناهي شڪوُ کي؟

ڪورونا جي ڪري اوڙي پاڙي ۾ ڪنهن جي موت جي ڪري ته اِئين نه ٿيو آهي؟ شڪوءَ جي من ورتيءَ ۾ آيل بدلاءُ جو سبب پلي پانت سمجھ ۾ نه آيو هنڪي.

گهر پهچندي پهچندي سادا يارهان وڄي ويا. اِن وچ ۾ شڪوءَ جا ٻه فون اچي ويا. هر دفع عاجزي جو جيئرو مثال هو سندس لهجي ۾. ڪو ٻيو ڏينهن هجي ها ته شڪوءَ جي من اِستٿيءَ ڪان وياڪل ٿي، اڳيان پنيان ڪجھ سوچڻ بنا هوُ گهر موٽي وڃي ها. پر لاڪڊائون جي اعلان سبب هن دفعي سڀ ڪجھ عام نه هو پورو ڏيان شڪوءَ ڏانهن، شرير دڪان تي ۽ من سوالن جي مڪڙي جار ۾ ڦاٿل هو.

هميشھ گهنٽي وڄڻ ڪان پوءِ در کولڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي چار منٽ لڳندا هئا. هن دفعي محسوس ٿيو، شڪو در سان چپڪي بيٺي هئي ۽ ڪڙڪي جو اِنتظار ڪري رهي هئي. ٻار اَندر ڪمري ۾ هئا. سندس ويڄها يا گڏ هجڻ ها تڏهن ٻه شايد ائين ئي ڪري ها بي ساختا ساٽس چنبڙي روئڻ لڳي. هڪ هٿ سان دڪان تان آندل ٿيلهي سنڀاليندي، ٻئي هٿ سان هوُ شڪوءَ جي پٺيءَ تي ٿڏڙا گهمائيندو رهيو. اِن حالت ۾ ئي اندر وٺي اچي شڪوءَ کي پاڻ سان صوفي تي ويهاري، پٽ کي سڏ ڪري هن پاڻي ڪڻي اچڻ لاءِ چيو. هٿ ۾ جهليل ٿيلهي هن صوفي تي پاسي ۾ رکي. ڦڙتيءَ سان پٽ جي آندل پاڻيءَ جي گلاس کي هڪ هٿ ۾ جلهي هن شڪوءَ جي چپن ڏانهن وڌايو. سندس ٻيو هٿ شڪوءَ جي پٺيءَ تي ٿڏڙا ڪيندو رهيو. ڪجھ ٻارن جي اُٿي هئڻ ۽ ڪجھ موٽي اچڻ جي احساس ساھ سامت ۾ آيل شڪوءَ پاڻيءَ جو گلاس پنهنجي هٿ ۾ وٺي پيتو. چپن تي هلڪي مرڪ سان گڏ اکين ۾ تعجب ۽ پيار اوتي هوُ شڪوءَ ڏانهن نهاريندو رهيو.

شڪوءَ هُن ڏانهن ڏٺو ۽ پنهنجي اڏيرتا کي ياد ڪري خاموشيءَ سان اٿي بيٺي. هٿ وڌائي شڪوءَ کي وري پاڻ سان گڏ ويهاريو،

”ڏاڍيو دٻ ۾ رهيو آهي؟“

”ها ... نه... اوچتو اُٿي هوءَ تڪڙي هلي وئي.

رستن تي سناٽو سپريل هو پکين جي چهچهاهٽ ۽ ماحول ۾ رچيل وسيل سائن-سائن سان ويڄهائپ زندگيءَ جو ضروري حصو بڻجي وئي هئي. اچڻ وڃڻ، ملڻ جهلڻ پوريءَ طرح بند هو. ڪير، پاڄيءَ ۽ گهر گرهستيءَ جي ضروري سامان جي خريداريءَ کان سواءِ گهر جو در اورانگهڻ ٻه گناھ هو. ۽ اِهي ٻه ضرورتون پوريون ڪرڻ جو بندوبست سرڪار پاران علائقي ۾ مقرر جڳھ تي ڪيل هو. دوردرشن تي ’رامايڻ‘ ۽ ’مهاڀارت‘ جي وري ڏيکارڻ واري سلسلي جي لاڳيتي پيشڪش هئي. ٻاهرين جسماني ۽ ذهني هلچل سُسي ڪٽنب جي چوڌرد گهمي رهي هئي. تاڙي، ٿالهي، ٽارچ، ڏيئا، موبائيل جي تيز روشنيءَ جهڙن سڌن ضرور ڪجھ چمڪندڙ رنگ پکيڙيا هئا، نه ته خاموشيءَ ۽ اُداسيءَ سان گڏ جيئڻ جي مجبوري زندگيءَ تي حاوي ٿي چڪي هئي.

دڪان تي رکيل سڄي مُرادي هوُ پاڻ سان کڙي آيو هو. حفاظت ۽ آئينده جي مالي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکندي اهو قدم ضروري لڳو هو. هونئن اي.ٽي.ايم ڪارڊ هو. بئنڪ ڪاتي ۾ رقم ايتري هئي جو تنگي اچڻ جي ڪا چنتا بلڪل نه هئي. پر اي.ٽي.ايم تائين وڃڻ ڏکيو ڪم هو. رستي تي پوليس هئي. سندن سوالن سان منهن ڏيندي، بئنڪ ۾ جمع پنهنجي ئي رقم تائين هٿ پهچائڻ

سولو ڪم نہ هو.غنيمت هئي تہ دڪان تان آندل رقم بخوبي سات ڏيئي رهي هئي نہ تہ تڪليفون پهچ ڪان ٻاهر هليون وڃن ها. بند ريل گاڏين، بند بسين، بند اچ وڃ جي ٻين وسيلن، هڪ ڪان ٻي جڳهہ تي لڏيندڙ مزورن جون خبرون جو ڏهڪاءُ فضائن ۾ غم هو. هوُڪتنب سوُڏو گهر ۾ محفوظ هو. زال ۽ ٻار گڏ هئا. ضرورتون پوريون ٿي سگهن. روزمره جو ڪم هلي وڃي. اينري رقم ۽ سامان گڏ هو. دؤر جو اِهو سڀ ڪان وڏو وردان ڪيس مليل هو. ڪاڏي جي پئڪيٽن ۽ راشن لاءِ وانجهائٺو نہ پوندو هو.

اَخبار نہ پيو اَچي ۽ نہ اُنجي پنن سان چپڪيل ڪورونا وايرس جي هئڻ يا ڦهلجڻ جي ڪوڙي سچي افواهہ دماغ خراب نہ ڪري رهي هئي. پر دوردرشن تي ڪورونا سان واسطيدار خبرن جا پهاڙ هئا. آڪاشواڻيءَ تان خبرن جي جڳهہ تي ڪورونا بابت ڄاڻ نشر ٿي رهي هئي. وڌندڙ اثر، وڌندڙ موُتن، وينٽيليٽر ۽ پي.پي. ڪٽ جي کوٽ بابت هتان هُتان ايندڙ فون ۽ واٽس-آپ سنديش اُڏامندل، پرتوريندڙ سچا ڪوڙا قصا وايرل ٿي رهيا هئا.

سندس من ۾ ڪورونا ڪان بہ وڌيڪ ڊپ شڪوءَ جي وهنوار جي ڪري هو. لاڪڊائون جو مقابلو ڪرڻ ۾ هوُسمرٿ هو. گهر ۾ رهڻو پوندو. وائرس تي ڪنهن جو وَس نہ پيو هلي. پر ڪيڏنهن اچڻ وڃڻ بنا گهر جي ماحول ڪان آجو ٿيڻ جو ڪو طريقو نہ هو. شڪوءَ جي تنڪ مزاجي لاڪڊائون جي دؤر ۾ ڪيئن جيئڻ ڏيندي؟ اهو سوال سامهون بيٺل وَبا ڪان بہ وڌيڪ ڊيڄاريندڙ تصوير ٺاهي رهيو هو. سندس ذهن لاڪڊائون جي اعلان ڪان پوءِ وَر وَر آيل شڪوءَ جا فون سندس ٻچتائيءَ کي گهر ڪري ويا هئا. گهر موٽڻ ڪان پوءِ شڪوءَ جي ظاهر ذهنيت سندس اُلڪن کي اهڙي ڏُنَڍِ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو، جنهنجي ٻي پر ڏسڻ ممڪن نہ هو.

گهر ۾ قيد هئاسين. بس چار ڇهرا هئا، جن کي ڏسڻو هو گهمي ڦري ڪري لڳو هو، شڪوءَ جي وهنوار سبب هڪ هڪ پل گذارڻ ڏکيو ٿي پوندو پر ٿيو نہ اِئين. سيني کي گڏ ويهاري گڏجي هنومان چاليسا ۽ سندر ڪانڊ کي ڳائي پڙهڻ - دوردرشن تي رامايڻ ۽ مهاڀارت گڏجي ڏسڻ. گڏ ويهي منجهند ۽ رات جو کاڌو کائڻ جو سلسلو شام جو گهر ۾ شڪوءَ جي ٺاهيل ڪنهن ذائيڪدار مٺائي يا اِڊلي -سانڀر يا ڊوسا يا پزا يا ڪيڪ جي پيار اوتيل پيشڪش. چنتا ڪري پلڪ نوڪ کي خوردبين لڳائي ڪيل سينگار پنهنجائپ هر پل ٻڌڻ ۾ اچڻ واري گونج. شڪوءَ جي روزمره جي زندگيءَ جي ونڊ تعجب جو سبب هوندي بہ وقت جي ٽنڪار ٻڌجي رهي هئي.

شڪوءَ ۾ آيل بدلاءَ جو سبب ڪجهہ بہ رهيو هجي، پر گهر جا ٻچيل ٿيئي ياتي هر وقت پاڻ کي خوشنما ماحول جي وچ ۾ محسوس ڪري رهيا هئا. گهر جي ڪم جو سمورو بوجهہ خوشيءَ سان ڪٽندي اسان سيني جي خوشيءَ جي لاءِ هوءَ جيڪو ڪري رهي هئي، تنهنجو اَثر پير پساري رهيو هو. شڪوءَ نہ اِشارو ڏنو، نہ زبان کولي شڪايت ڪئي. تنهن ڪان پوءِ بہ گهر ۾ لڳاتار حاضر ٿيئي ياتي سندس ڪم ڪار ۾ هٿ وجهائڻ لڳا هئا. ٻهاري-فرش اُگهڻ، ٻاسڻ - ڌوئڻ، ڪپڙا پنهنجي جڳهہ تي رکڻ، اوگهہ پوگهہ، ڪپڙن جي ڌوپ ۽ استري، هنڌ ويڙهڻ، ڪرسيون ٺاهي رکڻ، چادرون مٽڻ، وهاڻن جو ڇهوُن، نيرن، ڏينهن رات جو کاڌو تيار ڪرڻ، من پسند طعام ٺاهڻ ۽ مٺايون تيار ڪرڻ جي مشڪتي اڪيلي شڪوُڪندي رهي؟ گهر وينا آهيون تہ اسان بہ ڪجهہ ڇو نہ ڪيون؟ هڪ ٻئي سان مشورو ڪئي بنا ٿنهي گهر جي ڪمن ۾ هٿ وجهائڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. نہ، نہ جي باوجود

شڪوءَ کي ملندڙ خوشي ٻهڪ پري مُرڪ بڻجي سندس چهري تي رقص ڪري رهي هئي. قرض لهڻ جو احساس ڪنهي کي سنتوش سان پري رهيو هو.

گهر جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ جو پرسنگ ايندي ئي شڪوءَ بيچئن ٿيڻ لڳندي هئي. هر دفعي هدايتون دهرائڻ سان گڏ وڃڻ کان اڳ ۾ ماسڪ ۽ موٽڻ کان پوءِ صابڻ سان هٿ ڌوئڻ جو سلسلو پڪتو ڪندي هئي. ڪير وٽي اچڻ ۾ ڏهه منٽ لڳن يا پاڇي وٽي اچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ ۽ سوڏو سنو آڻڻ ۾ هڪ ڪلاڪ- سندس فون ايندا رهندا هئا. خبرداري رکي رهيو آهيان يا نه پڇندي رهندي هئي. سندس هر سوال چنتا جي سمنڊ جي جهلڪ هوندي هئي. مڙس يا ٻار محفوظ رهن. ڪورونا جي چپيٽ ۾ نه اَچن. سمجهه ۾ اچي پئي سگهي شڪوءَ جي واڌو خاطري سمجهه ۾ اَچي وڃي ها، جيڪڏهن هوءَ پراڻي شڪوُ نه هجي ها اُها شڪوُ، جنهن کي هوُ اچ تائين ڏسندو آيو هو.

هڪ اَڌ دفعو دڙڪو ڏيئي، هڪ ڪان وڏيڪ پيرا پيار سان ، ناراضگي ظاهر ڪئي، ”مان ڏڪان تو هلايان. دنياداري پلو برو سڀ سمجهندو آهيان. پنيان چو پئي رهندي آهين هميشهه هر وقت؟“

هوءَ خاموش رهي، نه صفائي ڏنائين، نه خطا مڃيائين، نه آئينده اهڙو ڪجهه نه ڪرڻ جو دلاسو ڏنائين. هن رد عمل تي شڪوُ نه مرڪندي هئي ۽ نه سهڄ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. اُنجي اُبتڙ سندس وهنوار ۾ روڪ ٽوڪ جو جزو وڌي ويندو هو فون وڏيڪ اچڻ لڳندا هئا، پراڻي ۽ نئين شڪوءَ ۾ فرق فقط ايترو ئي هو جو چڙ-چڙ تنڪمزاجي ۽ خفي ٿيڻ واري ڳالهه سندس وهنوار مان غائب هيون. سڄاڳ ساوڌان ۽ خبرداريءَ ۾ تر جيترو سمجهوتو نه . پوري بي باڪي پر آواز يا لهجي ۾ هڪ خاص طرح جي پختگي .

رات جو ڪاڏو ڪائي چڪا هئا. ٻار پنهنجن ڪمرن ۾ وڃي چڪا هئا. شڪوءَ اڃان رنڌڻي ۾ هئي. هند تي اَڌ ليٽيل هوُ پنهنجي شهر جون تازون خبرون ڄاڻڻ جي مقصد سان مڪاني ٽي.وي. چئنل ڏسي رهيو هو. ڪورونا سن جنگ ۾ مبتلا ڊاڪٽرن تي خاص پروگرام هلي رهيو هو ته لاڪڊائون جو اعلان ٿيڻ واري ڏينهن کان پوءِ شهر ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا ڊاڪٽر ڪورونا جو شڪار ٿي زندگي وڃائي چڪا آهن هيل تائين؟

پروگرام نهاريندي هن کي اسڪرين تي هڪ سڃاتل چهرو نظر آيو. ٻڌايو ويو ته شروعاتي دؤر ۾ ڊاڪٽر لال پنهنجا پراڻ تياڳا هئا. هوُ چرڪيو، اڙي! هي ته شڪوءَ جي ڀاءُ جو ويجهو دوست هو. هن زور سان رڙ ڪئي، ”شڪوُ!“

آلن هٿن سان شڪوُ ڊڪندي آئي. ڪجهه چوي تنهنکان اڳ ۾ ئي هن تڪڙو پڇيو، ”ڊاڪٽر لال تنهنجي ڀاءُ جو دوست هو نه؟ هوُ مري ويو ۽ تو ٻڌايو به نه.“

شڪوءَ ڪو جواب به نه ڏنو. ڀرپور ڪوشش کان پوءِ هوءَ پاڻ کي سنڀالي نه سگهي. ڌم سان پلنگ تي ويهي رهي ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. هند تي ويهي هن شڪوءَ جو مٿو پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو.

لاڪڊائون جو اِعلان ٿيڻ بعد ڏڪان تي هر هر شڪوءَ جا اچڻ وارا فون سندس ذهن ۾ سلسليوار ۽ پرت در پرت وڃي رهيا هئا ڪورونا ڀاءُ جهڙي ڀاءُ جي دوست جي جان ورتي هئي. پڏدا ٿيل غير

محفوظگيءَ جي ڀاوَنا کي زرهہ پارائڻ جي ڪوشش هئي. شڪُوءَ جا وَر وَر ڪيل فون ڪورونا ڪيو هوندو. گھڻو ڪجھہ تهس نهس پر سندس زندگيءَ کي تہ ڀري ڇڏيو هئائين هن وايرس. هوُ پرارٿنا ڪري رهيو هو. ڪورونا جي ودائيءَ کان پوءِ دهشت سبب پئدا ٿيل سرپرستي ڀاوَ قائم رهي شڪُوءَ ۾.




ساڃي کان شريمتي ۽ شري هوندراج بلواڻي، روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي، شريمتي ۽ شري ڀڳوان اِٽلاڻي

◆◆

## غزل ✍ ڪرن پرياڻي 'آنمول'

- ساهہ آ ساهہ کڻڻ جي خاطر
  مان نٿي جيئان جيئڻ جي خاطر
- سال گذريا ۽ مهينا گذريا
  تون اچين ، اُن اچڻ جي خاطر
- مان ندي بڻجان، هوا تون بڻجين
  لهر در لهر ڇهڻ جي خاطر
- پنهنجا هٿ پاڻ ڪيا مون گهايل
  قول مان ڪندا ڪيڻ جي خاطر
- تيل تون! آهيان ڏيئو مان ليڪن
  وٽ ضروري آ ٻرڻ جي خاطر
- ذات پنهنجي ٿا ٻڌائن تارا
  چنڊ کي هيٺ ڪرڻ جي خاطر
- ڪو تہ ٿنال هلي روڪي ڙي
  سنڌ کي پائي ملڻ جي خاصر.

◆◆

## نظم: سچ نہ مرندو...

✍ڍولڻ راهي

- سچُ چيو مون
  منهنجي لاءِ تہ مچ ٻري پيو
- ڀيٽي ناهي
  پر ڏاڍن جو ڏيل ڏري پيو
- موت تہ اچڻو آهي، ايندو
  اڄ آيو ڪ سڀاڻي ايندو.
- هيئن اچي يا هونءَ اچي، پر
  موت تہ ڪنهن بہ بهاني ايندو
- آدم اچڻو وڃڻو آهي
  ڄائو آهي نيٺ تہ مرندو
-ليڪن سچ جي سوچ نہ مرندي
  ۽ هي جو مچ نہ ٺرندو
  سچ نہ مو آ، سچ نہ مرندو

◆◆

# سري ڀڳوت گيتا - يوگ سبج سماڌي

ڌيارام گدومل

اهو وڏو درجو اُوچيءَ سماڌيءَ ۾ ملي ٿو ۽ يوگ جو اَرٿ اِهائي سماڌي آهي. اِنهيءَ سماڌيءَ جو نالو پرسماڌي يا نروڪلپ سماڌي يا اَسمپرگنات سماڌي يا نابج سماڌي آهي ۽ اپر-سوڪلپ-سمپرگنات ۽ سبج سماڌيءَ جي رستي يا اِشور پرڻدان سان يا وويڪ هٽ ڪرڻ سان يا اڀياس ۽ پرويراڳ سان اهڙي سماڌيءَ کي ماڻهون پهچي سگهي ٿو.

سبج يا نبج واري سماڌي اُها آهي جنهن ۾ جيتوٽيڪ چت جون ورتيون بند آهن تڏهن بہ جنهن شيءَ سان چت هڪ ٿيو آهي تنهن جي سڌ رهي ٿي. چت ۾ ستو-رجو ۽ تمو گڻ آهن ۽ رجو سداءِ پرورتي ۽ چنچلائيءَ جو ڪارڻ آهي تنهن ڪري جيئن ڦرموٽي ڦري تيئن چت بہ ڦري ٿو. اِنهن ڦيرن کي ورتيون يا پرڻام سڏين ٿا. ڪن ڦيرن ڪري دک ٿئي ٿو ڪن ڪري نہ، ۽ جيڪڏهن چڱي طرح اُنهن ڦيرن جو حساب رکجي تہ اُهي پنجن قسمن جا معلوم ٿيندا يعنيٰ ڪڏهن تہ چت ۾ اڳين انوڀو يا آزمائش جي يادگيري حاضر آهي. انهيءَ ورتيءَ کي سمرت چئبو آهي. ڪڏهن تہ منجهس اهڙي يادگيري نہ آهي ۽ نڪو ڪو ٻاهريون انوڀو حاضر آهي پر ماڻهن ۾ ننڊ آهي ۽ رڳو اهڙو سنسڪار چت ۾ آهي جنهن ڪري جاڳڻ کان پوءِ ماڻهون چوي ٿو تہ مونکي ننڊ هئي.انهيءَ چت جي ورتيءَ کي نندرا سڏين ٿا وري ائين بہ ٿئي ٿو تہ ڪڏهن چت اُبتا ۽ مخالف خيال ڪري ٿو يعنيٰ ڪي اهڙا لفظ ڳنڍي ٿو جن لفظن جو مطلب ڳنڍجڻ جو نہ آهي مثلا سڱ هڪڙو لفظ آهي ۽ سهو ٻيو لفظ آهي. هاڻي جي چئبو تہ سهي کي سڱ آهن تہ سچ پچ اهو هڪڙو مخالف خيال آهي چاڪاڻ تہ ڪنهن بہ سهي کي سڱ نہ آهن.اهڙن خيالن کي وڪلپ چئبو آهي ۽ اهڙي چت جي ورتيءَ کي وڪلپ ورتي سڏبو آهي. سچ اُپريو آهي، سچ لٿو آهي، ڌرتي بيٺي آهي، ماڪ ڪري ٿي، آڪاش جو فلاڻو رنگ آهي، منهنجو آتما دکي اهي، اُهي سڀ وڪلپ آهن چاڪاڻ تہ درحقيقت آتما جو دک سان سنبنڌ نہ آهي ۽ آڪاش کي ڪو رنگ نہ آهي ۽ ماڪ نٿي رکي پر هيٺان مٽي تي چڙهي ۽ ورتي سداءِ پيئي ڦري ٿو سندس ڦرڻ ڪري هنن ملڪن ۾ اڌ ڏينهن اسين انهيءَ پاسي تي آهيون جنهن پاسي سج اڀس ۽ اڌ ڏينهن انهي پاسي جنهن پسي سج نہ اڀس. چوٿين ورتيءَ جو نالو ويرئيہ آهي جڏهن چت سپيءَ کي روپ سمجهي ٿو يا ٽنيي کي ماڻهو يا جڙ کي چيتن يعنيٰ جڏهن ڪيس ڪنهن شيءَ جو مٿيا گيان آهي تڏهن اُنهيءَ کي اهڙي ڌرتي آهي مطلب آهي تہ اهڙي شيءِ جو سچو روپ اهڙي مٿيا گيان سان نٿو ملي اچي. پنجينءَ ورتيءَ جو نالو پرماڻ آهي. انهيءَ ورتيءَ ۾ مٿيا گيان نہ آهي پر پوري سمجهہ. اهڙي سمجهہ سانکيہ ۽ يوگہ موجب ٽن رستن سان هٿ اچي سگهي ٿي يعنيہ پرتئڪش پروڙ سان يا انومان ڪرڻ سان يا آگم سان. آگم جي بدران سانکيہ ۾ آپت وچن اهي لفظ ڪم آندل آهن ٻيا بہ بہ نالا يعنيٰ پرتئڪش ۽ پرماڻ سانکيہ ۽ يوگ ۾ ساڳيا آهن. آپت وچن جو مطلب آهي سک پت ۽ سيني کان اُتم ساکہ ٻنهي متن موجب آگم يعنيٰ ويد جي آهي. انومان جو مطلب آهي دليل دورائڻ، پرتئڪش جو مطلب آهي پنجن گيان اِندرين سان پروڙڻ، اُها ورتي جنهن ۾ پرتئڪش يا انومان يا آپت وچن آهي تنهن کي پرماڻ ورتي سڏجي ٿو ۽ اُها ٻين چئن کان وڏي آهي (١١٠٥)

پر جيستائين چت کي ڪابہ ورتي آهي تيستائين ائين سمجهجي ٿو تہ ڏسندڙ ڏسڻ جو هٿيار ۽ ڏٺل شيءِ اهي ٽي ڌار ڌار آهن ۽ تيستائين سچو چيتن پرش جڻ تہ پاڻ ۾ نٿو رهي ۽ سچو درشٽا جڻ تہ سوسٿان ۾ نہ آهي [illegible] پرورتين سان هڪ ٿيو پيو آهي [illegible] ۽ اهڙي حالت ۾ اُوچي سمادي ٿي نٿي سگهي ۽ پروڪش پرتئڪش نٿو ٿئي يعنيٰ اَدرشت- بڌ کي ڏسڻ ۾ نٿو اَچي.

ڪيترا اڙڪا سنسڪرت لفظ يوگ سمجهائڻ لاءِ لاچار ڪم ۾ آڻڻا پون ٿا ڇاڪاڻ جو انهن کان سواءِ چاڙهو ڪونهي. يوگ سوترن جي موجب سبج سماڌيءَ ۾ وترڪ ويچار آنند ۽ اَسمتا ٿي سگهن ٿا. اِهي سڀ لفظ ڪنن آهن جيتوڻيڪ ويچار ۽ آنند سنڌيءَ ۾ ڪم آڻيندا آهن. جيئن ڪيترا قاعده جا نج لفظ قاعده سمجهائڻ لاءِ ضروري آهن تيئن يوگ سمجهائڻ لاءِ نج فيلسوفي لفظ بہ ضروري آهن. مٿين جو مطلب هي آهي جڏهن پنجن مهايوتن ۽ رڪڪر تي بہ نسبت سندن ذات ۽ سنبند يا علاقہ جي ڪم ڪجي ٿو تڏهن انهيءَ کي سوترڪ يعنيٰ وترڪ يا صص واري سماڌي سڏيندا آهن ۽ جي انهن تي سنيم جي پر نہ بہ نسبت سندن ذات يا سبند جي تہ انهي سوتروترڪ سماڌي سڏيندا آهن ۽ جڏهن پنجن تن ماترابن ڪرن تي بہ نسبت ديش ڪال ۽ اهڙن حدن جي ڪجي ٿو تڏهنانهي کي سوچار يا ويچار واري سماڌي سڏجي ٿو. ۽ جي اهڙين حدن کان سواءِ انهن تي سنيم ڪجي ٿو تہ انهن کي نروچار سماڌي چئجي ٿو. جڏهن رجس ۽ تمس کي زبردست ڪري ستوتي سنيم ڪجي ٿو تڏهن آنند پيدا ٿئي ٿو ۽ انهيءَ سماڌي کي سانند سڏيندا آهن. ۽ جي سماڌي فقط هيستاءِ ٿا ڪن تن کي وديهہ سڏيندا آهن؛ ڇاڪاڻ تہ اهي ديهہ مرضيءَ تي ڇڏي سکهن ٿا پر جنمن کان ڇٽي نٿا سگهن. پر جي ستوتي اهڙي حالت ۾ سنيم ڪن ٿا جنهن ۾ رجس ۽ تمس نہ فقط زبردست آهن پر انهن جو رنگ بہ اهڙيءَ مهل چت مو ڪونهي تن کي پرڪرتيءَ ليءَ سڏيندا آهن ۽ اُنهن جي سماڌيءَ جو نالو ساسمت آهي ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ اها سماڌي نندي نہ آهي تہ بہ انهيءَ ۾ اجان مانپڻو يا اَسمتا پئي آهي ۽ ماڻهون پرڪرتيءَ کان اجان ڌار نہ ٿيو آهي.

ساڳيءَ طرح ڪنهن بہ اَسٿول وشينيا شين تي سنيم ڪرڻ سوترڪ سماڌي آهي. ڪنهن کي بہ سوڪم يا اوشيش تي سنيم ڪرڻ سوچار آهي ڪنهن بہ گيان يا جوت جي ڪارڻ تي سنيم ڪرڻ سانند آهي ۽ اهڙي ڪارڻ جي مول اَلنگ ڪارڻ تي سنيم ڪارڻ سا سمت آهي [۱۷]. اِهي سڀ سبج سماڌيءَ جا قسم آهن ۽ جئن استعمال سان‌ضيعف جسم مضبوط ڪري سگهجي ٿو. تئن اهڙن قسمن سماڌيءَ جي سان چت مضبوط ڪري سگهجي ٿو.

اِنهن قسمن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي قسم سماڌيءَ جا آهن جي هيٺ ٻڌائجن ٿا:

سڀ ڪنهن مهايوت کي سچ پچ پنج روپ آهن. هڪڙو تہ اِسٿول آهي تنهن کان اَڳيان سوروپ آهي. مثلا هئدروجن ۽ آڪسيجن پاڻي جا سوروپ آهن ۽سوروپ کان اڳيون سوڪم آهي يعنيہ پاڻي ءَ جي تن ماترا ۽ سوڪم کان اڳيون سروگت روپ آهي يعنيٰ اُهو جنهن ۾ ٽي گڻ آهن ۽ جو سڀ ڪنهن هنڌ آهي ۽ پويون روپ اُهو آهي جنهن ڪري مهايوت پنهنجو ڦل پيدا ڪري ٿو. انهن پنجن تي سنيم ڪرڻ سان مهايوت وس ٿين ٿا ۽ ڪايا جي سميت يا ڪماليت ملي ٿي يعنيٰ روپ يا حسن- لاوڻيہ يا لطافت-ٻل ۽ وجر جهڙي سوٽپڻ ۽ ڪايا جا جي ڌرم ڪرم آهن تن ۾ گهاري نٿي پوي [۴۴] ۽ ٨ سڌيون ملن ٿيون [۴۵]. اِهي ٨ سڌيون هي آهن:

۱. اڻيما يعني ڪنهن بہ اڻي يا پتڪريءَ وانگي ننڍي ٿيڻ يا اُنهيءَ سان هڪ ٿي وڃڻ جي شڪتي.
۲. مهيما يعني ڪنهن بہ وڏي شيءِ وانگي پاڻ وڌائڻ جي شڪتي.
۳. لگهيما يعني ڪنهن بہ هلڪي مثلا ڪپهہ جهڙيءَ شيءِ وانگي هلڪي ٿيڻ جي شڪتي.
۴. گريما يعني ڪنهن بہ اڻي يا پتڪريءَ وانگي ڳوري ٿيڻ جي شڪتي.
۵. پراپتي يعني ڪٿي بہ پهچڻ جي شڪتي مثلا چنڊ ۾ وڃڻ وغيرهہ.
۶. پراڪاميہ يعني ڪا بہ ڪامنا پوري ڪرڻ جي شڪتي.
۷. اِشتو يعني يعني پيدا ڪرڻ يا سرجڻ جي شڪتي.
۸. وشتو يعني سڀ کي وس ڪرڻ جي شڪتي.

جيئن سڀ ڪنهن مهاڀوت کي ۵ روپ آهنتيئن گيان اِندرين کي بہ ۵ روپ آهن. گرهن شڪتي يا عامپروڄ جي سگهہ سندن اِسٿول روپ آهي. گرهيہ بابت جيڪا ڄاڻ هر ڪا اِندر پيدا ڪري ٿي سا سندس سوروپ آهي ۽ اَسمتا يا اَهنڪار اِندرين جو سوکم روپ آهي ڄاڪاڻ تہ سڀ ڪا گيان اِندري جڏهن ورتي ٿي تڏهن مانپڻي جو خيال حاضر آهي. سندن باقي بہ روپ اهڙا آهن جهڙا مهاڀوتن جا.

گيان اِندرين جي انهن پنجن روپن تي سنيم ڪرڻ سان اِندرين تي جي ٿئي ٿي. ۽ شرير اهڙو تکو هلندڙ ٿئي ٿو. جهڙو من ۽ شرير جي مدد کانسواءِ اِندريون ورتي سگهن ٿيون. ۽ پرڌان يعني پرڪرتيءَ تي سنپورن جي ٿئي ٿي (۴۸).

مهاڀوتن ۽ اِندرين تي سنيم ڪرڻ سان جيڪي قدرتون ملن ٿيون تن کي مڌوُ پرتڪا چون ٿا ڄاڪاڻ جو اِهي ماکيءَ جهڙيون مٺيون آهن. اِيڊيسن وچليءَ تي سماڌي ڪرڻ سان عجيب سڌيون هٿ ڪيون آهن پر اڳين يوگين نہ رڳي آڪاش جي هڪڙي روپ تي سماڌي ڪئي آهي پر سڀني مهاڀوتن ۽ گيان اِندرين تي. هاڻوڪن سماڌي ڪندڙن ۽ اڳين سماڌي ڪندڙن جي وچ ۾ تفاوت هي آهي تہ هاڻوڪا پنهنجون سڌيون ظاهر ڪن ٿا ۽ اڳيان گپت رکندا هئا ۽ فقط پاٽرن کي پنهنجي وديا ڏيندا هئا. صاف آهي تہ ۸ سڌيون جيڪي مٿي ٻڌايون ويون سي اهڙيون آهن جي جيڪڏهن اَپاترن کي ملن تہ جهان برباد ڪري ڇڏين. انگريزن ۾ ڪي ماڻهون آهن جي ٻين کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائي سگهن ٿا اها وڏي شڪتي آهي ۽ هاڻي ڪيترا پيا چون تہ اهڙو قاعدو ڪڍڻ گهرجي جنهن ڪري انهيءَ وديا سيکارڻ لاءِ خاص مڪتب هئڻ گهرجن ۽ جو اهڙي مڪتب ۾ پڙهڻ کان سواءِ ۽ سرڪار کان اجازت وٺڻ کان سواءِ اهڙي وديا ڪم آڻي تنهن کي سزا ڏجي؛ اهڙي قاعده جو گهڻو ضرور آهي ۽ نيٺ ٿيندو. هن مان صاف ظاهر آهي تہ اڳين يوگين پنهنجي وديا گپت رکڻ ۾ وڏي ڏاهپ هلائي. مٿين سببن کان سواءِ ٻيو بہ سبب آهي جو هيٺ پورو ظاهر ٿيندو.

سور ج تي سنيم ڪرڻ سان ڀوُون گيان يعني سورج جي چوڌاري جيڪا پکيڙ آهي تنهنجي ڄاڻ ملي ٿي. (۴۲). چنڊ تي سنيم ڪڻ سان تارا ويوه يعني تارن جي جوڙجڪ ۽ سنجت جو گيان ملي ٿو. (۴۷).

آڪاش ۽ ٻڌڻ جي شڪتيءَ جي وچ ۾ جو سنبند آهي تنهن تي سنيم ڪرڻ سان سيڪو آواز ڪهڙي بہ قسم جو ٻڌي سگهجي ٿو ۽ انهيءَ قدرت کي دويہ شروتر سڏيندا آهن. (۴۹). ۽ سبد جي

۸ارٿ ۽ ڄاڻ انهن ٽن جي ڌار ڌار علقه تي سنيم ڪرڻ سان سڀني آوازن جي  سمجهه ٿي سگهي ٿي. جيئن راڳن تي انگريزي ۽ هندي ۽ پارسي ۽ ٻيا راڳ سڀ ٻڌائي سگهجن ٿا. تيئن چت تي پرڪرتيءَ جا سڀ راڳ ٻڌائي سگهجن ٿا. تيئن چت تي پرڪرتي جا سڀ راڳ ٻڌائي سگهجن ٿا. واڄن ۾ گهڻو هنر آهي. پر چيتن ۾ اُنهن کان وڌو هنر آهي. واڄن جا پردا اهڙا ناهيل جو سڀني آوازن جا روپ ڏيکاري سگهن ٿا. پر چيتن ۾ اهڙا پردا آهن جو سڀ آواز سمجهي سگهن ٿا.

ٻاهريان آواز ماڻهون ستن هنڌن مان ڪڍي ٿو يعنيٰ نرگهٽ ڄڀ جي پار - ڏند - چپ- تارون- نڪ ۽ مٿو. پر اَندر ڇاتيءَ ۾ اهڙو هنڌ آهي جتان اَندرائين  اَندران آواز نڪري سگهن ٿا ۽ ڪي اهڙا آواز ائين ڪڍن ٿا جو ڄڻ ته منجهن ٻه ماڻهون آهن ۽ هڪ ٻئي کي جواب پيا ڏين. انهن قسمن جي آواز مان سڀ آواز ٿين ٿا جڻن ستن رنگن مان سڀ رنگ ٿين ٿا ۽ جيئن ستن قسمن اکرن جي مان سڀ ڪتاب نهن ٿا. مئڪس مولر ڏيکاريو آهي ته ٣٢ يا ٣٣ ڌاتن مان سڀ زبانون نهيون آهن. ۽ ودڪ دريافت بعد انهن ڌاتن جو به عدد گهڻو ڪري گهٽ ٿيندو پر خود ڌاتو اکرن مان‌نهيل لفظ آهن ۽ هرڪ واکر آواز جو واهن آهي ۽ هر ڪنهن جدا جدا آواز سان آد کان سنديس معنيٰ ٻَنڌِيل آهيءَ ائين يوڳي شبدارٿ ۽ ڄاڻ تي سنيم ڪرڻ سان سڀ آواز  سمجهي سگهي ٿو ۽ سرشٽيءَ جو راڳ ۽ پڻ اندر جو ناد ٻڌي سگهي ٿو.

آڪاش سڀ ڪنهن هنڌ آهي ۽ آڪاش ۽ ڪايا جي وچم جو سنٻنڌ آهي تنهن تي سنيم ڪرڻ سان يا ڪنهن به هلڪي شيءَ سان سماڌي جي وسيلي پاڻ کي هڪ ڪرڻ سان ڪايا اهڙي هلڪي ٿي سگهي ٿي جو سج جي ترورن تي يا ڪوريئڙي جي ڄاريءَ ۾ جهڙين تندن تي يا پاڻيءَ جي ڦڙن تي چڙهي آڪاش گمن يا گشت ڪري سگهي ٿي.

اهڙي طرح ڪايا جي روپ تي سنيمڪرڻ سان گراهيه پسڻ جي شڪتي بند ڪري ۽ اکين ۽ پرڪاش جو سنجوڳ ڪپي ڪايا کي اَنتذاني ا گم ڪري سگهي ٿو. (٣/٢٩). پرڪاش ستو جي خاصيت آهي ۽ اکين جو پرڪاش جڏهن ٻاهرين پرڪاش سان گڏجي ٿو تڏهن نظر پوي ٿي تنهن ڪري جڏهن يوڳي پنهنجي ڪايا جي روپ تي يعنيٰ اُنهي خاصيت تي جا سندس ڪايا درشت ڪري ٿي سنيم ڪري ٿو تڏهن  پنهنجي ڪايا جي روپ تي يعنيٰ اُنهي خاصيت تي جا سندس ڪايا درشت ڪري ٿي سنيم ڪري ٿو تڏهن پنهنجي اکين جي پرڪاش ۽ ڪايا جي پرڪاش جي وچم جو سنجوڳ آهي سو نوري سڀ پرڪاش چت ۾ ڪٺو ڪري ٿو ۽ ائين پنهنجو شرير الوپ ڪري سگهي ٿو ۽ ساڳيءَ طرح ٻين اِندرين جي نسبت به هلت ڪري سگهي ٿو.

وري ڇهرا يا آواز يا ٻين من جي اوستا جو گيان ملي سگهي ٿو ۽ اِهو گيان هٽ ڪري من جي والاريندڙ خيال تي سنيم ڪري ٻين جا خيال به ڄاڻي سگهجن ٿا (٣/٤٠-٤١).

دن وٽ جو پدم آهي ۽ جنهن کي ناپ ڪري چون ٿا. انهيءَ جي سنيم ڪرڻ سان ڪايا ويوه جو گيان ٿئي ٿو يعنيه بت جي ترڪيب ۽ جوڙجڪ ۽ ناه نوهه بابت پوري سڌ پوي ٿي. (٣/٤٣).

اَناهت چڪر يعنيٰ هردي واري پدم تي سنيم ڪرڻ سان چت گيان ٿئي ٿو يعنيٰ پنهنجي چت جو گيان ئو پڻ ٻين جي چتن جو گيان ملي سگهي ٿو. (٣/٣٤).

ڪنٺ ڪوپ يعنيٰ نڙيءَ ۾ جو پدم يا چڪر آهي اُنهيءَ ۾ سنيم ڪرڻ سان بکه ئو پياس نورت يعنيه ناس ٿين ٿا. (٣/٣٠)

آناهت چڪر يعني هردي واري پدم تي سنيم ڪرڻ سان چت گيان ٿئي ٿو يعني پنهنجي چت جو گيان ۽ پڻ ٻين جي چتن جو گيان ملي سگهي ٿو (٢/٣٢).

ڪنٺ ڪوپ يعني نڙيءَ جو پدم يا چڪر آهي اُنهيءَ تي سنيم ڪرڻ سان بک ۽ پياس نورت يعني ناس ٿين ٿا. (٣/٣٠).

هردي ۽ نڪ جي چوٽيءَ جي وچ ۾ جو وايو جهلجي پوي ٿو تنهنکي پران چون ٿا. ۽ جو هردي ۽ ڌُن جي وچ ۾ جهلجي پوي ٿو تنهن کي سمانچون ٿا ۽ جو ڌُن ۽ پيرن جي آڱرين جي وچ ۾ جهلجي پوي ٿو تنهنکي اُدان چون ٿا ۽ سڄي بت ۾ وياپڪ آهي تنهنکي ويان چون ٿا ۽ هرڪو ڌار ڌار ڪم ڪري ٿو يعني پران جيئرو رکي ٿو ۽ سمان اندرين آگن پالي هاضم ڪرائي ٿو ۽ آپان بت مان ڪِنُ ڪڍي ۽ اُدان شبد وغيره متي ڪڍي وجي ٿو ۽ ويان تحرڪ ڪرائي ٿو. ۽نهن ڪمن ڪرڻ ڪري انهن پنجن کي ٻيا نالا ڏنل آهن يعني ناگ- ڪرم -ڪرڪل- ديودت ۽ ڌنانجئي. يوگ سوترن ۾ لکيل آهي تہ اُدان تي سنيم ڪرڻ سان قادر ٿي يوگي اُڏامي سگهي ٿو ۽ پاڻي ۽ مٽي ۽ ڪنڊا هن کي ڇهي نٿا سگهن. (٢/٣٩) ۽ سمان ئي قادر ٿي آندرين آگني يا وجلي‌سڄي بت ۾ ڏسي سکهجي ٿي ۽ سڄي ڪايا چمڪي ٿي ۽ چقمق جهڙي شڪتيءَ جو مدار ٿئي ٿي (٢/٤٠) ۽ ڪرمنادي يعني اُهو خاص هنڌ جتي ڪرم وايو رهي ٿو اُنهيءَ تي سنيم ڪرڻ سان اِسترتا ٿئي ٿي يعني بت اهڙو ڪپ ڪوڙي سگهجي ٿو جو ڪوبہ چوري نہ سگهي.

ٿورا ڏينهن ٿيندا جو انگريزي اخبارن ۾ هڪ استريءَ جي بابت لکيو هئائون تہ هن جي بت ۾ چقمق آهي ۽ هنجي رڳي هٿ مٿان رکڻ سان وڏيون ميزون وغيره زمين کان مٿي اُٿي بيهو رهن ۽ ڪيس ڪو بہ چوري نٿو سگهي. اِها شڪتي هن ۾ اڳين جنمن جي ڪري پيدا ٿيل ٿي ڏسجي ڇاڪاڻ تہ يوگ سوترن موجب اهڙيون شڪتيون نہ رڳي سماڌي پر جنم -اوشڌين - منترن يا تپ سان بہ اچي سگهن ٿيون (٤/١) پر جي سماڌيءَ ڪري ٿين ٿيون سي اُتم آهن ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي زور سانماٿهون ائين بہ ڪري سگهي ٿو جو گهڻا شرير ڌاري پنهنجو چت واسنائن کان آجو ڪري (٤/٦).

ڪنهنجي بہ ٻل تي مثلا هاٿيءَ جي ٻل تي سنيم ڪرڻ سان اُهو ٻل هٿ ڪري سگهجي ٿو (٣/٤٤) ۽ مئترا يا ٻين جي سک تي خوش ٿيڻ- انهيءَ تي سنيم ڪرڻ سان ڪنهنجي بہ مترتا ڪنهن بہ وقت هٿ ڪري سگهجي ٿي (٣/٤٣) ۽ ڪرم تي سنيم ڪرڻ سان عمر جي پوري ٿيڻ وقت ڄاڻ پوي ٿي (٣/٤٢). ڪرم ٻن قسمن جو آهي هڪڙو ايهو جو پنهنجو ڦل پيدا ڪرڻ تي آهي ۽ ٻيو اُهو جنهنجو ڦل ڄڻ ستو پيو آهي ۽ پوءِ سڄاڳ ٿيڻو آهي. يوگيءَ کي سڌ پوي ٿي تہ ڪهڙو ڪرم ڦل پيدا ڪرڻ تي اهي ۽ ڪهڙو نہ ۽ ائين هن کي مٿين ڄاڻ ٿئي ٿي.

وري سنسڪارن تي سنيم ڪرڻ سان يعني چت ۾ انهن کي ساکشات ڪرڻ سان پوُرو ڄاتي يا اڳ ٻين جنم جو گيان ٿئي ٿو(٣/١٨). سنسڪار بہ ڪي آهڙا آهن جي ڄاتي - آيو ۽ ڀوڳ پيدا ڪن ٿا ۽ ڪي اهڙا آهن جي فقط اڳين انوڀون جي سمرت پيدا ڪن ٿا. جيڪي نتيجا نڪرن ٿا سي اُنهن ٻن قسمن سنسڪارن مان آهن ۽ تنهنڪري انهن نتيجن جو ماضيءَ سان سنبنڌ سماڌيءَ جي وسيلي سمجهي سگهجي ٿو.

ستو يا اندرين جوت تي سنيم ڪرڻ سان جيڪي سوکم يا گپت يا دور آهي تنهن جو گيان ٿي

سگهي ٿو (٣/٢٥) ۽ پرش تي سنيم ڪرڻ سان پرش جو گيان ملي ٿو (٣/٣٥). ستو ۾ جڏهن پرش جي ڇايا پوي ٿي تڏهن ستو ۾ چِٽ تہ جيوت پوي ٿي ۽ پوءِ جيڪو ستو کي انوڀو ٿئي ٿو سو ستو پنهنجو ڪري سمجهي ٿو ، پر ستو جا ڪرم پرش لاءِ آهن ۽ ستو جو خاص ڪم اِهو آهي تہ پاڻ کي پرش ۾ ليءَ ڪري . تنهن ڪري پرش تي سنيم ڪرڻ سان پرش گيان ٿئي ٿو ۽ اُنهي گيان مان پنجن تن ماترائن جي اهڙي ذاتي پروڙ ٿئي ٿي جنهنجو ديش ڪال جي اوستائن سان لاڳاپو نہ آهي. اسان کي جيڪو گيان آهي تنهنجو ديش ڪال سان سنبند آهي ڇڪاڻ تہ اسين يوگ بنا ڇائي رهت جوت نٿا ڏسي سگهون پر يوگ بل سان اهڙي شڪتي پيدا ٿئي ٿي جا اهڙي جوت ڏسي سگهي ٿي ۽ اهڙو گيان لهي سگهي ٿي جنهن ۾ موه جو ڪجهہ بہ رنگ نہ آهي . اهڙي گيان شڪتيءَ کي پرتيا سڏيندا آهن ۽ جڏهن اُها موکيہ ڪرائي ٿي تڏهن انهيءَ کي تارڪ گيان بہ سڏيندا آهن. يوگ سوترن موجب پرتيا مان سڀ ملي سگهي ٿو (٣/٣٣) اهڙي طرح جو ستو ۽ پرش جي سنبند تي سنيم ڪري ٿو تنهن کي سروگيان ملي ٿو ۽ هو سروتي قادر ٿئي (٣/٧٩).

◆◆

## سنڌيت جو ڪلا مندر- سيتا سنڌو ڀون

✍ يوڄراج اين. ڪيماڻي ’ڪرانتي‘
Mob:. 9821607039

1. ممبئيءَ ۾ سيتا سنڌو ڀون
سنڌيت جو لوڪ پريہ ڪلا مندر
دنيا جي سنڌين لاءِ شرڌا وارو
آ سنڌيت جو آستان سُندر
2. ڪتان ڪتان جا گايڪ اچي هت
گيت سنگيت جي موڄ مچائين ٿا،
سنڌيت جو ورثو اباڻو
ساري دنيا ۾ ڦهلائين ٿا
3. ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا
سيتا سنڌو ڀون کي مهڪائي ويا
يادگار رام پنجواڻيءَ جو
تيرٿ اِستان بڻائي ويا.
4. ٺاڪر - پارو پريوار اڄ ڀي
سنڌو ڀون جو آهي سينگار
سيتا سنڌو ڀون تان ”ڪيماڻي“
هر هڪ سنڌي آ بلهار.

◆◆

## ڊاڪٽر سترام ماکيجا”سنڌو رتن“

✍ يوڄراج اين. ڪيماڻي ’ڪرانتي‘
Mob:. 9821607039

1. ٽيهہ سال سانده سنڌي ڪلاس هلايا،
ڀاشا بچائڻ جي ڀڀڀدي جا ڪاريہ ڪيا.
2. سنڌي ڪوي سڀا ٺاڻي جو وڏو آڌار آ،
ڀاشا جي واڌاري لاءِ سدائين تيار آ.
3. مذريج بيورو سڪ شرڌا سان هلائي پيو،
يوگيہ جوڙا شادي لاءِ خوب ملائي پيو.
4. نشڪام سماج سيوڪ، دل جو نيڪ مهان آ،
پر اُپڪاري سنڌو رتن ڊاڪٽر سنڌين جو شان آ

◆◆

## साँझ और सवेरा

✍ वर्षा तेजवानी

कभी साँझ तो कभी सवेरा सा रिश्ता है दोस्ती
अनचाहे रिश्तों से परे मनचाहा रिश्ता है दोस्ती।
वादों और वफाओं से परे है दोस्ती
सच्चा और प्यारा रिाता है दोस्ती
कान में खुसर पुसर करके दिलों का हाल बताती दोस्ती
अलग हो के भी दिल के करीब है दोस्ती
दोस्त कि खुशी में खुश , दुख में दुखी है दोस्ती
है बहुत ही प्यरा और न्यारा रिश्ता दोस्ती
कभी साँझ तो कभी सवेरा है दोस्ती।

◆◆